
شيخ اياز
ڪتين ڪرَ موڙيا جڏهن

# ڪتين ڪرَ موڙيا جٿهن

# ڳتين ڳرَ موڙيا جنهن

(شاعري)

ٻاڳو ڇپريون

## شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1992ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ستونجاهه

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | سهيل پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ | ڪمپيوٽيچ سسٽمس، محمدي پلازه<br>گاڏي کاتو حيدرآباد، سنڌ. |
| ٽائيٽل ڪيليگرافي | شاهد گل پيو |
| پهريون ايڊيشن | فيبروري 1992ع |
| | قيمت 90/- رپيا |


(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

KATIUN KUR MORYAA JADDAHIN (Poetry) Part I. Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition February 1992. Price per Copy Rs.90/-

**انتساب**

پنهنجي روسي محبوبه
ارينا جي نالي

- شيخ اياز

## ٻه لفظ

* اي موت! مان اڃا لکان پيو. تو کي منهنجي ڪمري ۾ اچڻ جي اجازت نه آهي!

* ڊاڪٽر! تو چيو آهي ته شاعري منهنجي صحت لاءِ چڱي نه آهي ۽ انڪري تو صلاح ڏني آهي ته جيستائين مان بيمار آهيان، ڪجهه نه لکان. ڇا تون گارنٽي ڏئي سگهندين ته جي مان ڪجهه نه لکان ته نه مرندس؟

*

ان خواب جي نالي جو مون سومر رات ٢٣ سيپٽمبر ١٩٩١ع تي ڏٺو ته مون وٽ هڪ ڪبوتر آهي، جنهن جا پير منهنجي هٿ ۾ آهن ۽ جنهن جو ڪنڌ آسمان ۾ آهي. چوڌاري ڪيئي ماڻهو بيٺا آهن، جي هن کي تير هڻن ٿا پر تير هن کي ڪو نقصان نه ٿا پهچائن ۽ ڪکن وانگر پَري هيٺ ڪري پون ٿا. هو ڪين ٺهڪ ڏئي چوي ٿو:

”مونکي ڪوبه ماري نه ٿو سگهي،
مونکي ڪوبه ماري نه ٿو سگهي.

شيخ اياز

هند ۽ سنڌ جي مهان ليکڪ شيخ اياز جو ڪتاب ’ڪَتين ڪَرَ موڙيا جڏهن‘ جو پهريون ڀاڱو اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڀاڱي ۾ اٽڪل 1200 بيت آهن ۽ 102 صفحن جو مهاڳ آهي. ٻيو ڀاڱو اٽڪل 500 صفحن جو ٿيندو. اگر ٻئي ڀاڱا گڏي ڪيجن ها ته ڪتاب 850 صفحن کان به مٿي ٿي وڃي ها ۽ پڙهندڙن جي قوت خريدي کان وڌيڪ قيمت ٿئي ها. ان ڪري پڙهندڙن جي سهوليت خاطر ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ڏجي ٿو.

ٻي ڀاڱي ۾ شيخ اياز جون اٽڪل 167 وايون، 75 نظم، آزاد نظم، دوها، گيت شامل آهن. انهن سان گڏ اٽڪل 200 صفحا نثر ۾ انهن مشرق ۽ مغرب جي شخصيتن ۽ حالتن تي به لکيا ويا آهن جن جو ذڪر هن ڪتاب جي پيش لفظ ۽ بيتن ۾ ٻي ڪتاب جي شاعريءَ ۾ آهي. اِهي نوٽ نه رڳو سنڌي ادب پر پوري برصغير جي ادب جي هڪ بي مثال ڪوشش آهي ۽ شاعر جي بي انتها وسيع مطالعي جو ثبوت آهي. انهيءَ ڪتاب کان پوءِ اسان ڪي شيخ اياز جا هيٺيان ڪتاب شايع ڪرڻ لاءِ پهتل آهن.

(١) ننڊ ولوڙيون
(٢) سورج مُکيءَ سانجهه

_ فيروز احمد

# مهاڳ

٢٦ مارچ ١٩٩١ع تي رات جو مونکي ننڊ مان ١٢ بجي جاڳ تي ۽ ڇاتيءَ، کٻي ٻانهن ۽ کٻي ڪلهي ۾ سور پيو. احتياطاً Sub-lingual (زبان هيٺان) آئسوڊرل فائيو (Isodril 5) رکي، جنهنجو Generic (جنسي) نالو Sorbide Nitrate آهي؛ جو تہ اُن جي استعمال سان دل جي تڪليف گهٽجي ويندي آهي، پر سورُ وڌندو ئي رهيو. مون ڀانيو تہ انجائنا (Angina) جو حملو آهي. پنهنجي پٽ سليم کي فون ڪيم، جيڪو ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۾ دل جي شعبي جو انچارج آهي. هونءَ تہ هر ذهين منٿين ڪانپوءِ اُهي ٽي گوريون رکٽيون آهن پر جي اثر نہ ڪن تہ نئين تحقيق مطابق اُهي پنج پيرا رکي سگهجن ٿيون. هڪ بجي تائين اهي گوريون بار بار رکندا رهياسين پر سُور وڌندو ئي رهيو ۽ مان بستري تي ليٽي بہ نہ ٿي سگهيس. سليم چيو تہ: "بابا ڪارڊيو وئسڪيولر انسٽيٽيوٽ ۾ هلون". مون اُتي پڙهڻ لاءِ ٽئگور جو آخري ڪتاب Wings of death پاڻ سان کنيو. اتفاق سان وِيل چيئَر اسانجي بلڊنگ ۾ موجود هئي، جا ٻين ضروري شين سان گڏ گهرائي رکي اٿائون. سليم مونکي اُن تي ويهاري، لفٽ مان لاهي، پنهنجي ڪار ۾ ويهاري انسٽيٽيوٽ ۾ آيو ۽ پنهنجي اُستاد ڊاڪٽر اسلم کي فون ڪيائين جو اداري ۾ سيني ڪان سينئر پروفيسر آهي ۽ جنهن جو گهر بہ انسٽيٽيوٽ جي پر ۾ آهي. ڊاڪٽر اسلم جي پهچڻ ڪان اڳ ۾ مون کي ڪامن وارڊ ۾ بستري تي ليٽائي ڊرپ Drip ڏنائون ۽ پوءِ پٽنيڊرڻ جون بہ انجيڪشنون ڏنائون، جيستائين ڊاڪٽر اسلم آيو، منهنجو سور گهٽجي ويو هو ۽ پوءِ ننڊ وٺي وئي. سليم ۽ زرينا جاڳندا رهيا. انيس جو ڪجهہ دور رهندو آهي، انکي بہ اطلاع ڪيائون ۽ هو بہ پهچي ويو هو. ان وچ ۾ مونکي ڊرپ سوڌو

ٻي فلور تي Intensive Care Unit ۾ تبديل ڪيو هيائون.

صبح سان چاتي، ڪُلهي ۽ ٻَنيءَ ۾ سور ڪونہ هو. مون ڊاڪٽر کان پڇيو تہ مان ڪجهہ لکي سگهان ٿو، پر هن چيو تہ تو کي انجائنا جو Spasm ڪونہ هو؛ اِي-سِي-جِي (E.C.G.) انفراڪشن (Infraction) ڏيکاري ٿي. هڪ انفراڪشن توکي ڏهاڪو سال اڳ ٿيو هو. جي تنهنجو سور لهي ويو آهيَ تہ تون اخبار ڏسي سگهين ٿو. مون کي ڊاڪٽرن جي صلاح تي اعتبار نہ ايندو آهي. اڳي چوندا ها تہ سبزين جو گيھہ چڱو آهي ۽ مکڻ چڱو نہ آهي. منهنجو دوست ڊاڪٽر احسان سبزين جو گيھہ کائي تي پيرا هارٽ اٽيڪ کان پوءِ مري ويو. هاڻي چون ٿا تہ گيھہ Hydrogenation کان پوءِ ٿو ٿهي ۽ دل ۾ وڏيڪ جمي ٿو وڃي ۽ انڪري مڪئيءَ جو تيل (Corn Oil) کائڻ کپي. صحتمند ماڻهن کي بہ هر قسم جا تيل کائڻ کپن. منهنجو دوست حنيف منگي گيھہ ۾ تريل ڪڙاهي گوشت کائي کائي تازو مري ويو. مون ڪيترا اسي ورهين جا ڏنڊا ڏوتا پوڙها ڏٺا آهن جي مکڻ جا چاڻا کائيندا آهن، جيتوڻيڪ ٿوري گهٽي ورزش ڪندا آهن. وري ڊاڪٽر چوڻ لڳا تہ ريڊ ميٽ (ڳاڙهو گوشت؛ ٻڪريءَ، ڳانءِ، آڙي وغيره جو) دل لاءِ خراب آهي، مڇي ۽ وائيٽ ميٽ (اڇو گوشت؛ ڪڪڙ، تتر، سيهي وغيره جو) کاڌو وڃي. تازو مون آمريڪي هفتيَّ وار * News Week ۾ پنج صفحا آرٽيڪل پڙهي، جنهن ۾ لکيل هو تہ اڇو گوشت بہ نقصانڪار آهي، ڀاڇيون ۽ ڦل فائدي وارا آهن؛ جي پروٽين وارو کاڌو کائڻو هجي تہ جپاني کاڌي وانگر ٿورڙا اوباڙيل جانور ۽ ٿوري مڇي بہ کائجي.

---

* 9/8/91 واري نيوز ويڪ ۾ کاڌي تي مضمون آيو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ سيلري *(Celery)، Broccoli جا گوبيءَ جي قسم جهڙي ڀاڄي آهي ۽ سائي رنگ جي ٿيندي آهي جا مون هتي ڪٿي نہ ڏٺي آهي. گريپ فروٽ ۽ ان جي ڪل ۾ اڇي ڳر سوڏي نڪتل رس جيڪا ٿڌمن بہ مان ڊاڪٽر اسلم جي هدايت تي روز پيئندو هوس، Flax Seed (سڻيءَ جو ٻج) جو يورپ ۾ تہ ڊبل روٽيءَ ۾ وجهندا آهن پر هتي مان اچا هٿ ڪري نہ سگهيو آهيان. ٿوم ۽ سويابين (Soyabean) جي مونکي نرگس لطيف آڻي ڏنيون، سي بہ دل جي بيماريءَ ۽ ڪئنسر تي حيرت انگيز اثر ڪن ٿا.

* پر مانند ميوارام جي ڊڪشنريءَ ۾ Celery جي معني ول جاڻ ڏيکاريل آهي. مان ڄامشوري ۾ ان جو ٻج لاهور مان گهرائي پوکايو هيو.

منهنجو دوست راجاڻي لنڊن مان Total Nutrition نالي ڪتاب آندو هو جنهن ۾ پين ڪاڌن سان Lintel (مهري يا مسور جي دال) بہ دل لاءِ فائديمند ڏيڪاريل آهي.

سو مون ڊاڪٽر جي صلاح ڪي وزن نہ ڏنو ۽ ٽئگور جو ڪتاب Wings of death پڙهڻ لڳس. اهو ڪتاب مون ١٩٦٣ع ۾ ٽئگور جي ڪتابن ۽ ٽئگور تي لکيل پنجهٺ ڪتابن سان گڏ بمبئيءَ ۾ ورتو هو جو ٽئگور تي مون ڪي ڪتاب لکڻو هو. پر ڪيترن ئي سببن ڪري اجا لکي نہ سگهيو آهيان. مٿين ڪتابن مان مون پيا ڪتاب پڙهيا هئا پر Wings of death رهجي ويو هو، ڇو تہ اُن وقت مان زندگيءَ جي ڀرپور جدوجهد ۾ مصروف هوس ۽ انڪري مونکي اِن ڪتاب جو نالو نٿي آئڙيو. بهرصورت مون ٽئگور تي لکيل ڪتابن ۾ پڙهيو هو تہ هن جا آخرين ڪتاب پرانتڪ (سرحد) روگاسجيہ (بيماريءَ-روڳ جو بسترو) آروگيا (صحت يابي) ۽ سيش ليکا (پويان نظم) هيا ۽ ان ڳالھ جو ذڪر مون اڳ بہ ڪٿي ڪيو آهي. ان ڪتاب جي مهاڳ ۾ مترجم اربندوبوس لکيو هو تہ نومبر، ڊسمبر ١٩٣٩ع ۾ مهاتما گانڌي زال سميت ٽئگور کي شانتي نِڪيتَن ۾ ڏسڻ آيو، جو هو بيمار هو. آگسٽ ١٩٤١ع تي هن جي آپريشن ٿي ۽ هو سَتن ڏينهن جي بيهوشيءَ کانپوءِ گذاري ويو. چيو ويو آهي تہ بيماريءَ جي عرصي ۾ هو رَوزُ هڪ نئون نظم لکندو هو. جيتوڻيڪ ترجمي ۾ ڪُل ٩٤ صفحا شامل آهن. هُن آپريشن واري صبح جو بہ هڪ نظم لکيو هو جو هُو درست ڪري نہ سگهيو هو. مترجم جو چوڻ آهي تہ اهو نظم هن کي پوري طرح سمجهہ ۾ نہ آيو-آهي ڇو تہ ٽئگور ان کي درست نہ ڪري سگهيو هو يا اُهو نظم هُن موت ۽ حياتيءَ جي سرحد تي لکيو هو، جتي هو اُها ڳالھ ڏسي پٽي سگهيو جا مترجم لاءِ چڱيءَ طرح سمجهڻ ناممڪن هئي. بهرصورت هن اُنهيءَ نظم جي ترجمي جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي ۽ ڪتاب جي آخري صفحي تي ٽئگور جي هڪ خط ڪان اڳ ۾ ڏنو اٿائين.

مون سوچيو تہ: مان روميءَ وانگر ان ۾ اعتبار ڪندو آهيان تہ:

*"شاد باد اي عشق- خوش سودائيِ ما
اي طبيب جُملہ علت هائي ما"

سو ڊاڪٽر چا بہ چوي، آنءُ اهو ڪتاب پڙهندس، جي ٽئگور بيماريءَ ۾ پن سالن کان مٿي عرصو روز هڪ نظم لکي سگهيو ٿي تہ مان ڇو نہ لکي سگهندس؟

پهريون منهنجو زندگي جو فلسفو، يوناني فلسفي Epicurius وارو هو جو خوشيءَ کي زندگيءَ جي منتها (End) سمجهندو هو. پر هُو خوشيءَ ۽ خوشيءَ ۾ فرق ڪندو هو. خوشي جا شاعريءَ ۾ آهي سا سوئر جي شڪار ۾ نہ آهي ۽ نہ تاس جي ڪنهن بازيءَ ۾ آهي، پوءِ اُها رمي ۾ هجي يا بِرج ۾ هُجي. مونکي ياد آيو تہ شڪارپور ۾ اسان جي گهر سان بلڪل لاڳيتو هڪ نم جو وڻ هو جو اسانِ جي گهر جي ديوار سان گسندو، تہ ماڙ تائين ويندو هو. مان صبح جو چئين بجي اٿندو هوس ۽ پيت تان نم جي وڻ جي ڏار تي چڙهي ويندو هوس ۽ تازو ڏندڻ ڇني، چٻي ڪري ڏندن کي صاف ڪندو هوس. اسانِ جي گهر جي سامهون گهر هوندا هئا، جتي ڪُنبيءَ ململ جهڙيون ڇوڪريون، اونهاري جي پُٽ ۾ دريءَ جو هڪِ طاق کولي ۽ هڪ طاق پوتي، پوتيل طاق پويان ننگيون تي سِنان ڪنديون هيون ۽ مونکي نظر اينديون هيون. هو مونکي رات سبب ۽ ٻارين جي وچ ۾ ڏسي نہ سگهنديون هيون. مان پانيان تو اهڙو نظارو روهڙي واري بيڪس ڪڏهن سنڌوءَ جي ڪناري تان بہ ڪونہ ڏٺو هوندو. اُتي بہ ڇوڪريون ڪپڙا پائي، نديءَ جي پاڻيءَ ۾ سِنان ڪنديون هونديون. ها، مُرليءَ واري موهن مُراري جمنا ۾ گوپيون وهنجندي ائين ڏٺيون هونديون. اها ڳالهہ مون تڏهن ياد ڪئي هئي جڏهن تاشقند ۾ منهنجي روسِي گائيڊ ارينا (يوناني لفظ آهي، معنيٰ آتَس تقدير) سِومنگ ڊريس (Swimming Dress) جا فقط ڪَڇو ۽ اڌوري اَنگي هُئي، پائي ڍَنڍ ۾ تري هئي ۽ ڍنڍ مان نڪرڻ وقت

* اي عشق! اسان جا چڱا سوداءِ، خوش رهہ!
اي اسانجي سيني بيمارين جا طبيب! خوش رهہ!

مونکان سهارو ورتو هيائين. اهڙو فوٽو منهنجي همسفر اُردوءَ جي شاعر خاطر غزنويءَ ڪڍيو هو جو مون ڏي پشاور مان موڪليو هيائين پر مون زرينا جي پيوَ کان اُنکي ڦاڙي ڇڏيو هو. مان ڏنڊڻ ڪري روز شاهي باغ ڏانهن هري ولي سئنيما جي رستي کان ويندو هوس. رستي تي هڪ مندر ايندو هو، جنهنَ جي ڪَلس تي اڃان چنڊ بيٺو هوندو هو. وچڻ کان اڳ ۾ مان خيام جيّ ڪائي نہ ڪائي رباعي، حافظ جو يا ڪوئي نہ ڪوئي غالب جو غزل پنهنجي تي لکي دهرائيندو ويندو هوس، ايتري قدر جو مونکي انهنَ شاعرن جو سارو ڪلام ياد ٿي ويو هو. هاڻي عمر منهنجي حافظي تيّ ڪافي اثر وڌو آهي پر تڏهن بہ انهن جون ڪيتريون سٽون اڃا ياد آهن. انهنَ مان خيام جي هيٺين رباعي تہ مونکي خاص وڻندي آهي:

* اين قافلہ عُمر عجب مي گزرد
درياب دمي کي باطرب مي گزرد
ساقي غم-فردائي حريفان چہ خوري،
پيش آرپيالہءِ کہ شب مي گزرد.

اهڙيون رباعيون يا غزل ورجائيندو مان باغ ۾ چنڊ جي روشنيءَ ۾ طرح طرح جا گُل ۽ وڻ ڏسندو هوس، جيستائين پکي جاڳندا هئا ۽ چوڏاريءَ 'چون چون' ڦهلجي ويندي هئي. شاهي باغ جي گيٽ لڳ بيگاري واهہ هيو، جنهن ۾ مان اٺين ورهين جي عمر ۾ ترڻ سکيو هوس ۽ سِکندي هڪ ڀيري ٻڏي بہ ويو هوس. اوچتو ڪنهن جو منهنجي وارن ۾ هٿ پئجي ويو هو ۽ مونکي بيهوش حالت ۾ ڇڪي ٻاهر ڪڍيو هيائين. اها ڳالهہ مون ڪجهہ ڏينهن اڳ سنڌيءَ جي مشهور شاعر ۽ اديب قمر شهباز کي ٿي ٻڌائي، جو منهنجي زندگيءَ جي باري ۾ اٽڪل ڏهين ٽيپ ڀري رهيو هو. مون هن کي ٻڌايو تہ مان ڪيئي ڀيرا ترَ تان

---

* ترجمو: هي عمر جو قافلو بہ عجيب طرح وڃي رهيو آهي.
اهو پل هٿ ڪر جو خوشيءَ سان گذري ٿو،
اي ساقي! حريفن جي ٻي ڏينهن جو غم ڪهڙو ٿو ڪرين؟
پيالو پيش ڪر ڇو تہ رات گذري رهي آهي.

موت کان بچيو آهيان. شايد ڪنهن کي مون کان ڪوئي ڪم وٺڻو آهي. مون هن کي ڪِلندي چيو ته خدا مونکي ماريندو ته نقصان ۾ ويندو ڇو ته هن کي مون جهڙو ٻيو شاعر ڪٿي ملندو ۽ مون هاڻي ئي ته موت، حيات بعد از ممات، روح، خدا وغيره تي لکڻ شروع ڪيو آهي. مون هن کي ڪيترائي اهڙا واقعا ٻڌايا، جڏهن مان موت کان بچي ويو هوس. هڪ ڀيري نٿياگليءَ کان ڪوهه مريءَ بس ۾ اچي رهيو هوس. رستي تي بارش پئجي رهي هئي؛ اوچتو مٿان هڪ وڏي ڇپ ڇڄي اچي بس جي اڳيان ڪري هئي پر ان جاءِ کان هڪ فوٽ اڳ ۾ ڊرائيور زور سان بريڪ هڻي، بس روڪي ورتي هئي. اهڙي طرح ٻي ڀيري مان ۽ زرينا واديءَ ڪاغان کان به اڳتي سيف الملوڪ ڍنڍ، تائين ٿي وياسين. زرينا وچ ۾ ڊرائيور پرسان نه ويٺي ۽ پاسي سان بس جي دريءَ لڳ ٿي ويٺي. هيٺ پارنهن، ٻارنهن هزار فوٽ اونهي وادي هئي ۽ رستو سوڙهو هو. جڏهن پاسي کان ڪائي بس يا ڪار ٿي گذري ته به ٿي ڀيرا ٽڪراوَ جو امڪان ٿيو هو. ان ڪري اسان شوگران جي ريسٽ هائوس ۾ رهي پيا هُياسين ۽ اڳتي ناران يا ڪاغان ڏانهن نه ويا هُياسين. *

ٽئين ڀيري جيڪب آباد سيشن ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي هوٽل تي ماني کاڌي. مون سان گڏ منهنجو ڊرائيور مقرب شاهه به هو. هن ڏوَ تي ماني کائي، ٿڌي لسيءَ جو وڏو گلاس پيتو جو پنجاب ۾ پيئندا آهن.

---

* شوگران ۾ به راتيون رهي اسين ائبٽ آباد موٽي آيا هياسين.
شوگران وڃڻ کان اڳ رٽائرڊ ڪرنل رحمان جا مهمان هياسين. هو پبلڪ اسڪول جو پرنسپال هو ۽ نه رڳو جنرل ايوب جو ويجهو مائٽ هيو پر اِصغر خان جو به گهرو دوست هو. هُن مونکي ٻُڌايو هو ته هن اصغر خان سان به منهنجي باري ۾ ڳالهايو هو ۽ هُن کي مون متعلق ڄاڻ هُئي ۽ مون سان ملڻ پئي چاهيائين پر اُن ڏينهن ڪنهن ميٽنگ جي صدارت ڪرڻ لاءِ پنڊيءَ ويٺو هو، سو چٺي ويو هو ته منهنجي ڪري جلد ئي ائبٽ آباد موٽي ايندو ۽ جيئن مان واديءَ ڪاغان مان موٽي اچان ته هُن وٽ ماني کاوان. اسان پري نه وياسين ۽ جڏهن شوگران مان موٽي آياسين، تڏهن پبلڪ اسڪول جي ريسٽ هائوس وٽ ڪار روڪي سين. چپراسي يڪدم ڊوڙندو آيو ته اسان هن کي چيو ته "هو ڪرنل رحمان کي اسان جي موٽي اچڻ جي باري ۾ ٻڌائي." اسان ٻجي حيرت جٖي انتها نه رهي جڏهن اسان کي ٻڌايو ويو ته ڪرنل رحمان صبح جو سائيڪل تي (جا-هو ورزش لاءِ هلائيندو هو) اسڪول ڏانهن اچي رهيو هو ته هن کي هڪ ٽرڪ چيٿاڙي ڇڏيو هو ۽ هو هُن کي دفنائي آيا ها. اسان ريسٽ هائوس ۾ نه رهياسين ۽ ڪار سڌو پنڊيءَ ڏانهن موڙيسين.

ڪم ونڻو آهي. مان ذريعو آهيان ۽ منهنجو مقصد منهنجو خامي آهي. ان ڪري اسپتال ۾ شعر لکڻ يا ڪتاب پڙهڻ مون کي نہ ماريندو. موت اچڻو تہ آهي پر مون کي اجا گهڻو ڪجهہ لکڻو آهي. دراصل مون لکيو ئي ڇا آهي ۽ في الحال تہ مون کي مرڻ جو ڪوئي ارادو نہ آهي.

* مون ٽئگور جو "Wings of death" اهو ڄاڻڻ لاءِ پڙهيو تہ آخري ڏينهن ۾ ٽئگور ڇا ٿي چوڻ چاهيو. پهريائين اهو نظم صفحي ۹۴ تي پڙهيم جا هن آپريشن جي صبح تي لکي هئي ۽ درست نہ ڪئي هئي. ان کان پوءِ صفحي ۹۲ تي هيٺيون نظم پڙهيم:-

"ڏينهن جي پهرين سج پڇيو هو"
"تون ڪير آهين؟"
ان کي ڪوبہ جواب نہ مليو هيو!
سال پٺيان سال گذرندو رهيو؛
ڏينهن جي پوئين سج ساڳو سوال پڇيو
شفق جي روشنيءَ ۾،
اولهہ سمنڊ جي ڪنارن تي،
"تون ڪير آهين؟"
اُن کي بہ جواب نہ مليو.

اهو پڙهي مون کي پنهنجي مرغوب فلسفي شوپنهار جي زندگيءَ جو هڪ واقعو ياد آيو.

"هڪ ڀيري هو هڪ ميونسپل باغ ۾ ويو. هُن پوتن سان ۽ انهن نارنگيءَ جي گُلن سان ڳالهائڻ شروع ڪيو، جي هن جي ڪلهن تي ڪري رهيا ها. هڪ چپراسيءَ، جو هن جي رَوشَ کي ڏسي وائڙو ٿي ويو هو، هن شوپنهار کان پڇيو تہ هو ڪير آهي. شوپنهار هن کي حيرت سان ڏسي چيو "جي تون مون کي ٻڌائي سگهين تہ مان ڪير

* جڏهن ٽئگور ۱۹۴۱ع ۾ گذاري ويو هو، مان شڪارپور ۾ C&S ڪاليج ۾ پڙهندو هوس. ڪاليج مان موٽندي اها ڳالهہ مون کي پروفيسر ڄيٺملاڻي (هندستان جي مشهور سياستدان رام ڄيٺملاڻي جي چاچي) ٻڌائي هئي تہ مان سارو رستو گهر تائين اوڇنگارون ڏيندو ويو هوس. هيترو مان ان ڪيفيت ۾ نہ هوس تنهن ڪري اهو ڪتاب مون پنهنجي لئبرريءَ مان ڪڍائي پڙهيو.

آهيان، تہ مان ساري عمر لاءِ تنهنجو احسانمند رهندس.“

مان پانيان ٿو تہ ٽئگور هڪ وسيع مطالعي وارو شاعر هو ۽ هُن شوپنهار وارو مٿيون واقعو پڙهيو هوندو، جو هن جي تحت الشعور ۾ هوندو جڏهن هن مٿيون نظم لکيو هو. ان ساڳي موضوع تي بلاشاهہ جو راڳ آهي تہ:

”بُليا! ڪي جاڻان، مين ڪونُ؟“

جو مهدي حسن نهايت چڱو ڳاتو آهي ۽ جو مان صبح جو روز وڄائيندو آهيان ڇو تہ اها جستجو مون ۾ شروع کان رهي آهي ۽ ان جو جواب مُنهنجي من ۾ بار بار اڀرندو هو پر شڪ جي ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويندو هو. پر اهو منهنجي اڳين ڪتابن ’اير چند پس پرين‘، ’هينئڙو ڏاڙهون گُل جئن‘ ۾ واضح طور آيو آهي پر هن زير نظر ڪتاب ’ڪَتين ڪرَ موڙيا جڏهن‘ ۾ ڪافي واضح طور موجود آهي. مان ان تي وڌيڪ لکان، ان کان اڳ، ڇاڪاڻ جو شوپنهار جو ذڪر نڪتو آهي، پنهنجي فلسفي جي مطالعي جي باري ۾ ڪجهہ لکندو وڃان. مون دنيا جا گهڻا فلسفي افلاطون، ارسطو، ايپي ڪيورس (Epicurus)، روم جو حاڪم مارڪس آريليس (Marcu Aurelius) ڪرستان سنياسي (Friar) سينٽ فرانسز آف آسيسي، جنهن تي ڪازان زاڪسُ جي ناول منهنجي نند ڦٽائي ڇڏي هئي ۽ سينٽ ٿامس آڪئناس (Aquinos) (مون جنهن جو ڪتاب سکر ۾ ڪرسمس جي رات هڪ چرچ مان ورتو هو جا ڪُئينس روڊ تي هُئي)، ڊيڪارٽ، فرانسز بيڪن (جنهن لاءِ چيو ويو آهي تہ شيڪسپيئر وارا ڊراما هن لکيا هيا)، وحدت الوجودي اسپنوزا، لاڪ (Lock)، هيوم، والٽيئر، ڪانٽ، هيگل، شوپنهار، ايمرسن، اسپينسر (جو، حشوءَ مرحوم محمد امين کوسي کي پڙهڻ لاءِ ڏنو هو، جنهن کي اهو ڪتاب ايترو تہ وڻيو هو جو هن ڪيس موٽائي ڪونہ ڏنو هو.) علامہ اقبال کي متاثر ڪندڙ جرمن فلسفي نتشي، وليم جيمس (جو پاڪستان جي مشهور وڪيل خالد اسحاق ١٩٤٨ع ۾ مون کي ڏنو هو، جڏهن مان هن جو پائيوار هوس) روسي فلسفي اوس پينسڪي (جو مونکي اي–ڪي–بروهي اُن وقت تحفي طور ڏنو هو، جڏهن مون هن

ڪي سڪر ۾ ڪانفرنس جي صدارت لاءِ گهرايو هو ۽ جڏهن هو پاڪستان جو لا منسٽر هو) برگسان، جارج سنتيانا وغيره مطالع ڪيا آهن ۽ اُنهن مان مون کي ايپي ڪيورس، شوپنهار ۽ اسپنوزا وڌيڪ پسند آهن. مان يانيان ٿو تہ تنهي تي هنڌي فلاسافيءَ جو اثر آهي. پهريون لوڪ يتا ۾ جيڪي ماديت پرست ها، اُنهن کان متاثر ٿو لڳي ۽ پويان بہ ويدانتي آهن. ڪميونسٽ فلاسافر، خاص ڪري مارڪس، فيورباخ، ۽ ائنتي ڊيورنگ جي مصنف (نالو مون کان وسري ٿو وڃي) ۽ ٻين ڪيترن ئي ماديت پسندن جو مطالعو، ايم-اين-راءِ سوڌو، مون ڪيو. بور ڪندو هو ۽ نہ وري ڪن مذهبي صحيفن وانگر مون اُنهن کي پوري طرح پڙهيو آهي. ها اتڪل ويهہ ورهيہ اڳ چي گويرا جا ڪتاب ۽ هن جو* Staccato of gun مون لاءِ ڪشش رکندا ها. جيتوڻيڪ مون انهن کي آزمايو نہ هو.

مُسلم فلسفي فارابي**، رازي***، اخوان الصفا ۾ شريڪ فلسفين

---

* "Where ever death may surprise us, let it be welcome, so long as our battle cry reach some receptive ear and another hand search out to pick up our weapons and other men come forward to intone our funeral dirge with the staccato of machine-guns and new cries of battle & victory."

(جتي بہ موت اوچتو اچي، اسان کي ان جي آجيان ڪرڻ گهرجي، جيستائين انسان جي رڙو رڙ ڪنهن ڪَن ۾ سمائجي، ۽ ٻيو هٿ هٿيار ڏانهن وڌي ۽ ٻيا ماڻهو اسان جي موت جو مرثيو مشين گن جي ترنم ۽ ويڙهہ ۽ سوڀ جي نئين رڙو رڙ تي ڳائن.)

مٿيون جملو چي گٿويرا پنهنجي Bolivian Diary (بوليوين ڊائري) جي آخري صفحي تي لکيو آهي. جڏهن ڪئسٽرو سان گڏ، هو ڪيوبا ۾ انقلاب آڻي چڪو هو، هو ڪيوبا جي وزارت ڇڏي وڃي ڪانگو ۾ وڙهيو هو ۽ اُتي ڪامياب نہ ٿيو هو ۽ موٽي لاطيني آمريڪا آيو هو ۽ ڪجهہ گوريلا ڪَٺا ڪري، بوليويا ۾ انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هيائين. پنهنجي دؤر ۾ چي گٿويرا ڏند ڪٿا تي چڪو هو. هينئر دنيا بدلجي چُڪي آهي ۽ دهشت گرديءَ لاءِ گنجائش نہ رهي آهي، ان ڪري بوليوين ڊائريءَ ۾ جا اهم ڳالهہ لڳي ٿي اُها اِهي تہ هن کي جڏهن ڏاڍي بک لڳي هئي تہ عقاب کي گوليءَ سان ماري، باهہ تي پچائي کاڌو هئائين.

** مون ۾ ۽ فارابيءَ ۾ ٻہ ڳالهيون مشترڪ آهن، هڪ تہ هو، ارسطو ۽ افلاطون جي اثر هيٺ، اسلامي تصوف جو قائل هو ۽ مان بہ تصوف (Panthiesm) جو قائل آهيان پر اها بين الاقوامي آهي ۽ هر مذهب جي صوفيءَ (Mystic) جو اُن ۾ اعتبار رهيو آهي ۽ ٻيو تہ منهنجو تنديڻ بہ نهايت

هلندڙ

شيخ بوعلي سينا، ابو ريحان بيروني، امام غزالي، عمر خيام، ابن رُشد وغيره منهنجي مطالعي ۾ آيا آهن. هندستان جا مسلم فلسفي مجدّد الف ثاني، شاهه ولي الله وغيره مون کي ورلي آئڙيا آهن. فلسفي جي اِن گهري مطالعي مون مان موت جو خوف بلڪل ڪڍي ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ مٿين فلسفين مان بہ ڪيترائي موت کان ڏڇندا هيا. بهرصورت جڏهن کان مون کي آواڳوَن ۽ پُنر جنم جي پڪ ٿي وئي آهي تڏهن کان مونکي موت جو خوف بنهہ نہ ٿيندو آهي. ان ڏس ۾ راڌا ڪرشن، ڊاڪٽر تاراچند، اربندوگهوش، وويڪ آنند، رام ڪرشن پرم هنس، راجا رام موهن راءِ وغيره جا ڪتاب اچي وڃن ٿا؛ ڪيئي مغربي مصنف بہ ان ۾ شامل آهن. موت مون لاءِ هاڻي فقط چائِنٽ ٽپي وڃڻ جو نانءُ

---

غريبيءَ ۾ گذريو هو ڇو تہ منهنجو پيءُ ڪافي وقت سِلهہ جي مرض ۾ مبتلا هيو ۽ ساري ميڙي چونڊي علاج تي کپائي ڇڏي هيائين، انڪري بل نہ ڏيڻ ڪري اسان جي بجلي ڪٽي وئي هئي. مان ڏيئي جي تيل تي پئسا ضايع نہ ڪندو هوس، چاڪاڻ جو ٢-٣ بجي رات تائين پاڙي ۾ ميونسپالٽيءَ جي بجلي- بتين جي روشنين تي پڙهندو هوس. ڦارابي بہ مون وانگر آڪن تي پارو هيو پر هُنکي بہ مطالعي جو بي انتها شوق هيو. هو انهن مشعلن جي روشنيءَ ۾ سارِي سارِي رات پڙهندو هو، جي سرڪاري مشعل بردار پهري وارا پاڻ سان رکندا هيا.

ننڍ منهنجي زندگيءَ ۾ توري هئي ۽ مان ڪجهہ ڪلاڪ ننڊ ڪري Re-fuel تي ويندو هوس ۽ ڇئين بجي ڏنڊڻ پاٿي ڪري شاهي باغ ويندو هوس. مون هميشه پنهنجي ادبي زندگيءَ ۾ نيپولين جي قوّت محسوس ڪئي آهي جو جڏهن لينن گراڊ فتح ڪرڻ نڪتو هو تہ گهوڙي تي هلندي، اک لائي وٺندو هو. ها مون ادب ۾ پاڻکي هڪ بڻي طاقتور انسان هَني بال وانگر محسوس ڪيو آهي، جنهن روم کي ڊانو هيو. مون هن جي قبر ترڪيءَ جي قونيہ شهر ۾ هڪ پهاڙيءَ تي چاندوڪي رات ۾ ڏٺي هئي. دراصل اها ڪنهن وهابيءَ جي قبر وانگر هئي. ٽڪريءَ تي ڪجهہ پٿر پيا ها ۽ شايد اُتي ڪتبو بہ هيو تہ هتي هني بال پوريل آهي. هني بال کي ياد ڪري مون کي پنو ياد آيو هو: جيئن هني بال کي هر سولجر جو نالو ياد هوندو هو، تيئن پنّي کي هر ڪارڪن جو نالو ياد هو.

*** حڪيم رازي، جو آخر ۾ نيبولا (Nebula) جي قدامت جو قائل ٿي ويو هو. اهو موت کا ست سال آڳ اَنڌو ٿي ويو. انڌي ٿيڻ کان پوءِ معلوم نہ آهي تہ هن ڪهڙي حال ۾ زندگي بسر ڪئي ۽ انهيءَ حالت ۾ هن جو مشغلو ڪهڙو هو؟ البتہ اهو معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ حالت ۾ هو نهايت ڪڪ ٿي پيو هو. جڏهن ڪنهن شخص پڇيس تہ "اوهان اکين جو علاج ڇو نہ ٿا ڪرايو؟" تہ هو انهيءَ تي راضي نہ ٿيو ۽ چيائين تہ "مان هن دنيا کي ڏسڻ نٿو چاهيان".
(حڪمائي اسلام (جلد ١) اعظم ڳڙهہ)

آهي. پنهنجي ۽ پرائي موت جو دهو به (Premonition) مون تي پوندو آهي. مون 'هينئڙو ڏاڙهونءَ گُل جئن' جي مهاڳ ۾ اها ڳالهه لکي هئي ۽ ان جي لکڻ کان مهينو پوءِ مون کي هي دل جو ڏورو پيو هو.

منهنجو دوست نور محمد کوجو جو مون کان اسپتال ۾ پڇڻ آيو هو، منهنجي پرسان وينو هو جڏهن هڪ نهايت خوبصورت پنجابي ڊاڪٽرياڻي منهنجي ڇاتيءَ تي اسٽيٿسڪوپ رکي منهنجي دل کي چڪاسي رهي هئي. هن جون چوٽيون منهنجي ڇاتيءَ تي جُهڪي آيون هيون ۽ هن جو منهن، منهنجي منهن کان اڌ فوٽ مٿي هو ۽ پوءِ نور محمد مون ۾ ڏٺيون 'همه اوست جهڙيون اکيون، سرمد واريون لاالله جهڙيون اکيون' اکيون جي هن پيريءَ ۾ به راسپيوٽين واري ڪشش رکن ٿيون. مون کي پڪ ٿي وئي آهي ته حسن جو احساس، موت جي شڪست آهي* ۽ هن پيري مان نه مرندس. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ مونکي مٿي اسپيشل وارڊ نمبر ۷ ۾ آندو ويو. ٿورن ڏينهن ۾ منهنجو ايڪوڪارڊيوگرام ڪڍي ڇٽي ڪئي وئي ۽ مان ويل چيئر تي گهر موٽي آيس. منهنجي پٽ سليم مون کي چيو ته ڏيڍ مهينو بستري تي آرام ڪرڻو آهي پر مون ان ڳالهه جي پرواهه نه ڪندي، آئي وئي سان ڊرائينگ روم ۾ ڳالهايو ۽ گهر جي ٻاهران ڪاريڊار ۾ چڪر ڏنا، جي مون کي نه ڏيڻا هئا. دراصل ڪائي شيءِ تقدير وانگر مون کي ان ڳالهه تي مجبور ڪري رهي هئي؛ نه معلوم ته مون کي اهو خوبصورت چهرو چڪي رهيو هو جو مون اسپتال ۾ ڏٺو هو.

مون کي خبر آهي ته ڪاجوءَ هاءِ ڪوليسٽرال کاڌو (High Cholestral diet) آهي، پوءِ به مان جتي گوا جي گاديءَ پڻجيءَ ۾ رهندو هوس اُتي چوڏاري ڪيشونٽ (ڪاجو) جا دُڪان هيا جو ته گُوا ڪيشونٽ جو شهر آهي ۽ اُنهن سان گڏوگڏ ڪيشونٽ مان ٺهندڙ پورچوگيز شراب فيني جا ڪيئي دڪان به ها، جتان ۲۵ رپيئن کان ۳۰۰ رپئي تائين فينيءَ

*مون سوچيو ته جي رازي ههڙيءَ خوبصورت ڊاڪٽرياڻيءَ جو علاج ڪرائي ها ته بار بار دنيا کي ڏسڻ چاهي ها ۽ علامه اقبال رازيءَ کي روميءَ کان برتر سمجهي ها.

(نوٽ: اقبال پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ روميءَ کي رازيءَ کان بهتر سمجهندو هو.)

الحال تہ ماريا ويا آهن ۽ ماسڪو هن جو بالاڪوٽ ثابت ٿيو آهي. پر ممڪن آهي تہ آهي وري ڪڏهن اُيري اچن، جيتوڻيڪ دنيا گهڻو اڳتي وڌي چُڪي آهي. ان ساڳي پرچي ۾ الطاف شيخ جي مضمون ۾ آهي تہ پولنڊ ۾ ڊاس ڪئپيٽل جا پنا ٽائليٽ پيپر ڪري ڪم آندا ٿا وڃن ۽ ڪنهن کي ڪميونسٽ سڏڻ گار ڏيڻ جي برابر سمجهيو ٿو وڃي. انهيءَ ساڳي پرچي ۾ منهنجو نند جوِڀري جي ڪتاب "چوواٽي تي، جو سچو مهاڳ "اتهاس جو ماضي ۽ مستقبل" جي سَري سان ڏنل آهي.

شوپنهار مان اُيرندڙ قنوطيت (Pessimism) فقط اهو ثابت ڪري ٿي تہ انسان فقط هڪ حالت سان گهڻو وقت راضي رهي نہ ٿو سگهي. پر اها ڳالهہ ان ڳالهہ جي آڏو نہ ٿي اچي تہ هو پنهنجو يا پنهنجي قوم يا ان جي ثقافت جو بچاءُ ڪري، جنهن کي گهُٽجي مرڻ جو ڊپ هجي ۽ نہ وري هٽلر جي دؤر ۾ نازي تحريڪ يا هاڻي نئين سر اُيري آيل نازي تحريڪ جنهنجي انسان دشمني واضح آهي، اُن ڪان نفرت ڪي اهو فلسفو روڪي ٿو ۽ نہ گوئٽي يا شِلَرَ جي شاعريءَ يا موزارٽ يا بيٿوون جي موسيقيءَ کي نظر انداز ٿو ڪري ۽ صدين ثابت ڪيو آهي تہ شاعريءَ لاءِ دلچسپي گهٽجي نہ وئي آهي، سياسي يا سماجي حالات ۾ ڦير گهير ڏسجي تہ آمريڪا ۾ ڪافي وقت ڪان نهايت معذور بيمارن لاءِ Mercy killing تي بحث هلي رهيو آهي تہ اِن کي قتل چئي سگهبو يا نہ، Condom جي استعمال ۽ برٿ ڪنٽرول تي ڪرستان پادرين ۾ بحث هلي رهيو آهي. اهي سڀ ڳاليهون شوپنهار جي انساني طبيعت ۾ ڦير گهير سان لڳاءُ ۾ اچي سگهن ٿيون؛ پر لينن گراڊ جي هرمتاج (Hermitage) ۾ مصوّرن جون تصويرون هيُون سي اَمر آهن. مڪتبہ دانيال واريءَ حُوريءَ نورانيءَ مون کي هَرمِتاج وارين تصويرن مان رکو ١٥ ڪان ١٨ صديءَ تائين جرمنيءَ ۽ آسٽريا جي تصويرن جو نهايت ڳورو ۽ وٽندڙ ڪتاب ڏنو هو، جنهن ۾ انهن تي تبصرو بہ ڏنل آهي. ان ڪتاب ۾ ٣١٠ شاهڪار تصويرون آهن، جن کي مون پنهنجي شاعريءَ کي Inspire ڪرڻ لاءِ نظر مان ڪڍيو آهي. هن مهاڳ لکڻ وقت اهو منهنجي سامهون رکيو آهي ۽ مون اُن کي اوچتو وچ مان ڏنو آهي ۽ تصوير نمبر

ٽرڪ وانگر روڪجي وئي ۽ ناچ شروع ٿي ويو. پر اهي ته هُيا ٻئي پائي جا مصور، ليونارڊو ڊاونچيءَ، رفائيل ۽ مائيڪل اينجلو جي باري ۾ چيا چئجي! منهنجي دوست نعيم صديقي مون کي ٻڌايو هو ته جڏهن هو مائيڪل اينجلو جي Sistine Chapel ۾ ويو هو ته ڪلاڪ کن ته واتڙو ٿي ڏسي رهيو هو ۽ سوچي رهيو هو ته هي انسان سچ پچ بهشت ڏسي آيو آهي ڇا، يا هن سان ڪي ڪروبي (Cherub) ڪن ۾ ڳالهيون ڪندا ها ڇا؟ منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته شوپنهار جي پوئين چوٽي انهن ۽ ٻين شين تي اثر انداز نه پئي ٿي سگهي: هن نئين زماني ۾ ته هڙپه ۽ موهن جي دڙي کي به پايداري ڏئي سگهجي ٿي ۽ چولستان ۾ به وستيون ظاهر ڪري، بچائي سگهجن ٿيون ۽ انهن ۾ دلچسپي برقرار رکي سگهي ٿي.

مون تاشقند ۾ ابي سينا جي مدرسي مٿان هڪ شعر دروازي تي فارسيءَ ۾ لکيل ڏٺو هو. ان جو اصل منهنجي ڪنهن نوٽبڪ ۾ ڪٿي لکيل آهي، پر ان جو ترجمو مون کي ياد آهي ته:

”هي دنيا هڪ گذرگاهه آهي، جنهن مان ماڻهو وڃي ته سگهي ٿو، پر موٽي نٿو سگهي.“

ائين آهي ته مون کي شوپنهار جي مطالعي، مارڪس ۽ ٻڪونن، چي گئويرا ۽ فڊل ڪاسترو، هوچي منه ۽ جنرل گياپ، نڪسل باڙي تحريڪ وغيره جي گهٽي اثر کان محفوظ رکيو پر آهو مون کي نهوڙي نئي ها جي مان اڳ ئي ايپيڪيورس جو غور سان مطالعو نه ڪيان ها. اها ٻي ڳالهه آهي ته شوپنهار مون کي هن دؤر ۾ ان ۾ زندگيءَ جي بي معنائيءَ وقت ڏاڍو ياد اچي رهيو آهي: پر جوانيءَ ۾ ايپيڪيورس مون کي اها زندگي عطا ڪئي جنهن کي ڏسي عمرخيام به حسد ڪري ها ۽ منهنجي شاعريءَ کي پنهنجي رباعين ۽ منهنجي ڪتب خاني کي پنهنجي رَسد گاهه سان ڀيٽ ڪري ها. بهتر آهي ته هينئر ايپي ڪيورس جي باري ۾ ڪجهه لکان.

ايپي ڪيورس جو اثر مون تي ڀرپور جوانيءَ جو ٿورو عرصو رهيو پر هن جي فلسفي جو عڪس اڄ تائين منهنجي شاعريءَ ۾ آهي. هو

يونان ۾ ٣٤٢ق.م ۾ ڄايو هو ۽ ٢٧٠ق.م ۾ مري ويو. هُن جي دوستن جي هُن سان بي انتها محبت هوندي هئي، جنهن موت کان اڳ هن کان پنهنجو ڏک وساري ڇڏيو هو. غريبيءَ، جدائي ۽ بيماريءَ هن جي زندگي وڏيڪ بي معنيٰ ڪري ڇڏي هئي، پر پوءِ به هُن موت جي بستري تان هڪ دوست کي خط لکيو:

..”هاڻي جڏهن مان زندگيءَ جو هي پويون ۽ سڀورو ڏهاڙو گذاري رهيو آهيان، مثاني ۾ پيشاب جي سوراخ (Stanguary) مون کي نهوڙي نيو آهي ۽ مون کي حد کان وڌيڪ پيڙا ڏئي رهيو آهي، پر تڏهن پوءِ به ان پيڙا کان وڌيڪ منهنجو ڌيان گذري حياتيءَ جي سوچ ويچار ۽ ڳالهه ٻولهه ڏانهن ويجي رهيو آهي“

اهو هو ايپي ڪيورس جنهن کان وڌيڪ ٻي ڪنهن فيلسوف جو سنمان نه ڪيو ويو آهي ۽ جنهن جي فيلسوفيءَ کي ٻي ڪنهن جي به فيلسوفيءَ کان گهڻ پرجهيو پروڙيو ويو آهي. ايپي ڪيورس جون هيٺيون ڳالهيون مون کان نه وسريون آهن جي پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکان ٿو:-

١- هو پڪ سان چوي ٿو ته اسان ڪنهن فياض يا نيڪوڪار هستيءَ جي اولاد نه آهيون پر لاآبالي، نه هيڏانهن نه هوڏانهن، فطرت جا ويڳا ٻار آهيون، جيون ڪنهن ڪلاڪار جي رِٿا ڪيل ڪلا وانگر نه آهي ۽ نه ان لاءِ ڪو گهاٽ گهڙيو يا سِٽ سِٽي وئي آهي؛ اهو هڪ ميڪانيڪيءَ فطرت جو اتفاق يا حادثو آهي پر اسان اُن کي سُکي يا گهٽ ۾ گهٽ وقت تپائو پَر وٽندڙ اتفاق ٻڻائي سگهون ٿا. اُهو انسان ذات مان به خوف ڪڍي سگهي ٿو. ديوتائن جو خوف ۽ موت جو خوف.

٢- هي سارو وجود رڳو اسان جي دنيا تائين محدود نه آهي. ٻيون به ڪيتريون دنيائون آهن، اُهي ايتريون ڪشاديون ۽ حيرت انگيز آهن. جو انهن کي به پنهنجون ڌرتيون، پهاڙ ۽ سمنڊ آهن، انساني قومون ۽ جنتائون آهن، ڪُل آهن، وَنس آهن ۽ پانت پانت جا پَسُون ۽ جهنگلي

جِيوَن آهي. اسان هن اَننت ۾ اَپار سمنڊ جي ڪڪرا-ڪنٽي تي ننڍين پٽرين وانگر آهيون؛ ڇاڪاڻ جو آٽا (Atoms) ڪنهن ميل ميلاپ ۾ وري وري اچن ٿا. ڪنهن ريت ڪي حالتون پيدا ڪري، وَري وَري ڦيريون پائي، هن وٿيءَ ۾ ويجي جي، اَوڪاش (Space) جي بي انت چڪر ۾، اِهي هن سرشٽيءَ جي سَرائيءَ تي ڦري، گهڙجي، ڪيئي روپ وٺن ٿا. اِن ڳالهہ جو ڏسُ آهي نہ ڏاهہَ آهي.

٣ - پر اهو ڪيئن ٿو ٿئي تہ اِهي آٽا، اِهو مادو، اِهي جَڙ-پَدارٿ جون ترماتر ۾ پچڪڙيون رَتيون، بنا ڪنهن سونهپ ۾ اڳواٽيءَ جي ڪَنيون ٿي وڻ بوٽا ۾ ڦل ڦول، پکي، پسون ۾ ماڻهو ٿين ٿيون؟ انهن آٽن ۾ اهڙي ترڪيب ۾ ترتيب ڏاهڻ جو ڏانءُ آهي جو اُهي هومر جهڙا شاعر، ڊيموڪرٽس (Democritus) جهڙا سائنس دان ۾ ايپي ڪيورس جهڙا فيلسوف بڻائن ٿا؟ ايپي ڪيورس ان ڳالهہ جو جواب ڏئي ٿو تہ آزمايش (پريکيا) ۾ غلطيءَ (پرانتي) جي ذريعي، مادي جي درجي بدرجي اَوسراڻ ۾ پورٽتائيءَ سان ڪُڏنگي ۾ اڻ گهڙئي ڪان ٿاهوڪي، ڏسٽي وائسٽي ۾ تِکي چوکي جي روپ تائين زندگي هر اَڻ-پُختيءَ (Unfit) شيءِ کي ريتي ڇڏي ٿي ۾ وڏيڪ پختيءَ شيءِ کي اَتِي جِيون ڏئي ٿي. ان لاءِ هندي ۾ شڪتات جيون (Survival of the fittest) جو لفظ آهي جو پرمانند ميوارام پنهنجي سنڌيءَ ڊڪشنريءَ ۾ بہ ڪم آندو آهي ۾ اردوءَ ۾ اُن کي بقائي اصلح چوندا آهن. ان ريت ايپي ڪيورس ڊارون کان ٢٢٠٠ (ٻاويهہ سو سال) اڳي اِرتقا جو نظريو پيش ڪيو هو جنهن کي پوءِ ڪارل مارڪس پنهنجي اقتصاديات جو بنياد بڻايو. ان جي بُت (statue) تي ١٩ آگسٽ تي پاڪستان ٽي - وي تي ڏيڪاريو وَيو تہ روسي ليڪا پائي رهيا هيا. ٢٠ آگسٽ صبح جو روزاني ڊان ۾ آيو تہ بائلورشيا خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو آهي ۾ گورباچوف جي ملٽري ايڊوائيزر ۾ اِنٽيريَر منسٽر پاڻ کي گولي هڻئي آهي.

هي مهاڳ ڊائري بہ ٿي ويو آهي، ڇو تہ ان ۾ روزانيون ڳالهيون بہ اچي ويون آهن، جن جو مرڪزي موضوع سان واسطو گهٽ آهيَ. ڊارون

لاءِ غالباً ڪازان زِاڪس* هڪ ناول ۾ چيو هو ته سڀ ڪوئي انسان آدم جي اولاد نه آهي. هن کي پاڻ ۾ آدم جي خاصيتن پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ انهن جي حاصلات ۾ ڪافي مشڪل پيش ايندي. ائين به نه آهي ته سڀ باندر جي اولاد آهن چو ته انهن مان ڪيترا گڏهه جي اولاد ٿا نظر اچن. ڪازان زاڪس ڀي هنڌ صحيح هجي يا نه، گهٽ ۾ گهٽ روس ۾ يا اسان جي ديس ۾ ته صحيح ٿو لڳي. ائين محسوس ٿئي ٿو ته مان ايپي ڪيورس جي فلسفي تان ذرا هٽي ويو آهيان، سو وري اوڏانهن ٿو موٽان.

هو چوي ٿو ته هيءَ ڌرتيءَ اسان کي ڪجهه وقت لاءِ مسواڙ تي ڏني وئي آهي ۽ جڏهن اُنکي خالي ڪرڻ جو وقت ايندو ته ڪنهن لاءِ به اڳواٽ نوٽس جي ضرورت نه پوندي. موت جي خلاف ڪو به ريٽ ڪنٽرول ايڪٽ نه آهي ۽ نه رِٽ پٽيشن داخل ٿي سگهي ٿي. پر جيتوڻيڪ اسان موت تي سوڀ نه ٿا پائي سگهون، اسان کي اُن جي ڀؤ کي ماتِ ڪرڻ گهرجي. اسان کي زندگيءَ جي اختصار تي لڙڪ وهائڻ نه گهرجن، بلڪه ان کي سانتيڪائيءَ سان ميڃڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو موت ڪانپوءِ ڪوئي شعور نه آهي، بهشت دلاسو، دوزخ دڙڪو آهي ۽ اسان ڌرتيءَ تي جي خطائون ڪيون آهن، انهن جو اڳتي ڪوئي حساب ڪتاب نه آهي. موت اسان کي پرڀائي ، ٿڦڪيون ڏئي، منڙي ننڊ ڏياري ٿو ڇڏي. توڙي ساري حياتي هڪ سانده هلندڙ جُڃ وانگر هجي، جتهن ۾ چشڪو ئي چشڪو هجي، پر ڇا اهو نيڪ ٿيندو ته نَڪ تائين ڌؤ ڪجي؟ بهتر ائين آهي ته دسترخوان تان ڌُلهي ٿيڻ کان اڳ ۾ اُٿي وڃجي. ايڏو ڌؤ به چڱو نه آهي! نيٺ ته اهڙو نحس ڏهاڙو ايندو جو توکان نه رڳو زندگيءَ جون ساريون نعمتون کسي وٺندو پر انهن جي تمنا کان به آزاد ڪري ڇڏيندو. بهتر آهي ته راند رَس ۾ ڇڏجي. ميڙو متو ڇڏڻ چڱي ڳالهه آهي جا مان شوپنهار مان سکيو آهيان ۽ ان ڪري موت جي مادي نظرئي به مون مان موتَ جو خوف ڪڍي ڇڏيو آهي.

ان کان مختلف نظريو مون کي اسپنوزا ۾ مليو جو روحانيت ۽

* ڪازان زاڪس= يونان جو عظيم ناول نگار ۽ شاعر ۽ نوبل پرائيز ڪنتدڙ.

حيات بعد ازممات* ۾ اعتبار ڪري ٿو ۽ همہ اوست جو پڙاڏو هجڻ سبب، سنڌ ڌرتيءَ جي 'شاهہ سچل ۽ ساميءَ'، جي بنهہ ويجهو آهي ۽ اهو روح جي پائندگيءَ جي اثبات ڪري، موت جو خوف بنهہ ڪيڏي ڇڏي ٿو ۽ ان ڳالهہ ۾ ويساهہ جاڳائي ٿو تہ انسان پَرتَو اِلاهي آهي (Man is born in the image of the divine) ان طرح انسانن تي هڪجهڙائيءَ جي مُهر هڻي ٿو ۽ جمهوريت جو صحيح بنياد رکي ٿو. اچو تہ اسپنوزا کي جاچي ڏسون.

اسپنوزا هڪ يهودي گهراڻي ۾ ائمسٽرڊام ۾ ١٦٣٢ع ۾ پيدا ٿيو هو. هن پنهنجي اندر جي ڪَرڻ ڦل** ۾ نہ رڳو يهودي اخلاقيات چکائي هئي پر افلاطون، ارسطوَ، ايپي ڪيورس، گي آرڊينو (Giordano) بروِنو ۽ ڊيڪارٽ جهڙن غير يهودي فيلسوفن جي مابعدالطبيعاتي اخلاقيات (Metaphysical ethics) تي بہ دسترس حاصل ڪيو هو ۽ ان سان گڏ لاطيني زبان تي مهارت بہ حاصل ڪئي هُئي . پنهنجي والدين جي مرضيءَ خلاف هن ائمسٽرڊام جي ڀرواريءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي، جيئن پنهنجي خواب کي پورو ڪري سگهي ۽ هن دنيا جي حقيقت کي چاڻي سگهي- هي ڊرامو جو اسٽيج تي پوري طرح سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي.

اسپنوزا جي وڏي ۾ وڏي تفريح اِها هوندي هئي تہ ڪوريئڙن کي وڙهندو ڏسي جيئن ڪوئي فرشتو ماڻهن کي جنگيون ڪندي ڏسندو هجي. انهن جي ويڙهہ ڏسي، کِلي کِلي هن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا ها. هن پاڻ کي پنهنجي گهر ۾ ائين پوري ڇڏيو هو، جيئن ڪوپي ۾ پوپٽ پاڻ کي پُوري ڇڏيندو آهي، جيستائين هو پوپٽ ٿئي.

هن جو چوڻ هو :-

(١) - هيءَ دنيا ازلي ۽ ابدي آهي. جنهن جي نہ وقت ۾ ابتدا آهي ، نہ انتها آهي.

(٢) - ازل ۽ ابد جي وچ تي هيءَ ڌرتي، هي گرهہ، دراصل سارا

---

* حيات بعد ازممات =موت کانپوءِ حياتي .
** ڪَرڻ ڦل = عرق چڪائڻ جو اوزار.

سورج ۽ ستارا واريءَ جي ٿوريءَ ڪڻ ڪڻ کان وڌيڪ نہ آهن ، جي ڪائنات جي هڪ مبهم ڪوني ۾ اچيِ ڪَنا ٿيا آهن ۽ جنهن شيءِ کي اسين پنهنجي ڪائنات ڪوٺيون ٿا، سا ڪُل ۾ ذري برابر آهي. انهيءَ ۾ سرشتيون (ڪائناتون) اڪٿ آهن جيئن هيءَ دنيا آوَڪاش ۽ سميہ (زمان ۽ مڪان ) ۾ اپار ۽ اننت آهي.

(٣) - هي دنيا ڪڏهن بہ خلقي نہ وئي آهي ۽ نہ اها ناس ٿيڻي آهي. آها پربينتا (Profusely) سان ڏسجي ٿہ بي انت آهي. (تمام سادگيءَ ۾ گهرائيءَ سان ازلي ۽ ابدي آهي.)

(۴) - ائين ٿو لڳي ٿہ قيد جي ديوار ۾ هڪ ننڍڙي وٿي آهي، جنهن مان سمنڊ ۽ آسمان ڌانهن ڏسي رهيا آهيون. اسان پنهنجي سرير ۾ ئي قيد آهيون. هڪ ڪيڙو ڌرتيءَ تي رڙهندي هن اننت سرشتيءَ جي فقط هڪ جهلڪ ئي ڏسي سگهي ٿو. هڪ آڌ-اَڌي انسان کي رنگن جو فقط ڌهو پئجي سگهي ٿو، اسان خدا جون سڀ وصفون نہ ٿا ڏسي سگهون!

(۵) - اهو ئي ازلي آرٽسٽ آهي جو وقت جي گهوگهاٽ ڪندڙ آڌاٽي (The roaring loom of time) تي تارن ۽ گرهن لاءِ پهراڻ اُٽي رهيو آهي.

(٦) - هن زندگيءَ جي ڊرامي لاءِ جا هن ڪهاڻي پڙي آهي، سا اسان جي سمجهہ کان مٿي آهي.

(٧) - ايمرسن وانگر اسپنوزا انساني جڪ، ڇَنا ۽ اِڇائون، موهہ ۽ هوس ڏسي جيڪر چوي ها ”ڪيرو! ايترو تيڪُ ڇا لاءِ؟“

(٨) - آمريڪي شاعر والٽ وٽمن جو اسپنوزا جو پوئلڳ هو، ان چيو هو تہ ”اسان جي هن ڌرتيءَ تي ڇَنن ڏينهن جي ياترا اسان جي پورنتائي ۾ هڪ سراءِ وانگر آهي. تون، مان، هَر-هاري، مل-مزدور، ڪئنواس جي اڳيان ڪلاڪار، پنهنجي ميز تي شاعر، گٽر ۾ ٽڙيل-ٽاپڙيل، لُچ لانيڙ ۽ لفنگ، اِهي سڀ اننت جي ساڳي سکيا گهر ۾ وديارٿي آهيون. اسان الڳ الڳ درجي ۾ آهيون، جا ڳالهہ هن گهڙيءَ

مَري. اسان جا ڪم ائين ڇُوٽ ۽ اَروڪ نہ آهن، جيئن برسات جو وسڪارو يا ڪان جي ڪمان مان ورڪا نہ آهيٰ. ڪانَ جي ورڪا ۽ ماڻهو جي ڪم ۾ رڳو اهو فرق آهي تہ ماڻهو پنهنجي ڪم جي اوٽائيءَ جي ڄاڻ رکي ٿو. اُن کي پَنهنجي اِڇا سمجهي ٿو.

اسان پَل ۾ هن جيوَن جي ناٽڪ جي ڏسڻ وارا آهيون پَر ان ڪان وڌيڪ اسان کي اجازت نہ آهي ۽ ان ڏَس ۾ راءِ ڏيڻ جو حق، مَت ۽ اَڏڪار بہ نہ آهي. اسان پَنهنجا ڪم ڏسي سگهون ٿا ۽ غلطيءَ ۾ سمجهون ٿا تہ اهي اسان جي اِرادي جو نتيجو آهن پر سچ تہ اسان جي وڏن جي گڏريل زندگين جو نتيجو آهن.

مون اڃا هي لکيو پئي تہ اخبار آئي، جنهن ۾ لکيل هو تہ سوويت يونين ۾ ماسڪو، مالدِووا، بائِلورشيا، يوڪرين، آيستونيا، لٽويا، جارجيا، لٿوانيا ۽ آرمينيا خودمختياريءَ جو اِعلانَ ڪري چُڪا آهن. دراصل اسان جي تقدير نندي ڪنڊ جي تقدير سان وابستہ آهي پر ان جي باري ۾ اسان جي سوچ گنجريل آهي ۽ جن جي اَها چِٽي آهي تہ اُهي بيوس آهن. ان ڪري منهنجي سياست مان گهٽي دلچسپي نڪري وئي آهي. ڇَڪي ڦِري رهي آهي؛ گهڙو ڊِوَن ڊِوَن ٿو ڪري تہ اُن کي ڊاهي پيهر ٺاهيو وڃي نہ تہ سهڻيءَ کي سِير ۾ ٻوڙي ماريندو. ٻهر صورت جي ”چتگهہ چرڪي وات ۾ سسي کي سيسارَ“، اِسپنوزا چواڻيءَ اڳيئي طيءِ ٿيل آهي تہ مان ڇا ٿو ڪري سگهان!

مون کي ’ثبت است برجريده عالم دوامِ ما‘ وارو ڪم سُپرد ٿيل آهيٰ ۽ اخبار پڙهڻ ڪانسواءِ سياست ۾ وڌيڪ وقت وڃائڻ نہ ٿو چاهيان ۽ نہ بيماريءَ مون ۾ ايتري جان ڇڏي آهي. اسپنوزا اهو ضرور چيو آهي تہ ”هر انسان جي زندگي پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ سج جو پاڇو آهي. پاڻي سُڪِي وڃي ٿو تہ اوهان اُن ۾ سج جي روشنيءَ جي جهلڪ نہ ٿا ڏسي سگهو، پر ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ سج غائب ٿي ويو آهي، اُهو تارن ۾ پنهنجي ساڳي پيڪي ۽ تيج سان چِلڪاٽ ڪري رهيو آهي.“

اوچتو خيال ٿو اچي تہ ”ڇا منهنجي دل سچ پچ آگهي آهي؟ ان ڪان

وڏيڪ سگهي دل تہ نندي ڪنڊ ۾ ورلي هوندي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ مون وٽ بندوق نہ آهي، قلم آهي. مان جاڳ ۾ نثر ۽ ننڊ ۾ نظم ليٽي ليٽي لکي رهيو آهيان. نہ، مان نہ مرندس. هن ڀيري وري بہ موت پوٺ ڀيلو ڪري موٽندو. جي اسپنوزا چواڻيءَ شيڪسپيئر جا ناٽڪ اڳ ئي ٺيل ها تہ منهنجي شاعري بہ اڳ ئي طيءِ ٿيل آهي ۽ اها اڄا منهنجي اندر ۾ ايتري آهي جو مان اُن جو حصو بہ مس لکيو آهي! مان چاهيان ٿو تہ زندگي جي پوئين گهڙيءَ مان اهو چئي سگهان تہ مون شاعريءَ ۾ اهڙو موضوع نہ ڇڏيو آهي جنهن تي اڳتي ڪجهہ لکي سگهجي ۽ دنيا ۾ انهيءَ جو احساس ڇڏيان تہ:

حريفان بادهہ ها خوردند و رفتند
تهي خمخانہ هاکر دند و رفتند
(حريف سارو پي ويا ۽ مئخانا خالي ڪري هليا ويا)

هڪ ٻي ڳالهہ جا مون گوا ۾ محسوس ڪئي هئي، سا پوءِ لکندس؛ في الحال اسپنوزا ڏانهن موٽي ٿو اچان. اسپنوزا وڏيڪ چيو آهي تہ ”هر انسان هڪ الاهي ڪُل جو جزو آهي. جڏهن ماڻهو مري وڃي ٿو تڏهن هن جو روح پاڻيءَ جي قطري وانگر آهي. جو بيڪران بحر ۾ موٽي وڃي ٿو. هڪ سُر آهي جو سمفني (مِنو آلاپ = Symphony) ۾ لين ٿي وڃي ٿو. هڪ عظيم خيال آهي، جو پنهنجي عبارت جي قريني (Context) مان نڪري، ازلي مزاج سان ملي وڃي ٿو. مون ان تي ڪافي غور ڪيو آهي، ۽ مون کي اِها ڳالهہ آواگوَن يا پُنر جنم سان متضاد نظر نہ آئي آهي. بهر صورت مون مان ان وحدت الوجودي نظرئي موت جو خوف بنهہ ڪڍي ڇڏيو آهي. جا ڳالهہ ڪنهن وقت مون کي گهوگهو ڏئي چوندي هئي تہ اڳتي ڪجهہ بہ نہ آهي، اڳتي اوندهہ ئي اوندهہ آهي ۽ تون بہ ان اوندهہ ۾ مَليا ميٽ ٿي ويندين، هي زندگي ٿورو وقت آهي ۽ ان مان جيتري رَسُ نچوڙي سگهين اوترو چڱو؛ يا تہ مايوسيءَ ۾ ڪنهن وقت خيال ايندو هو تہ متان قلُ ڪَچو ئي ڪِري پَئي ، واچوڙي ۾ ڇِڙي وڃَي، ۽ ڪنهن جي چَپن تي اچي ڪيئن جي ان جو خاتمو اَوس

آهي؛ ۽ ان ڳالهہ جي اهميت ئي ڪهڙي آهي تہ اُن جو خاتمو ڪيئن ٿيو! پهرين مون ايپيڪيورس جي فلسفي ۾ فرار ڳوليو هو، جنهن جو منهنجي اوائلي شاعريءَ تي اثر آهي ۽ گرونانڪ کي چيئي هيم تہ "تيرا ڀاڻا ميٺا لاڳي" غلط آهي، "تيرا ڀاڻا ڪوڙا لاڳي" صحيح آهي. جيئن سقراط جي هيملاڪ * ڪوڙي هئي. پوءِ مون کي پناهہ اسپنوزا ۽ شوپنهار ۾ ملي جيڪو هڪ ويدانتي آهي. اسپنوزا جا اهي لفظ مون ڪان وسري نہ ٿا وسرن:

"The greatest good is the knowledge of the union , which the mind has with the whole of nature."

يعني"گهٽي ۾ گهٽي چڱائي، انهيءَ وحدت الوجود جي علم ۾ آهي، جو انسان کي ساري فطرت سان ملائي ٿو" ٻڌائي چيو آهي:

ڪاڏي ڪاهيان ڪرهو،چوڏس چِٽاٺو،
راٺو ئي راٺو ، ريءَ راٺي ٻيو ناهہ ڪي.

جي دنيا ٿنهنجي لاءِ نہ ناهي وئي آهي تہ ان ڳالهہ تي خوش ٿي تہ تون دنيا لاءِ ناهيو ويو آهين. تون زندگيءَ جي ڪتاب ۾ هڪ اهم صفحو آهين. توکانسواءِ ڪتاب نامڪمل رهجي ويندو. اهائي ڳالهہ جمهوريت جو اَٽل بنياد آهي. اِها ئي ڳالهہ اڱرائي يا لوپ واري جنگ کي نفرت سان ڏسي ٿي، جئن اسپنوزا پنهنجي دؤر ۾ هالنڊ ۽ فرانس جي جنگ کي ڏسندو هو يا جئن احمد سليم پنجاب جي هيرو دُلا ڀٽيءَ کي ڏسي ٿو، جنهن کي اها آرزو هئي تہ دليءَ تي پنجاب جو جهنڊو لهرايو وڃي ۽ جنهن کي پنجاب جا جديد دانشور اڄڪلهہ هڪ هيرو ڪري پيش ڪري رهيا آهن. پنهنجي فلسفيانہ خيال ۾ لَنگر اَنداز رَهي، اسپنوزا اهي طوفان نهايت بي پرواهيءَ سان ڏسندو هو، جي هن جي همعصر فلسفين کي بي چين ڪندا ها. اُهي لَڙايون ڪوريئڙن جي جنگ جهڙيون ڪِل ڏيارينڊڙ هُيون، جي هن ننڍي هوندي پنهنجي ڪمري جي هڪ چار ۾ ڏٺيون هيون، جتي هو اباڻو گهر ڇڏي اڪيلو وڃي رهيو هو.

* هيملاڪ= اهو زهر جو سقراط پيتو هو.

پر پوءِ بہ انسان ۽ هن جي قوم جي بقا لاءِ جدوجهد جو جواز آهي. هن دؤر ۾ سوويت يونين جي خاتمي کانپوءِ قوم پرستيءَ جي معنويت وڌي وئي آهي پر اها قومپرستي ۱۹۱۴يا ۱۹۳۹ع جي جرمنيءَ يا اٽليءَ واري قوم پرستي وانگر هوس جو شڪار نہ آهي؛ رڳو پنهنجي تحفظ ۽ بقا لاءِ وڙهي رهي آهي. سوويت يونين اهو واضح ڪيو آهي تہ ڪنهن هڪ قوم کي ٻيءَ قوم تي تسلط جو حق نہ آهي ۽ هو پاڻ ۾ خوشيءَ سان، هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي گڏجي رهڻ چاهن تہ ڀَلي رَهن، جيتوڻيڪ ٽين دنيا (سنڌ سوڌي) پنهنجي نجات لاءِ لڙي رهي آهي پر ان نجات جو بنياد مادي نہ ٿو ٿي سگهي. انسان سڀ هڪجهڙا آهن، ڇو تہ اِهي پَرتَوِ ازلي آهن ۽ ڪنهن کي بہ ٻي تي استحصال، ظلم يا تشدد روا رکڻ جو ڪوئي اخلاقي جواز نہ آهي. اهو ئي فلسفو آهي جو مون کي اسپنوزا، شاهہ لطيف، بلي شاهہ، ڪبير وغيره جي غور سان مطالعي ڏنو آهي. ذڪر ڪيل شخصيتن مان پويان ٽي شاعر ها، فلسفي ڪو نہ ها، پر هنن جي شاعري انهيءَ فلسفي جو بنياد مهيا ڪري ٿي جو انسان ۽ هن جي قوم کي پنهنجي بقا لاءِ اتساهي ٿو ۽ ٻي تي ظلم ۽ تسلط کان باز رکي ٿو.

افسوس جو اسپنوزا ٻيءَ جنگ ۾ وچڙي ويو هو- بيماريءَ خلاف جنگ ۾. هو اُها جنگ هارائي رهيو هو پر هن کي اها پڪ هئي تہ "جسم جي نابود ٿيڻ سان روح نابود نہ ٿو ٿئي، پَر اِن مان ڪجهہ رهجي وڃي ٿو، جو ابدي آهي"، ۽ اها ڳالهہ جا هن ۾ ابدي هئي، هن کي بي خوف ۽ بي پرواهہ رکندي آئي، جيسيتائين هن جو نحيف ۽ نزار جسم ۱٦۷۷ع ۾ سلهہ ۾ ختم ٿي ويو.

اهي ها فلسفيانا خيال جي مون کي بيماريءَ جي ٻي ڏينهن تي اچي رهيا ها. مون دل ۾ طئي ڪيو تہ ڊاڪٽر ڇا بہ چون، مان اهو ڪجهہ لکندو رهندس جيڪو مون کي لکڻو آهي. هن سنسار جي مايا روپي ندي ۾ ڪويتا ئي تہ مون لاءِ گهاٽ آهي، موت چانئٺ تان پيرُ هڪ پاسي کان ٻي پاسي رکڻو آهي ۽ ان ڪري اُن جو خوف اجايو آهي.

ايتري ۾ هڪ پنجابي نرس آئي، جا جهونگاري رهي هئي:-

اَگون تيري بهاڳ لڇهئي
مُندا ديکهه ڪبوتر وَرگا

( اي لڇي (نچڻي ڳائڻي ڇوڪري) تنهنجي اڳيان ڀاڳ آهي، ڇوڪرو ته ڏس ڪبوتر جهڙو!)

مان پنجابي ڪجهه سمجهندو آهيان. لوڪ گيت جون سِٽون ٻڌي منهنجي اَدبي رڳ ڦڙڪي اُٿي. مون هن کي ٻَڌايو ته منهنجو اهو لوڪ گيت ٻُڌل آهي. هن پڇيو ته مان پنجاب ۾ رهيو آهيان ڇا؟ ڇو ته اهو ٺيٺ پنجابي لوڪ گيت آهي. (هن کي پنجابي گيتن لاءِ ڪمزوري ٿي نظر آئي) مون هُن کي ٻڌايو ته مان رائٽرس گلڊ جي ڊيليگيٽ جي حيثيت ۾ ڍاڪا وڃي رهيو هوس ته پنجاب جو مشهور اردو شاعر صوفي غلام مصطفيٰ "تبسم" ۽ ٻيا اديب به مون سان هوائي جهاز ۾ گڏ هيا. اسان ڊي - سي ۱۰ ۾ وڃي رهيا هياسين، جنهن ۾ شراب جو بندوبست هيو. مون وسڪي پيئندي، صوفي تبسم کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو پنهنجي شاعريءَ کي منطقي نتيجي تي پنجابي ٻوليءَ ۾ پهچائي سگهندو؛ هن چيو ته پنجابي لوڪ گيت، ماهيا وغيره ته هن کي ڏاڍا وڻندا آهن پر هن پنجابيءَ ۾ طبع آزمائي ڪڏهن نه ڪئي آهي. هن چيو ته تو کي اهو ٻڌي عجب ايندو ته علامہ اقبال کي به هاشم شاهه جي پنجابي شاعري وڻندي هئي. پوءِ هن مون کي مٿيون لوڪ گيت ٻڌايو هو. هن لڇيءَ تي ٻيو به هڪ لوڪ گيت ٻڌايو هو:

جتهي لڇهي پير دهردي
اُتهي اُگدا سرو دا بوٽا

(جتي نچڻي پير ڌريندي ، اُتي سرو جو ٻوٽو اُڀري پوندو)

ٻي ڀيري جڏهن اسان ڍاڪا رائٽرس گلڊ جي ميٽنگ لاءِ وڃي رهيا هياسين ته صوفي تبسم مون کي چيو هو ته هن ڪجهه گيت ۽ غزل پنجابيءَ ۾ لکيا ها، جي هن مون کي ٻڌايا. اهي پوءِ هن پنهنجي مجموعءِ ڪلام ۾ به شايع ڪرايا ها.

اهڙي طرح هڪ ڀيري مون فيض احمد فيض کي به مطمئن ڪيو هيو پر هن چيو هو ته "اياز ! منهنجي عمر تو جيتري هجي ها ته مان

مان فلسفي ۽ آرٽ جي ملبي ڪي هٽائي، لَتا چٽبينديي اُتان تو، اهو تہ صاف ظاهر آهي تہ مون ڪي موت جو پوَ اصل نہ ٿيندو آهي. هڪ ڀيري مان پاڪستان جي پين وائيس چانسلرن سان گڏ انقره ۾ سلطان عبدالمجيد جي حرم سرا ڏسي رهيو هوس، گائيڊ هڪ ترڪ ڪميونسٽ هو ، جنهن انگريزيءَ ۾ سلطان عبدالمجيد کي گاريون ڏيندي چيو هو” متي ڏس قرآن شريف جون ڪيئي آيتون لکيل آهن ۽ هيٺ تي سو ڪنيزن لاءِ ڪڏيون نهيل آهن، جن سان هن کي همبستر ٿيڻ جو حق هو. همبستر تہ خواجا سرا يا ٻاهران آيل ماڻهو ٿيندا هوندا پر هن اهي ڪنيزون رکيون پنهنجي لاءِ هيون.“ اسان سان گڏ پشاور يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مسٽر سيٺي بہ هيو، جو روميءَ جو وڏو معتقد هيو ۽ جڏهن پشاور يونيورسٽي ۾ رومي ڊي ملهايو هئائين تہ صدارت مون کان ڪرائي هيائين ۽ مهمان خاص مرحوم اي-ڪي بروهي کي ڪيو هيائين. (اهو ضياءُ الحق جو دؤر هو) گائيڊ جا بدشد لفظ ٻڌي سيٺي صاحب جي غيرت - اسلامي جوش ۾ آچي وئي ۽ هن گائيڊ کي چيو هو تہ، ”تون ڪير ٿيندو آهين اسان جي سلاطين کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ وارو؟“

گائيڊ نهايت غصي سان هن کي چيو هو تہ، ”تنهنجو دماغ ٺيڪ تہ آهي نہ؟ سلطان منهنجو هيو يا تنهنجو؟“ اسان کي جواب ۾ ايتري بدتميزي ڏسي ڪاوڙ آئي ۽ هن جي تقرير اڌ ۾ ڇڏي يڪدم ٻاهر نڪتاسين؛ اسان اڃا دروازي کان پنج قدم ٻاهر پهتا هياسين تہ لڙ ٿيو. پڇا تي معلوم ٿيو تہ اهو گائيڊ اوچتو ڪري پيو هو ۽ مري ويو هو. مون کي ان وقت فريڊرڪ اعظم جا لفظ ياد آيا تہ ”شايد آخر ۾ فطرت چاهي ٿي تہ اسان زندگيءَ مان بيزار ٿي پئون، جيئن اسان هيءَ دنيا گهٽ افسوس سان ڇڏيون.“

(Perhaps nature wants us, at the end of our days , to be disgusted with life , so that we may leave the world with less regret)

(Fredric the Great)

جوس - بي - ابن (Jose Be Iben) کهڙو نہ چڱو چيو هو ”موت

جي ڏينهن ٻئي دنيائون هڪ ٻئي کي چُمي ڏين ٿيون، هيءَ دنيا جا وجي رهي آهي ۽ هوءَ دنيا جا اچي رهي آهي.“

پر انهيءَ ڪميونسٽ ترڪ کي انهيءَ چمي لاءِ به فرصت نہ ملي هئي. تسڪين اچي رهي هئي تہ مون کي ڊيوجانس (Diogenese) جي مقولي مان اچي رهي هئي، جنهن چيو هو تہ ”موت ايترو نجس ڪيئن ٿو ٿي سگهي، جڏهن اُن جي موجودگيءَ ۾ اسان کي اُن جو احساس نہ آهي.“

زرينا اچي ٿي تہ پنهنجي پُور مان ڇرڪ ڀري، سارا خوابِ و خيال ائين هٽائي ٿو ڇڏيان جيئن هُن ڊائننگ ميز تان ٻيو سڀ ڪجهہ هٽائي، اڇوڪي ڪاڏي جو سامان رکيو آهي. اسپتال جو ڪاڏو تہ اسان ڪنهن غريب کي ڪائڻ لاءِ ڏئي ڇڏيندا آهيون. اُن ۾ ننڍي ٻاڏي جو گوشت جو ڇيلي جي گوشت وانگر ڏسڻ ۾ ايندو آهي، پَتيل جي چپاتي، دال جنهن تي ڪچو تيل مٿان پيو هوندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٿلهيون پينڊيون هونديون آهن، جن جا ٻج ايڏا وڏا هوندا آهن، جي پڪيءَ جي نڙيءَ ۾ تہ جيڪر اٽڪي پون. زرينا گريپ فروٽ جي جوس جو هڪ گلاس مون کي ڏيندي هئي ۽ ڪلاڪ ڪانپوءِ مرغيءَ جو سوپ ۽ ڊبل روٽيءَ جا هڪ يا ٻہ ٽڪرا ۽ پوءِ سونهري صوف ڏيندي هئي جو ٻاهران تہ سخت پر اندران ڏاڍو خستو هوندو هو. منهنجا پٽ انيس يا سليم هُن کي ڪار تي ڇڏي ويندا ها. هوءَ پاڻ سان گڏ ڊان، جنگ، عوامي آواز، جاڳو، هلال پاڪستان اخبارون بہ آڻيندي هئي، جي ڪڏهن پاڻ پڙهندي هئي ۽ ڪڏهن مون کي پڙهي ٻڌائيندي هئي. وچ ۾ اسٽاف ايندو هو جن ۾ ڪڏهن ڪائي خوبصورت نرس هوندي هئي تہ زرينا هُن کي غور سان ڏسندي هئي.

سارو ڏينهن مان ۽ زرينا ننڍپڻ جون ڳالهيون ڪندا هُياسين جا اسان گڏ گذاري هئي. اُهي رانديون جهوپڙي جَهٽي، اِٽي ڏڪر، ڪوڏين سان چِنر، ايڻ ميڻ، جَهمٽ مُٽو، فلاٽو ڪيڻ (هڪ ڇوڪري ۽ ڇوڪرو اونڌو ٿي بيهندو هو، ٻيو هُن جي پُٺيءَ ٽپو ڏئي ويهندو هو ۽ اهو سوال پڇندو هو) ۽ ٻيو چوندا هياسين، ارڇڪ مرڇڪ، ڏاٽا ڏرڇڪ، آگ

پتيئڙو، نانگڻ جوڳڻ، ڪٿي، مٿي، ڇٿي ۽ پوءِ تعجب سان سوچيندا هياسين تہ اهي ڪهڙيءَ ٻوليءَ جا لفظ آهين، جا اسان ڪان وسري وئي آهي، اسان جي قديم ماضيءَ جي!

ڪنهن وقت ’الهدادڙي‘ لفظ ڇئي جو پڇندا هياسين تہ شڪارپور جا اٺ ئي دروازا گهمي ايندا هياسين. مان ونجهہ وٺيءَ، ڪوڏيءَ ڪوڏيءَ ۽ ملهہ جو ماهر ليکبو هوس. اسان جي پاڙي ۾ هڪ حاڪمِ حجمياڻي هوندي هئي جا اسان کي ڪيئي لوڪ ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي جن مان هڪ ويرل ۽ عشقي سلطان جي هوندي هئي، جنهن ۾ ويرل جڏهن ويچوڙيل عشقي سلطان سان ملندي هئي تڏهن حاڪم ڳائيندي هئي:

آتــي گــهــگـــو تـــارڙو،
مَــتــي گـهـگـــهـو تـــارڙو،
سُڪو وِيرلُ جو هينئڙَو ڦٽو.

مون ۽ زرينا اڳي عيد جي موڪلن ۾ نندپڻ ساريو هو ۽ مان ستر صفحا ڪن لکيا ها جي منهنجي هڪ نوٽ بُڪ ۾ لکيا پيا آهن. مون سوچيو تہ جي هينئر بچي ويس تہ پنهنجي نندپڻ تي اهو ڪتاب پورو ڪندس.

زرينا جو. پيءُ انهيءَ زماني ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هو جڏهن انگريز ڪليڪٽر هوندا ها. منهنجي پيءُ کي تہ پويان ڏينهن سلهہ هئي ۽ هو سانده ٻہ مهينا ڇري پري نہ سگهندو هيو. مان پهرين درجي انگريزيءَ جو امتحان ڏئي آيو هوس. هن Coma مان اکيون پٽيون. سگري ٻري رهي هُئي ۽ مائٽ، مائٽياڻيون چوڌاري ويٺا ها. منهنجي امتحان جو نتيجو اُن ڏينهن ظاهر ٿيو هو. بابا اکيون پٽيون ۽ مون کا پڇيائين ”پٽ، تون (امتحان ۾) پهريون نمبر آئين؟“ مون چيو تہ ”ها“. ان کانپوءِ هن اکيون ٻوٽيون ۽ وري نہ کوليائين. اسان جي پاڙي پرسان ’ڪورڪي پاڙي‘ ۾ حڪيم صديق رهندو هو، جنهن کي منهنجا مائٽ وٺي آيا ها. هن بابا جي نبض ڏسي چيو تہ ”هي گذاري ويو آهي!“ سڀ ڏُنڊڪرا

ڏئي روئڻ لڳا. منهنجي ماءُ اوچتو ڪوئلن جي سگري وارن تي پيئي، جا اسان جي مائٽياڻن يڪدم چنبڙي ورتي، ڇگهو جو ان ۾ ڪافي ڪوئلا وسامي چُڪا ها. اهڙي رسم اسان جي پاڙي ۾ ته ڪا نه هئي پر منهنجي ماءُ اصل ۾ هندو هئي ۽ منهنجي پيءُ سان، سخت مخالفت جي باوجود، شادي ڪئي هيائين. هُن مان ، آنءُ ۽ منهنجي ڀيڻ سبحان خاتون، بابا کي چاوا هياسين جا هاٽي گذاري چڪي آهي. منهنجو پيءُ هڪ جهان گرد انسان هو. هو ڪورٽ ۾ پيشڪار هوندو هو، جتي هُن پنهنجي مئجسٽريٽ کي ڪنهن ڳالهه تي ڪاوڙ ۾ اچي رولر هنيو هو ۽ پوءِ نوڪري ڇڏي، ڀڄي ويو هو ۽ وڃي حيدرآباد دکن نڪتو هو. هن اتي اردوءَ تي ڪافي مهارت حاصل ڪئي هئي ۽ سڀ قانون جا ڪتاب اردوءَ ۾ پڙهيا هيا، جي دکن ۾ ترجمو ٿيندا رهيا هيا. پوءِ ڪيترو وقت هو لکنؤ ۽ الهه آباد ۾ رهيو هو، جتي جي ادب ۽ ثقافت سان هن جي گهري واقفيت ٿي وئي هئي. جڏهن هو شڪارپور موٽيو هو ته هُن اردوءَ ۾ قانون ۽ ادب تي کوڪا ڪتابن جا پاڻ سان آندا ها. ان ۾ اردو ۽ فارسي ڊڪشنريون، ديوان - حافظ، رباعيات عمر خيام، جعفر زٽليءَ جي ڪلام جهڙا ڪتاب به آندا هئائين جي مون خود ڏٺا ها. هو لا ايجنٽ (Law Agent) جو ڌنڌو ڪندو هو، جو بئريسٽر کان ائين گهٽ هو جيئن پليڊر جي ڊگري ائڊوڪيٽ کان گهٽ هوندي هئي. هن جون مون کي ڪيتريون ڳالهيون ياد اچن ٿيون، جي مان پنهنجي يادگيرين ۾ لکڻ ٿو چاهيان. منهنجي پڦي منهنجي پيءُ جي موت وقت موجود هئي، جنهن جا ٽي پوٽا ته منهنجا گهاٽا دوست آهن (حبيب الله، جو سکر هاءِ ڪورٽ بار جو پريزيڊنٽ آهي ۽ منهنجو جونيئر رهي چُڪو آهي، ارشاد احمد، جو پورٽ قاسم جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي ۽ آصف، جو ڪسٽم انسپيڪٽر آهي) منهنجي بيماريءَ کان اڳ انهن ٽنهي سان ڪچهريون ٿينديون هيون. انهن ڪچهرين ۾ منهنجو چوٿون مائٽ شيخ عباس شريڪ هوندو هو. جنهن بي - آءِ -ڊي - سي جو چيف انجنيئر ٿي رٽائر ڪيو ۽ پوءِ ڪافي وقت وچ اوڀر ۾ نوڪريون ڪري.موٽي آيو

آهي. هن پڻ تن موضوعن تي آمريڪا مان پي - ايچ - ڊي ڪئي آهي. فلسفي جو بيحد شوقين آهي ۽ اُن تي مون سان وڏا بحث ڪندو آهي ۽ چوندو آهي ته هن آمريڪا جي قيام دوران ڏيڍ ڪلاڪ آئن اسٽائن سان گفتگو ڪئي هئي، پر جڏهن پنهنجيءَ ڪيفيت ۾ هوندو آهي ته ڪَن تي هٿ رکي ٺيٺ شڪارپوري لوڪ- گيت ڳائيندو آهي:

پنهونءَ واري ڪوهه تي جت لک وهي لوٽي،
يار تہ منهنجو اچٹو شل وڃي نہ موٽي ،
اچ ساجن موٽي .....................

اُن ڪانپوءِ هو خاموش تي ويندو آهي، جيستائين اسان هن کي پنهنجي بنگلي تائين ڇڏي ايندا آهيون، جنهن ۾ Encyclopedia Britianica جا ڪيترائي جلد رکيا هوندا آهن. ۽ ٻيو ڪو بہ ڪتاب نہ هوندو آهي. هن منهنجا بہ تي ڪتاب پڙهيا آهن جي هن کي ڏاڍا وڻيا آهن. ٻي ڪنهن ڪتاب جي هن سان ڳالهہ ٽيندي آهي تہ هو اڪثر چوندو آهي، ”نہ بابا، توبہ ڪر، مان ٿو ڪتاب پڙهان!“ چار ڪلاڪ هو روز جِم خانا ۾ بليئرڊ کيڏندو آهي ۽ مون زندگيءَ ۾ هن کان وڌو Hedonist نہ ڏٺو آهي. چاهيان ٿو تہ هن تي هڪ ڪهاڻي لکان. حبيب الله ڪانسواءِ منهنجا ٻيا مائٽ هتي رهندا آهن. منهنجي زال جو ڀائٽيو مسٽر امجد بہ هتي ڊپٽي هوم سيڪريٽري آهي. اهي سڀ مون کان پڇڻ آيا. ياد نہ ٿو اچي تہ پهرين پيري آيا ها يا ٻي پيري آيا ها. ٻيا بہ ڪيترائي محسن ۽ احباب مون کان پڇڻ آيا ها جنَ ۾ مخدوم طالب المولي صاحب جا فرزند، منهنجو پراڻو دوست ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جو اڳوڻو رهنما حفيظ قريشي، عوامي تحريڪ جو رهنما رسُول بخش پليجو جو ڪنهن وقت حفيظ قريشي جو گهرو دوست هو. هن سان گڏ زاهده شيخ، ريحانا شيخ ۽ بخت جمال بہ گڏ هيا. خود هن جي ڏيءَ ساڳي اسپتال ۾ آپريشن لاءِ داخل هئي. قمر شهباز ۽ سندس گهر واري، سائين جي - ايم -سيد جو فرزند امداد محمد شاهہ ۽ ان سان گڏ منهنجو هندستاني دوست موهن پنجابي، تاجل بيوس سان گڏ

اسپتال ۽ گهر ۾ گهڻا ڀيرا آئي هئيَ ۽ نهايت پياوَ ۽ سنيهه سان پيش ايندي آهي. نرگس لطيف نئين ڪتاب 'ڪتين ڪرَ موڙيا جڏهن' جو جڏهن نقل ڪندي هئي تڏهن هن ڪي اٺين مهيني جو پيٽ هو ۽ سيزيرين ڪان هڪ ڏينهن اڳ تائين ڪاپي ڪندي رهي هئي. هوءَ 'آهيان جي وچ ناهيان' جي مصنف آهي، جرمني گهمي آئي آهي ۽ جرمن ٻوليءَ مان اردوءَ ۾ ڊراما ترجمو ڪندي هئي. هن پنهنجي پاءَ پرويز جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب Muslims and Science به مون کي تحفي طور ڏنو.

تاج جويو ۽ هن سان گڏ آسي زميني، حميد سبزوئي ۽ پيا ڊي - ايم - سي جا شاگرد، اياز گل ۽ ادل سومرو منهنجي گهر آيا ها. ڪلچر ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري حميد آخوند ۽ ڊائريڪٽر ممتاز مرزا به آيا ها. سنڌيڪا وارو سارو لڏو آيو هو ۽ مون ڪان شاهه جي رسالي جي اردو ترجمي جي ڇپائڻ جي اجازت وٺي ويا ها. منهنجو اڳيون پي-اي عطامحمد ميمڻ جو هاڻي چيف منسٽر هائوس ۾ ١٨- گريڊ جو آفيسر آهي، منهنجو دوست بيدل بدوي ۽ انهيءَ جي زال بينا به آيا ها. جا سحر امداد جي ڀيڻ آهي ۽ ٽي-ويءَ تي ڪم ڪندي آهي. شاهد پٽو ۽ انهيءَ جي مڱيندي به آيا. شاهد ٻڌايو ته هن بيدل سان ٺاهه ڪيو آهي جنهن هن جي فنڪشن تي اچڻ جو وعدو ڪيو آهي. هن مون لاءِ Mekaba Mystry جي فوٽو ڪاپي آندي هئي. جام ساقي، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سيڪريٽريءَ جي عهدي تان استعيفا ڏئي آيو هو، چو ته Hard Liners هن کي ڪم ڪرڻ جي وٽي نه پيا ڏين اهڙا Hard Liners نه رڳو هتي پر هندستان ۾ به آهن، جن کي مانَ وهابي ڪميونسٽ سڏيندو آهيان. سائين محمد ابراهيم جويو بار بار آيو، شايد هن کي پوءِ هو ته مان پَرَ تي بيٺو آهيان، ترڪي نه وڃان. نور محمد فوٽو گرافر ۽ طارق اشرف نه رڳو مون وٽ اسپتال ۾ آيا پر گهر به ٻه ٽي ڀيرا آيا. عوامي تحريڪ جو سيڪريٽري جنرل، انقلابي شاعر آڪاش انصاري 'ڪيئن رهان جلاوطن'، اڪبر ساگر 'مون ۾ آهين تون' ادل سومرو 'اسين مسافر پيار

صادق عليءَ تائين ۽ سلاميءَ جو 'نوان رستا ۽ نيون راهون' موڪليا .
تي نوان ڪتاب ڪلچر منسٽريءَ جا پهتا.

نور الهديٰ شاهه جون خوبصورت ڪهاڻيون 'ڪربلا' ۽ طارق عالم ابڙو جو 'رهجي ويل منظر' فيروز ڪٺي آيو جي مون اچا چڱيءَ طرح پڙهيا نه آهن. اياز لطيف 'دنيا پنهنجي ديس پرايا' ۽ بدر ابڙو 'هنگلاج ۽ لاهوت' ڪٺي آيو هو. منهنجو پراڻي يار برڪت علي آزاد، جمال ابڙو ۽ انهيءَ جو هوشيار پٽ بدر ابڙو (جنهن جي جيل جي ڊائريءَ جو مهاڳ مون لکيو آهي ۽ جو هاڻ روزاني 'پڪار' جو ايڊيٽر آهي)، الطاف شيخ، مشهور شاعر ۽ پاڪستان گيهه ڪارپوريشن جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر قمر شهباز (جنهن سهڻيءَ جي 'شيخ اياز نمبر ۲، ۾ مون تي بهترين تنقيدون لکيون آهن ۽ مون ڪان انٽرويو وٺي ويهارو ڪيسٽ ڀريا آهن جو ته هو مون تي پورو ڪتاب لکڻ تو چاهي). منهنجو پراڻو دوست غلام رباني جو هن وقت اڪيڊمي آف ليٽرس جو چيئرمين آهي (مون کي هن جو هڪ ڏک هيو، پر مون هن سان ان جي ڳالهه انڪري نه ڪئي، جو گهر آئي کي مونجهاري ۾ نه وجهبو آهي) به آيو ۽ هن سان ڪجهه وقت ڪچهري ٿي. هن ٻئي ڏينهن اسلام آباد مان مون کي فون ڪري چيو ته "جي منهنجو ڪوئي ڪم هجي ته مان هن کي بنا حجاب ٻڌايان". منهنجو پراڻو يار تنوير عباسي به آيو. ٻئي ڄڻا، تنوير ۽ رباني، اڳ به زرينا ڪان منهنجي صحت جي باري ۾ فون تي پُڇي چُڪا هيا.

وزير اعليٰ جو ثقافتي صلاحڪار علي نواز وفائي، اڳيون مرڪزي وزير غوث بخش مهر ۽ هن جي نياڻي، "دنگي منجهه درياهه" جو اسڪرپٽ رائٽر ۽ هن وقت پارس جو ايڊيٽر علي بابا ۽ انهيءَ جي پروڊيوسر مشتاق گذدر جي زال ۽ اُردو جي صحافي ۽ ڪهاڻيڪار سعيده گذدر، جنهن سان منهنجي تڏهن کان دوستي آهي جڏهن هوءَ مرحوم سبطِ حسن سان گڏ 'پاڪستاني ادب' رسالو ڪيندي هئي. هوءَ ڪيترن ئي ڪتابن جي مصنفه آهي. سوڀو گيانچنداڻي ۽ هن جو پٽ ڊاڪٽر ڪنئيا لال، قلي بخش رند جو ڪجهه وقت اڳ لاڙڪاڻي جو ڪمشنر هو (مان پانيان ٿو هو اسپتال ۾ مون لاءِ گل ڪٺي آيو هو. ۽

شايد علي نواز وفائي بہ آتي آيو هو.) آتي منهنجو پيارو دوست يوسف شاهين ۽ راجاڻي، بزنيس آبزرور جو ايڊيٽر، سرفراز راجڙ ۽ عبدالقادر جوڻيجو بہ الڳ الڳ آتي آيا ها. ڪنهن وقت اسان صبح جي پوئين پهر تائين گڏجي وسڪي پيئندا هياسين ۽ ڪچهري ڪنداهياسين ۽ موذن جي جاڳ کان ٿورو وقت اڳ ۾ کسڪي ويندا هياسين. ڇا ڪيان مون کي نالا، شهر ۽ تاريخون اڳ ئي ياد نہ رهنديون هيون، هاڻي تہ ويتر بيماريءَ حافظو گهٽائي ڇڏيو آهي.

انڪانسواءِ آريسر، غلام الله ۽ ٻيا جيئي سنڌ جا رهنما آيا ها، جن مان، غلام الله تہ مونسان سکر ۾ وڪالت ڪندو هو ۽ هاڻي 'جيئي سنڌ تحريڪ' جو وڏو ٿنڀو آهي ۽ آريسر جنهن ڪنهن غلط فهميءَ سبب مونسان ڪجهہ تلخ ڪلامي ڪئي هئي، پر منهنجي نظر ۾ هو هڪ سمجهدار محب الوطن آهي. ائين تہ جيئي سنڌ تحريڪ جا ڪيئي ڪارڪن مون کان پڇڻ آيا ڇو تہ بقول تنوير "مان بہ سنڌ آهيان" ۽ اڪيچار سنڌي محبِ وطن جن جي رڳو ادب ۾ دلچسپي آهي آيا ها ۽ منهنجي شفا ۽ لنبي عمر لاءِ دعائون ڪيون هيائون. هندستان مان بہ ڪيئي ٽيليفون ڪال آيا ها، جن لاءِ مان ٿورائتو آهيان.

مان معافي طلب آهيان ان خاتون کان جنهن پنهنجو نالو 'خوشبو' ٻڌايو ۽ جنهن مون کان شام جو پنجين بجي اچڻ جو ٽائيم ورتو پر جڏهن هن پنجين بجي فون ڪيو تہ زرينا هن کي اچڻ نہ ڏنو ڇو تہ هُن پنهنجو اصلي نالو ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ جڏهن مون کي اها خبر پئي تہ مون سمجهيو تہ اها خوشبو ڪير ٿي سگهي ٿي! دنيا ۾ هڪ ئي تہ خوشبو هئي جا گلِ شبو وانگر مون کي ڪنهن وقت پسند هئي.

قاضي منظر حيات روز اچي 'ڪتين ڪر موڙيا جڏهن' اتاريندو هو. هن اهو مهاڳ بہ ڪاپي ڪري ورتو جو مون 'الوداعي گيت' تي لکيو ۽ منهنجي شاعريءَ جا بہ ٻيا ڪتاب 'ننڊ وليون' ۽ 'سورج مکيءَ سانجهہ' بہ پنهنجي خوش خطيءَ ۾ اتاري رهيو آهي. 25th Hour وڊيو شاپ واري ڪيئي ڪيسٽ ڏسڻ لاءِ ڏياري موڪليا جن مان 'درشتي' مون کي ڏاڍو پسند آيو.

ماهتابَ محبوب جڏهن مُنهنجي گهر آئي تڏهن هُن کي منهنجي چوڏاري ڪتابن جو گهيراءُ نہ وڻيو هو ۽ هن چيو هو تہ ڪجهہ موسيقي ٻُڌ. مون هن جي ڳالهہ کي صحيح سمجهيو. پوءِ تہ امير خسرو جو سُرَ بهار، اقبال بانو، مهدي حسن، اختري بيگم، جگجيت ۽ چترا جو غالب جو ڪلام، ريشمان، سائين مرنا، زرينا بلوچ، الڻ فقير، مائي ڀاڳي، بيدل بدوي ۽ ٻين جا پريل پنهنجا ۽ ٻين جا گيت ۽ ٿري لوڪ گيت ٻُڌندو رهيس. انهن ۾ وڪٽر جارا وغيره جا اجنبي گيت بہ هيا ۽ روسي ۽ ٻيون آرڪيسٽرائون بہ هيون جي مان اڳي بہ چاهہ سان ٻڌندو هوس ۽ ٻين ڪئسيٽن سان گڏ سکر مان آندا هيم. اُنهن مان ڪيترائي ڪيسيٽ منهنجي پوٽيءَ ٻتو وڃائي ڇڏيا ها. انهن ڪافي دل بهلائي. وڏيڪ دل بهلائي منهنجين نياڻين روحي، ياسمين ۽ نگهت، پٽن انيس ۽ سليم جي ٻارن، جي بار بار ايندا ها ۽ اُنهن مان ڪي تہ هاڻي، خاص ڪري ياسمين جا ٻار وڏا ٿي ويا آهن ۽ ڏاڍيون ذهين ڳالهيون ڪندا آهن. نئون نسل اسان کان ڪن ڳالهين ۾ وڌيڪ ذهين آهي. وي-سي-آر، ٽي-وي ۽ ڪئميرا هلائڻ لاءِ هنن کي چوندو هوس. هونءَ تہ هرڪوئي جيڪو ملڻ ايندو هو، پنهنجي ڪئميرا آڻيندو هو ۽ منهنجا فوٽا ڪيندو هو.

ائين ياد تہ گهٽيئي ڪندا آهن پر ڪراچي شهر وڏو آهي ۽ هر ڪنهن کي موٽرون نہ آهن. بمبئيءَ ۾ مونکي ڪنهن سنڌي اديب ٻڌايو هو تہ "ٽنهنجي اچڻ جي ڪري جلدي جلدي مِلون ٿا نہ تہ ٽن سالن ۾ هڪ ٻيرو بہ مشڪل ملندا آهيون" چون پيا تہ اها 'شاهہ، سچل، سامي سيمينار'، جنهنجو مون مهورت ڪيو هو، اُن ۾ نہ رڳو هندستان جي ڪيترن حصن جا پر دُبئي، لنڊن ۽ هانگ ڪانگ مان سنڌي بہ آيا ها. اهو ڏسي ڪنهن "سڄڻ" اهڙي نظر هئين جو آپريشن کان پوءِ هن جي اکين ۾ پيل لينسز (Lenses) بہ ٽڙڪي پيا.

اهي ٽي مهينا يادگيرين ۾ ننڊ مان بار بار اُٿي لکڻ ۾ گذريا. ان وقت ۾ مون آمريڪي رسالا، ٽائيم ۽ نيوزويڪ، لاهور مان نڪرندڙ رسالو ويو پوائنٽ (View Point) ۽ ڪراچيءَ مان نڪرندڙ هيرالڊ (Herald)

چاهيان ته مون کي ياد ڪيو وڃي. هي انسانيت سوز ڏؤر آهي. بهتر آهي ته ماڻهو وسري وڃي". ڪِتي هي ڏؤر ڏسي مان به ته ائين نه ٿو سوچان!¹

مون کي افسوس آهي ته بيماريءَ سبب مون اُنهيءَ مضمون تي ايتري ڏک جو اظهار نه ڪيو آهي جو بنگلاديش ۾ طوفان ۽ سيلاب تي لکيو ويو هو ۽ جنهن ۾ هڪ لک پنجويهه هزار يا اجا به وڌيڪ ماڻهو ماريا ويا ها ۽ جنهن ۾ ڏکي ڪسانن جون ڪيئي تصويرون ڏنل هيون. آخر هڪ اديب جي خودڪشي، ايتري بي معنيٰ موتن کان وڌيڪ اهميت واري به نه هئي، پر چاڪاڻ جو هُن خودڪشي دل جي بيماريءَ سبب ڪئي هئي ۽ جنهن سبب آنءُ به بستري تي ليٽيل هوس، مون اهو مضمون وڌيڪ دلچسپيءَ سان پڙهيو هو. ائين چو ته ڪنهن وقت پنهنجي ذات ساريءَ ڪائنات کان اهم ٿي لڳي!

آمريڪا ۾ هيملاڪ سوسائٽي (Hemlock Society) آهي؛ هيملاڪ اُها زهر آهي جا ڪنهن وقت ۾ سُقراط پنهنجو انت آندو هو. ڊيرڪ همفري Final Exit, Derek Humphry (پويون لنگهه) نالي ڪتاب ۾ انهن ڊاڪٽرن، جي بيمار مريضن کي خودڪشيءَ ۾ مدد ڪن ٿا، ساراهيو آهي ۽ اها ڳالهه Critical/Intensive care units, Emergency, Medicine, Oncology & Gerontology (انتهائي نگهداشت وارن شعبن، حادثاتي طب، ڪينسر جي بيمارين ۽ ڏکي عمر جي تڪليف) ۾ عام جام آهي، پر ڇا اهو Death with dignity (مانَ سان موت) آهي؟ آرٿر ڪوئسلر کي هڪ ناستڪ هجڻ جي باوجود آپگهات جي ضرورت ڇو پيئي ؟ هن کي ته اڳتي جيابي ۾ ويساهه به ڪو نه هو ! مون اجا آپگهات جو خيال به نه ڪيو آهي. شعر جي هر نئين سٽ مون کي جيئڻ لاءِ اتساهي ٿي؛ مون کي موت کان ڀؤ يا ڪرڀ نه آهي، پر مان وڌيڪ جيئڻ چاهيان ٿو، وڌيڪ سونهن ڏسڻ چاهيان ٿو، وڌيڪ پيار ڪرڻ چاهيان ٿو، هن سرشتيءَ کي وڃائڻ چاهيان ٿو ۽ ان ڪري جيئرو رهڻ چاهيان ٿو.

ائين چو آهي ته آپگهات بي معنيٰ ٿو محسوس ٿئي. نندي هوندي

تہ مون پهريون شعر ئي سوامي رام تيرٿ جي ڊائرين تان متاثر ٿي لکيو هو، جنهن گنگا جي پُل تان لهرين کي تي ڏٺو تہ هُن کي جُنون آيو ۽ ”تون بہ لهر، مان بہ لهر“ چئي نديءَ ۾ ٽپو ڏنائين تہ ٻُولا تي هن جو لاش بہ نہ مليو. پر مون کي اهڙو موت اجايو ۽ بي معنيٰ محسوس ٿيو ۽ وري جارج سنتيانا (George Santayana) ياد آ يو:

"The dark back ground , which death supplies , brings out the tender colour of life in all purity"

(اونداهو پس منظر جو موت کي آهي اهو زندگي جا ڪومل رنگ پنهنجيءَ پوري پاڪيزگيءَ سان ظاهر ڪري ٿو)

ڏمپڊ (ٻوڌي پستڪ، جو مون ڏهہ ڀيرا پڙهيو آهي) ۾ اهي لفظ ڪهڙا نہ چڱا آهن، تہ ”جسم مري وڃي ٿو پر ان سان گڏ روح کي پوريو نہ ٿو وڃي.“ مون کي سينٽ آگسٽين جي هن ڳالهہ سان اتفاق نہ آهي تہ روح تڏهن مري وڃي ٿو جڏهن خدا هن کي ڇِڏو ڪري ڇڏي ٿو. جئين جسم تڏهن مري وڃي ٿو جڏهن هن کي روح ڇِڏو ڪري ڇڏي ٿو.“

تازو عرفان مهديءَ جي خودڪشيءَ تي ماڻهن کي نهايت افسوس ٿيو. هو مون وٽ يونيورسٽيءَ ۾ ايندو هو. جڏهن ننڍڙو هوندو هو تڏهن بہ هن مان ذهانت ٻکندي هئي ۽ هو ڪنول جي گل وانگر لڳندو هو. اهو افسوس سان ثابت ڪري ٿو تہ زندگي جيتري بہ آهي، جتي بہ آهي. چڱي شيءِ آهي ۽ موت کي ڪوٺ ڏئي اُن جو آڌرياءُ ڪرڻ عبث آهي.

هاڻوڪا ماڻهو پنهنجي موت ڏانهن نهايت تيزيءَ سان ٿا وڃن. علامہ اقبال جي ترنم ريز نظم وانگر جا هن پنهنجي ناقي تي ”نغمہءِ ساربانِ حجاز“ (حجاز جي اوٺار جو راڳ) جي عنوان سان چئي هئي:

ناقہ ء سيارِ من<br>
آهو ئي تاتارِ من<br>
درهم و دينار من<br>
اندڪ و بسيارِ من

تيز تر کہ گامر زن منزلِ ما دور نيست
در تپشِ آفتاب
غَوطہ زني چونُ سراب
هم بہ شبِ ماهتاب
تُند روِي چو شهابُ
چشمِ توناديِده خواب
تيز تر کہ گامر زن منزلِ مادور زيست.

ترجمو: اي منهنجا سير ڪندڙ ناقا (اٺ)
اي منهنجا تاتار جا آهو (هرڻ)
منهنجا درهم ۽ دينار
منهنجا تورا ۽ گهڻا( ڌن مال)
پنهنجو قدم وڌيڪ تيز هلاءِ ڇو تہ اسان جي منزل دور نہ آهي
سج جي گرميءَ ۾
تُنهنجِي رُج ۾ تپي
چانڊوڪي رات ۾
پيچڙ تاريٰ واري تيز چال، تنهنجن اکين خواب نہ ڏٺو آهي.
پنهنجو قدم تيز وڌاءِ اسان جي منزل دور نہ آهي.*

اهڙن انسانن جو موت جلدي اچي تہ اُنهن تي ايتري ميار تہ نہ

---

* هي شعر فارسيءَ جي سُبڪ .هنديءَ ۾ لکيل آهي ، جنهن کي ننڍي کنڊ ۾ اڪبري زماني ۾ پنهنجي عروج تي پهچايو ويو هو ڇو تہ انهيءَ دؤر جا شاعر ايران مان آيا هيا ۽ پنهنجي طرز پاڻ سان آندِي هيائون. رودڪي ۽ فردِوسيءَ کان وٺي قاآني، سنائي ۽ آنوري وغيره تائين هڪ ٽولي جي ڪلام ۾ سبڪ هندي سان تفاوت آهي. سعديِ بہ پنهنجي خاص طرز ايجاد ڪئي هئي ۽ اهڙي طرح افغاني بہ انهيءَ ڳالهہ جو خاص شيوو شروع ڪيو. ظهوريءَ، نذيريءَ، عرفيءَ ۽ نوائيءَ انهي عمل کي توڙ تائين رسايو، جنهن ڪانپوءِ اُنهن جي سلاست جو نقل ڪيو ويو. صائب، ڪليم، سليم، قدسيءَ ۽ حڪيم شفائي انهيءَ قطار ۾ اچن ٿا .مولانا شبلي عرفي جي نالي جو اضافو ڪيو آهي ، جنهن ۾ نون مضمونن ۽ خيالن جي بلندي ملي ٿي پر ڪلام مشڪل ٿيندو ويو آهي ۽ انهن ڪانپوءِ سبڪ هندي جا سني ۾ سٺا شاعر غالب ۽ اقبال ٿيا آهن . جيتوڻيڪ هنن کان اڳي ناصر علي ۽ بيدل دهلوي بہ ٿيا هيا پر اهي ڪن ناقدن جي نظر ۾ بي اعتداليءَ جا شڪار نظر اچن ٿا.

تہ ڇا تخليقي جينيس آرٽسٽ سان گڏ مري ٿو وڃي يا اهو بچي وڃي ٿو ۽ جيئرن قابل–حس ( چيتن وارن ) ماڻهن جي ذريعي اظهار پائي ٿو. ان ۾ مثل مصورن Van Gogh, Renior , Modigliani (مودگلياني، رينيار ۽ وان گوگ) وغيره جون تصويرون ڏيڪاريل هيون، جي جيئرن جي ذريعي تخليق ڪيون ويون هيون. ان ۾ اهو بہ ڏيکاريل هو تہ Obuija Board تي ڪيئي پُراسرار پيغام آيا ها. مون کي خود اهڙي بورڊ تي جمال ابڙي جي نياڻيءَ کان اهڙيون ڳالهيون معلوم ٿيون هُيون جي مون کي سچيون لڳيون هُيون ۽ جي هن کي عام طرح تہ خواب خيال ۾ اچي نہ سگهن ها ۽ اُن وقت جمال ابڙو بہ موجود هو، بهرصورت اها Pathology جي علامت آهي تہ ڪوئي ان جي باري ۾ نفسيات جو ماهر ئي Psycho- چئي سگهي ٿو.

ان ۾ ٻيا باب Poet from the Shadows ۽ Literature of dead جن ۾ ناول، شعر، ناٽڪ بظاهر مرده ماڻهن لکرايا ها ۽ ٻيون ڪيئي اهڙيون حيات بعد از ممات جي باري ۾ ڳالهيون هيون. انهن ڪتابن جو ٿورڙو ذڪر مشهور پنجابي شاعره امرتا پريتم پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ 'رسيدي ٽڪٽ' جي ٻي حصي ' سرخ ڌاڳي کا رشتہ' ۾ ڪيو آهي. امرتا پريتم ڪنهن وقت ڪميونسٽ هئي ۽ ساحر لڌيانوي جي محبوبا هئي. هاڻي تہ هوءَ چوي ٿي تہ مرحوم ساحر ۽ سندسَ مڙس امروز اڳين جنم ۾ ڪنهن وقت سندس مڙس هيا ۽ صديون اڳ هوءَ اندرا گانڌيءَ جي ماتيلي ڀيڻ هئي. مون کي وڏيڪ حيرت تہ ان ڪتاب ۾ پنهنجي نالي تي آئي تہ، "اهو مبارڪ، جنهن کي مون سپني ۾ ڏٺو ڪير آهي، ان کي جيل ۾ ڇو وڌو آٿائون؟" هوءَ هاڻ جوتش جي ايتري چڪر ۾ پئي آهي، جو ان موضوع جي ڇاڻ نہ رکندي، مان ان تي ڪجهہ نہ ٿو لکان.

بهرصورت اهي موضوع نہ رڳو منهنجي من ۾ ولوڙا وجهندا رهندا آهن پر ڪيترن ئي ٻين سمجهدار ماڻهن جي من کي جهنجوڙيندا رهيا آهن. ڪميونزم جي ناڪاميءَ کانپوءِ ماديت جو فلسفو بہ مشڪوڪ ٿي پيو آهي. جيتوڻيڪ Lokyata ڪتاب پڙهبو تہ نظر ايندو تہ يونان

هئي. مان هن کي هرويرو به چوندو هوس ته اسٽيٿسڪوپ سان منهنجي دل جي تپاس ڪن. تپاس ڪندي هن جو مُنهن منهنجي ڇاتيءَ تي جُهڪي ايندو هو ۽ مان هن کان تصوّر ۾ چمي وٺي ڇڏيندو هوس.

بهرصورت پي دنيا جو تصور ڪندي به منهنجي دل هن دنيا سان واڳي رهي. اسپتال مان چوٿين پيري ١٠ جولاءِ تي نڪتو هوس ۽ اڃا بستري ۾ آرام ڪري رهيو آهيان. دل جي بيماريءَ کان سواءِ مونکي Arthritis (جوڙن جو درد) ۽ پٺيءَ جو سور به ڏاڍو آهي. پوءِ به منهنجو ڪمرو ڪتابن سان ڀريو پيو آهي. هتي به ڪيئي دوست ملڻ ايندا آهن. سوڀو، جويو ۽ جام ساقي ڪيترا ڀيرا آيا آهن. جام ساقي ته پوئين ڀيري ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل جي عهدي تان استعيفا ڏئي آيو هو. شايد هن ميمبرشپ تان به استعيفا ڏني هئي. هن جو خيال هو ته ريتيءَ کان ڪراچيءَ تائين پيدل ڏوَرو ڪيو ويجي ۽ عام ماڻهوءَ کي انهيءَ حقيقت کان روشناس ڪرايو وڃي ته سنڌ ختم ٿي رهي آهي، اُن کي بچائڻو آهي ته سڀني جو اتحاد ضروري آهي؛ مون کي هن جي سوچ ۽ سنيت تي اعتراض ڪونه هو پر مون سوچيو ته ڇا هن سنڌ جي حقيقت پوريءَ طرح سمجهي آهي. ڪاش! هن ڪي-آر ملڪاڻيءَ جو ڪتاب ”سنڌ اسٽوري“ پڙهيو هجي ها!

مون هن کي چيو ته پاڪستان ۾ ڪميونسٽ پارٽي هئي ڪٿي ۽ اوهان هرويرو پالٽ بيورو ٺاهي ويٺا هيا. هيءَ تو چڱو ڪيو جو استعيفا ڏني. پارٽيءَ ۾ سبطِ حسن جهڙا چڱا اديب پر ساده مزاج انسان هيا! هُن هڪ ڀيري مونکي هندستان جي باري ۾ ٿي پڙايو ته هو ڪيئن مزدورن کي مالٿس (Malthus) جي Theory of Surplus value سمجهائي خوش ٿيندو هيو. منهنجي ڀارت جي تازي دوري ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي اُتان جي ڪميونسٽ مسلمان ليڊر اصغر علي انجنيئر کي وٺي آيو هو جنهن کان پاڪستان ۾ ترقي پسند اديبن جي گولڊن جوبليءَ جي صدارت ڪرائي وئي هئي ۽ جنهن جي شروعات منهنجو گيت ”ميري ديده ورو- ميري دانش ورور“ ڳائي ڪري، ڪئي هيائون. مان ڀارت جي صورتحال

ڪڏ ۾ پوري ڇڏيا ويا ها ۽ انڪري هو ڪَڙي نظر هيٺ هو. منهنجي دؤري پيري يا ان کان پوءِ ايوتوشينڪو يورپ ۾ به پنهنجا خيال نهايت آزاديءَ سان اظهار ڪيا ها. جنهنڪري هن جي پاسپورٽ تي بندش پئجي چُڪي هئي. مشهور ناول نگار شولوخوف مِليونيئر هو ۽ ماسڪو کان سٺ ميل پري رهندو هو ۽ ان سان به ملاقات نہ ڪرائي وئي.

منهنجي روسي گائيڊ ارينا ٻڌايو هو تہ هن ڊاڪٽر زواگو فرينچ ۾ پڙهيو هو، جڏهن هوءَ فرانس ۾ Institute of Foreign Languages ۾ پڙهندي هئي. هوءَ رات جو مون سان منهنجي ڪمري ۾ دير تائين شئمپين پيئندي هئي ۽ ڊاڪٽر زواگو جي ساراه ڪندي هئي، پر پين بہ ڪيترن روسي اديبن مونکي ٻڌايو تہ هو ڪوشش ڪري رهيا هيا تہ ڊاڪٽر زواگو تان بندش لاٿي وڃي جا ڪجهہ مهينا پوءِ لاٿي وئي. مونکي ياد آهي تہ اُن ۾ پاسترناڪ لکيو هو "ڇا مارڪسزم سائنس آهي؟ مارڪسزم کان وڌيڪ ڪابہ ڳالهہ سائنس کان پري نہ ٿِي ٿِي سگهي". استالن شاعر مينڊالستام کي مارائي ڇڏيو. (جنهن جي دردناڪ ڪهاڻي هن جي زال ناديزدا ٻن حصن ۾ لکي آهي جو يورپ ۾ ڇپجي چُڪو آهي ۽ مون وٽ موجود آهي ۽ مينڊالستام جي محبوبا شاعره انّا اخمتووا کي لينن گراڊ ۾ طرح طرح جون تڪليفون ڏنيون ويون هُيون ۽ هُن کي چُپ ڪرائي ڇڏيو هُيائون). ڊاڪٽر زواگو جي مصنف ۽ پشڪن کانپوءِ رُوس جي وڏي ۾ وڏي شاعر پاسترناڪ کي انڪري نہ مارايو ويو جو هن استالن جي فائدي ۾ هڪ نظم لکيو هو، جو استالن کي ڏاڍو وڻيو هو. ان ڳالهہ جي ڪري پاسترناڪ جو ايترو من وڏي ويو جو هن هڪ ڀيري استالن کي فون ڪيو. استالن ڪيس رُکو جواب ڏنو "چئہ، ڇا تو ڳالهائڻ چاهين؟" "زندگي ۽ موت تي"، پاسترناڪ جواب ڏنو. استالن ٺڙاڪ ڪري فون بند ڪري ڇڏيو. مون کي اهو مثال ياد هو تڏهن اڪيلائيءَ ۾ روبرو هوندي بہ مون پُٽي سان زندگي ۽ موت تي نہ ڳالهايو هو. آخر هو سڪندر اعظم تہ نہ هو، جو هڪ سنڌي فلسفي کي ايلاز ڪري يونان ڏانهن وٺي ويو هو (وڌيڪ احوال هتي غير ضروري آهي ۽ ان لاءِ Greeks in India پڙهيو وڃي).

ٻُبو ڪپيو ويو هو. ان تي لينن زرزينسڪيءَ کي چيو، ”ڇا اِهو ضروري هو؟“ جنهن تي زرزينسڪِيءَ جواب ڏنو، ”ڪامريڊ! انقلاب هٿن تي دستانا پائي نہ آندو ويندو آهي“).

نڪولس٢ ۽ هن جو خاندان بہ چيڪا جو بکَ تي ويا (ويجهو مون ڪنهن اخبار ۾ پڙهيو تہ اهو بہ لينن جي اشاري تي ٿيو هو. ڪيئن ڇئجي؟) سرڪاري ڏر پنهنجو سفيد هراس (White Terror) ڦهلايو هو ۽ ان سرخ هراس جي ذريعي هڪ ٽئين قسم جو هراس ڦهلايو ويو، جنهن کي سائي فوج (Green Army) تي چيائون. هڪ اخبار نويس لکيو هو تہ اهو ڦاٽَ ڏڪار جو وڏو ڏڏڪاءُ هو. انگريزي فرانس اوڊيسا (Odessa) جي بحري بندر ۽ انگريزي فوج باڪوءَ جي چوڌاري تيل پيدا ڪندڙ هنڌن تي قبضو ڪيو، جيئن يو-ايس ۽ برطانيا جي فوج اُها جاءِ والاري سگهي ۽ اُهي هٿيارن جا انبار جي عبوري حڪومت موڪليا ها، بالشيوڪن جي هٿ نہ چڙهن. جپاني، آمريڪي ۽ انگريزي فوج سائبيريا ۾ گهڙي آئي هُئي، جيئن اهي سفيد آرميءَ جي مدد ڪري سگهن.

شروعات ۾ تہ ٽراٽسڪي، جيڪو جنگ لاءِ عوام جو ڪميسار هو، عوام مان عجيب و غريب ۽ گوناگون ميڙ ڪَٺو ڪيو هو، جنهن کي نالي ماتر فوج جي تربيت هُئي، پر هُو اُن ميڙ کي هڪ باقاعدي منظم فوج ۾ ڦيرائي سگهيو هو. ١٩١٩ع جي آخر ڌاري هن سفيد فوج کي ماسڪو مان هڪالي ڪڍيو. سفيد فوج، ڇاڪاڻ جو روس جي ارد گرد هُئي ۽ پوريءَ طرح ڪٺي نہ هُئي ۽ اُن کي ١٢٠ ملين روسي ڪسانن لاءِ سياسي پروگرام ڪونہ هيو، انڪري روسي ڪسان بہ لينن جي جادو هيٺ اچي ويا ها ۽ بالشيوڪن سان شامل ها جن هنن کي زمين ڏيڻ جا دلاسا ڏنا ها، جن تان پوءِ بالشيوڪ ڦري ويا ها (اها ڳالهہ ڊاڪٽر زواگو ۾ نهايت خوبصورتيءَ ۽ شدت سان چٽيل آهي) انقلاب ۾ اٺ لک فوجي ماريا ويا ها. ست ملين ماڻهو بُک ۽ بيماريءَ جو شڪار ٿيا ها ۽ ١٩٢٢ع واري ڏڪار پنج ملين پيا ماري ڇڏيا ها.

هڪ پيري مان، ڪامريڊ اشرف ۽ ڪامريڊ نصير حيدر، (جو صحافي هو ۽ شايد اڃا تائين 'ڊان' ۾ ڪالم لکندو آهي) فريئر روڊ تي ڪافي هائوس پرسان ديسي وسڪي پي رهيا هياسين. اشرف ۽ نصير حيدر مائوزي تنگ ۽ چيني انقلاب تي بحث ڪري رهيا ها. اشرف انقلاب جو وڏو طرفدار هو. نصير حيدر، جو تازو هندستان مان آيو هو، پنهنجي ڪيفيت ۾ اچي، اشرف کي تڙي ڏئي چيو "ڪنهن به قوم کي ويهه سال خانہ جنگي ۽ قتل غارت جو حق نہ آهي". هيءَ ڳالهه مون وچ ۾ انڪري آندي تہ ڪميونسٽن ۾ بہ ڪيترائي چڱا ماڻهو هئا. ڪيترا نہ شريف انقلابي فرانڪو جي خلاف هيا! هنن انٽرنيشنل برگيڊ ناهي هئي،جنهن ۾ هيمنگوي، جارج آرويل، آندري مالرو، ڪرسٽافر ڪاڊويل، ۽ اسٽيفن اسپينڊر جهڙا اديب بہ شامل هئا. ڪٽلونيا ۽ بارسيلونا ۾ آنارڪِسٽن ۽ ڪميونسٽن گڏجي حڪومت ٺاهي هئي پر پوءِ اسٽالن تي فرانس جو دٻاءَ پيو هو ۽ هن انارڪسٽن کي اڪيلو ڪري مارايو هو. انٽرنيشنل برگيڊ جي هڪ جهلڪ هيمنگوي جي ناول For whom the bell tolls (گهنڊ ڪنهن جي لاءِ وڄي رهيو آهي) ۾ آهي، جنهن تي عاليشان فلم بہ ٺهي آهي جا مون تڏهن ڏٺي هئي جڏهن ايل-ايل-بي پڙهندو هوس ۽ مون کي گئري ڪُوپر ۽ گِريس ڪيلي ڏاڍا وڻيا ها. اهي ساريون ڳالهيون مون History of Spain ۽ Spanish Poetry ۾ پوءِ پڙهيون هيون. اهو فلسفو ئي بنيادي طرح غلط هو. شايد هئري پالٽ (Harry Pollet) اُن وقت برٽش ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري هو ۽ اسپين ۾ وڙهندڙ اهم ڪامريڊن (Companaros) کي اُڪسائيندو هو تہ موت جي مُنهن ۾ وڃن جيئن هُن جي نالي کي اُجلائي ڊيلي ورڪر ۾ پروپيگنڊا ڪري سگهجي. ڪيڏي نہ سنگ دلي، ڪيڏي نہ ستم ظريفي هُئي ان روش ۾!

١٩٢٠ع واري دؤر ۾ هر-هاري جيڪي مايوسيءَ جو شڪار ها، پنهنجا ڳريل سڙيل ڍور ڍڳا سڀ کُهي کائي ويا ها ۽ آدم خوريءَ تائين لهي آيا ها، جيئن لينن گراڊ ۾ نازي جرمنيءَ جي گهيراوَ پيري ڪيو

هيائون. جڏهن ١٩٢٠ع ۾ اسٽالن لينن جي اوڊٽي اوڙهي تہ روس ۾ مهامريءَ (پليگ) جو دؤر شروع ٿي ويو. ٧٠ سال پوءِ اجا تائين روس ۾ انهيءَ خانہ جنگي جا پڙاڏا آهن. شولوخوف Quite flows the Don (ڊان خاموشيءَ سان وهي رهي آهي) ۾ ان کي رڳو هڪ ناولسٽ وارو رنگ ۽ رومانيت ڏني آهي. هاڻي منهنجي بيماريءَ جي دوران ناڪامياب سازش، گورباچوف جي رهائي، يونين جي پاره پاره ٿيڻ جو انديشو، پنهنجي بيوقوفيءَ جو اعتراف تہ اسان ڇهہ سو بلين روبيل افغانستان ۾ خرچ ڪري حماقت ڪئي، آمريڪا اڳيان ليلڙاٽيون تہ اسان کي هن سياري ۾ بک کان بچايو، جرمني کان بي تحاشا قرض ۽ نيٽو ۾ ان جي شموليت تي رضامندي، روسي شاعر ووزنيسينسڪيءَ جو آمريڪا جي شاعر ايلن گنسبرگ (Allen Ginsberg) ڏانهن ذلت آميز خط تہ امريڪا کي استدعا ڪئي وڃي تہ روس کي هن سياري ۾ تباهي کان بچائي وغيره، مون کي پنهنجي مرغوب فلسفيءَ جارج سنتيانا جو قول ياد ڏياري ٿو تہ "جيڪي ماضيءَ کي وساري نہ ٿا سگهن، انهن کي انهيءَ ماضيءَ کي دهرائڻ جي سزا ڏني وڃي ٿي" نہ ڄاڻان اها ڳالهہ مون کي جئپور جي هڪ ڪارگذاريءَ ۾ واسديو نرمل پارٽيءَ (هڪ اڳين سنڌ واسي ليکڪ) جو ناچ ڏسي ڇو ياد آئي هئي!

بهرصورت ٽينءَ دنيا جا مسئلا نہ رڳو اتيئي آهن پر اڳي کان بہ منجهي پيا آهن. مون مارڪس کان اڳ وارا انارڪسٽ پيهر پڙهي ڏٺا جي ڪنهن بہ پدويءَ، ڪنهن جي عهدي ۽ اوج کي ٽچ سمجهندا ها ۽ سيئي هڪ ٻئي کي هڪ جهڙو سمجهندا ها. ڇا اهي دنيا بدلائي سگهن ها؟ ڇا اهي ماڻهوءَ مان بگهڙ ۽ لومڙ جي فطرت ڪڍي سگهن ها؟

George Wood Cock (جارج ووڊ ڪاڪ) جي Anarchism (انارڪزم) تي ڪتاب ۾ لکيل آهي:-

"عام طرح نراج وادي اتهاس نويسن اهي ڪيئي پاوَ (رنگ، رُخ) الجهائي وڌا آهن جي نراج واد جي پٺيءَ ۽ ڪورَ ۾ آهن. ماڻهوءَ جي اصلي فضيلت، شرافت (Decency) ۾ آهي، انفرادي آزاديءَ لاءِ خواهش، زور

"That Government is best, which governs least".
(اها حڪومت سيني کان چڱي آهي جا گهٽ ۾ گهٽ حڪومت ڪري ٿي).

هن اختياريءَ کي بلڪل رد نہ ڪيو، آئلو هن چيو تہ اختياري بي ضرر ٿي سگهي ٿي، جي عوام اُن ۾ شريڪ ٿين ٿا. بالشيوڪ حڪومت هڪ ٽورائي جي حڪومت هئي، جنهن اقتصادي انصاف ۽ برابريءَ جي نالي ۾ گهٽائيءَ تي تسلط ڪيو هو ۽ زور آوريءَ سان پنهنجي ڳالهہ مڃائي هئي.

مان اجا اها ڳالهہ لکي رهيو هوس ۽ ڊاڪٽر قاضي منظر حيات، جو هڪ شاعر، اديب ۽ ناشر آهي ۽ خوش خطيءَ سان منهنجي ڪتاب "ڪتين ڪَر موڙيا جڏهن" جا ۴۳۰ صفحا اُتاري چُڪو هو ۽ باقي اُتار ۾ محو هو، تہ محمد ابراهيم جويو اچي نڪتو. مون هن جو قاضي صاحب سان تعارف ڪرايو. هن سان هڪ دلچسپ ڳالهہ ٻولهہ ٿي جا وسري نہ ويجي، انڪري اڌ ۾ لکي رهيو آهيان. مون هن کي چيو تہ سنڌ جا ٽي چار اديب جي پاڻ کي پَڙ سمجهي رهيا آهن پر سچ پچ ڇسا ۽ اَناڙي آهن، سي مونکي سادو انڪري ٿا سمجهن جو مون ۾ چل ڪپٽ ڪونہ آهي ۽ هو پنهنجي چڄائيءَ ۽ چترائيءَ سان مونسان ڪيچل ڪري رهيا آهن ۽ نہ ٿا سمجهن تہ مان چاليهہ سال هڪ نهايت ڪامياب وڪيل ٿي رهيو آهيان، ۽ هنن جي سٽن پيڙهين کي سڃاڻان ۽ هنن جو سمورو اندر الٽرا سائونڊ (Ultra Sound) وانگر ڏسي رهيو آهيان. مان ڄاڻان ٿو تہ اُنهن مان ڪهڙو ڇيٽاپيو، ڪڌهڙو، لوتڙيو ۽ ٻچاپڙو رهيو آهي ۽ هن جي اُن ٻلي وانگر فطرت آهي جو ٽپو ڏئي، ڇڪي تان کير جو لوٽو ڪيري وجهندو آهي، پوءِ ٻلي هن کي ڏک نصيب ٿئي يا نہ، پر مون ڏيرج ۽ ٻاند کان ڪم ورتو آهي ۽ اِن ڪري مونکي ٻل هيڻ يا ڪومل سمجهيو ويجي ٿو. هو منهنجي رَڄ چڱ مڙسيءَ کي اَٻوجهائي سمجهي رهيا آهن ۽ اهو نہ ٿا سمجهن تہ مان هنن جي پِٽي مان واقف آهيان ۽ ڪين واڻڪو ڪرڻ تي اچان تہ هوائون حيران ٿي وڃن پر مونکي پيو ڪم گهٽو آهي ۽ اوڇي، ڪُڏي، سازسَڙئي، لوئئي، لٻاڙيءَ، نيچ،

هاڻي وري اچون ٿا آزادي پسنديءَ ۽ انارڪزم تي. مون کان انساني تاريخ ۾ هڪ انسان اصل نہ ٿو وسري، ۽ اهو آهي Thomas Paine (ٿامس پين) جنهن جو ڪتاب Rights of Man (انسان جا حق) جو ٿنڪرس لئبرري سيريز جو حصو هو، مون کي ۽ منهنجي مرحوم دوست مونس کي ٿشو ڪيولراماڻيءَ پڙهڻ لاءِ ڏنو هيو. جڏهن اسان ٿشوءَ جي ڪمري ۾ رهندا هياسين، جنهن ۾ نئپولين بوناپارٽ جو هڪ خوبصورت مجسمو رکيو هندو هو (ٿشوءَ جو پاڻيجو ماڏو بہ مون سان ساڳي ڪمري ۾ گڏ رهندو هو ۽ تازو هندستان ۾ پنهنجي گهر منهنجي دعوت ڪئي هيائين جتي هو ۽ هن جي زال مون سان، زرينا سان ۽ ڪلا پرڪاش سان نهايت پيار سان پيش آيا ها، جنهن جو ذڪر هندستان جي سفرنامي ۾ ڪندس جو مون دل جي بيماريءَ جي ڪري، ہہ اَڍائي سؤ صفحا نوٽ وٺي، اڌ ۾ ڇڏي ڏنو آهي).

ٿامس پين آمريڪا جي آزاديءَ جي جنگ (American War of Independence) وقت هڪ تاريخي دستاويز لکيو هو، جنهنجو عنوان Common sense (ساڌارڻ عقل) رکيو هيائين ۽ جنهن ۾ هن سماج ۽ سرڪار ۾ تفاوت ڏيکاريو هو ۽ اُن کي مٿي ذڪر ڪيل گادون (Godvin) جي راءِ ۽ درشٽيءَ جي ڪافي ويجهو آندو هو.

ڪيترن ئي ادبين سماج ۽ سرڪار جي ويچار کي منجهائي وڌو آهي، ائين بدلائي وڌو آهي، جو اُنکي ڏسي اسان ششدر رهجي ويون ٿا (پاڪستان ۾ بہ صحافي ۽ سياسي مفڪر گهڻو ڪري ائين ڪن ٿا. مون تہ فقط بہ سلجهيل اردوءَ جا اديب پڙهيا آهن، ڊاڪٽر مبارڪ علي جو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي وقت ۾ پروفيسر هو ۽ احمد سليم جو منهنجو دوست آهي. هو بنيادي طرح پنجابيءَ جو اديب ۽ شاعر آهي ۽ منهنجي منتخب شاعري جو پنجابيءَ ۾ "جو بيجل ني آکيا" جي نالي سان ترجمو ڪيو اٿائين، اردوءَ ۾ بہ تاريخ، سياست ۽ ادب تي ڪيترائي ڪتاب لکيا اٿائين.

نہ ڄاڻان مونکان فهميده رياض جو نالو ڇو ٿو وسري وڃي؟ پيا بہ

ڪيئي پنجابيءَ ۽ اردوءَ جا اديب منهنجا دوست آهن، جن سان مان پوري طرح متفق نہ آهيان)

سو مون ڳالهہ تي ڪئي ٿامس پين جي. هن جو چوڻ آهي تہ سماج ڪي اسانجي ضرورتن پيدا ڪيو آهي، سرڪار اسان ۾ خبيثائي پيدا ڪئي آهي. پهرين ڳالهہ اسان ۾ سک ۽ ڪلياڻ جي لهر ڊوڙائي ٿي ۽ اسان کي ڳنڍي، اسان ۾ سنيهہ ۽ پريت آڻي ٿي ۽ ٻي منفي طور اسان ۾ هوائي سوچ جي روڪ ٿام ڪري ٿي. هڪ وهنوار ۽ لهہ وچڙ کي همٿائي ٿي تہ ٻي ڪجهہ پدويون ۽ درجا وڌائي ٿي. پهرين سهائتا ڪندڙ آهي ۽ پوئين سزا ڏيندڙ آهي. سماج هر حالت ۾ هڪ آسيس آهي، نعمت آهي. سرڪار، پنهنجي چڱي کان چڱي روپ ۾ هڪ اڻ ٽر (ٽي تو سگهي تہ ضروري بہ) بڇڙائي ۽ ڪِنُڌ آهي ۽ بُري روپ ۾ اڻ-سهہ آهي، ڇاڪاڻ جو سرڪار اسانکي اُهي پيڙائون ڏئي ٿي، جن جو اسانکي اُنهيءَ ديس ۾ خدشو آهي جنهن ۾ سرڪار بنهہ ڪانہ آهي. اسان جي آپدا اُهو ڄاڻي سگهي ٿو جو اهو ڄاڻي تہ انهيءَ سرڪار جو ڪارڻ اسان پاڻ آهيون ۽ ساري پوڳنا اسان جي پنهنجي آندل آهي ۽ سارو ڏک اسان پنهنجو پاڻ کي ڏنو آهي. حڪومت، لباس وانگر، وڃايل معصوميت جي نشاني آهي؛ شاهي محلَ بهشت جي نابود ڪُنڌ ڪرڇ تي اڏيل آهن. پين (Paine) حڪومت يا سرڪار ۾ بي ويساهي لاءِ توڙ تائين اورچ هيو. پنهنجي پورهئي کان ڪيئي سال پوءِ هن Rights of Man لکي انهن سماجي ۽ فطري خواهشن جي نيڪوڪار اثر کي اظهاريو جن کي ڪروپوٽڪن Mutual Aid ۾ پنهنجو موضوع بڻايو آهي. هُن سرڪار جي دعوائن کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ لاءِ اڏو آندو ۽ هن جي ايمانداري هن کي انقلابي قوتن جي ويجهو وٺي وئي. (جويو ۽ حشو ٻئي ڪروپوٽڪن جا وڏا معتقد ٿي رهيا آهن). انسانيت ۾ جيڪي گهٽي قدر ضابطو، ترتيب ۽ رواج يا دستور آهي، اُنهيءَ سان حڪومت يا سرڪار جو واسطو نہ آهي ۽ نہ اُن جو ڦل يا نتيجو آهي. اُن جي شروعات سماج جي متَن ۽ اُصولن ۾ ۽ انسان جي فطرت ۽ خمير ۾ آهي. اُها حڪومت

يا سرڪار اڳ ۾ ٻه هئي ۽ پوءِ ٻه رهندي. هڪ ٻئي تي آڌار ۽ ٻه طرفي ڏي وٺ جنهن لاءِ غرض، واسطو ۽ دلچسپي جا ماڻهوءَ جي ماڻهوءَ ۾ آهي ۽ جا هڪ سڀيه (تهذيب يافته)، سڌريل، نيات، ڄاتيءَ ۽ سماج جي هڪ ٻئي ۾ آهي، اها انهن جي سنبڌن ۽ لڳ لاڳاپن جو ڪڙو ڪڙي ۾ ملائي ٿي ۽ انهن کي جهلي بيهي ٿي، گڏ رکي ٿي ۽ پيڙو ۽ هيڪاندو ڪري ٿي. ڌرتيءَ-ڌڻي، هَر-هاري، دَستڪار، ڪاريگر، وڻجاري، وَڃات، واپاري ۽ ٻئي ڪنهن ڌنڌوڙيءَ جو ڌنڌو اُن سهائتا ۽ واهر سان وَڌي ويجهي ۽ ڦري ڦلي ٿو،جا هو هڪ ٻئي کي ڏئي ٿو ۽ سَيني کان وني ٿو ۽ جا ڳالهه سمپدا ۽ سُک جو ڪارڻ ٿئي ٿي.

ٿامس پين جي وقت ۾ جيڪس روڪس (Roux) جڻ انقلاب جو وڏو پروهت هو. ١٧٩٠ع ۾ هن تي ڪِسانن کي انقلاب لاءِ پڙڪائڻ جا الزام آندا ويا ها.هن طئي ڪيو هو ته انسان هڪ ٻئي جي نظر ۾ ائين هڪجهڙا هئا، جيئن خدا جي نظر ۾ هئا. هو هڪ ڪرستان تپشي هو. فرينچ انقلاب ڪانپوءِ ٿامس پين (Thomas Paine) ته لوئيءَ جي حياتي بچائڻ لاءِ ليلايو پر روڪس (Roux) ته لوئي تي ڦاسي لاءِ الزام آندا ۽ جڏهن لوئيءَ رُوڪس کي چيو ته منهنجي وصيت پروهت کي پهچاءِ ته هن کيس رکو جواب ڏنو ته ”منهنجو ڪم رڳو تو کي ڦاسيءَ جي تختي تي پهچائڻ جو آهي“. شروع ۾ رُوڪس پئرس جي انقلابي زندگيءَ ۾ سرگرم ڪارڪن هيو. هو سياسي زندگيءَ ۾ ته ڪامياب نه ٿيو پر ڏڪا ڏوٽا کائي وڃي General Council of Commune جو ميمبر ٿيو. ١٧٧٢ع ۾ هن پهريون پيرو شدت پسند خيالن جو اظهار ڪيو، جن تي هو تڏهن پهتو هو، جڏهن هو موچين ۽ واڍن ۾ ڪم ڪندو هو، جي هن جا ڳجها ساٿي ٻه هيا. فرينچ انقلاب اهي گهرون پورئيون نه ڪري سگهيو جي اُن جي پهرين نراجواديءَ ورتي جي مام ۾ هيون جا پهريون پيرو تڏهن پڌري ڪئي وئي جڏهن هن چيو ته (Senatorial despotism) اهل-مجلس جو ڏاڍ ۽ راڄ هٺ ٻه ايترو ئي ڀيانڪ آهي جيتري بادشاهن جي شاهي چوب، چاڪاڻ ته اها مجلس عوام تي ائين

زنجير وجهي تي جو اُنهن کي قيديءَ هئڻ جو احساس بہ نہ ٿو ٿئي ۽ اهلِ مجلس اُنهيءَ قائدي قانون کي جو عوام کان ٺهرايو ويجي ٿو، اُنِ کي نردئي ۽ ڪٺور بڻائڻ ٿا. اُن کي پنهنجي پناري هيٺ آڻن ٿا. انهيءَ افراتفريءَ جي دؤر ۾ اگهہ روڪ لاءِ نفعي خورن خلاف هل چل هَلي تہ اهڙي هل چل ۾ هُن جو هٿ سمجهيو ويو. ١٧٩٣ع ۾ نوجوان انقلابي مقرر جين وارليٽ (Jean Varlet) روڪس جو ساٿ ڏنو، جنهن ۾ اها تلخي هئي جيئن دنيا ۾ڪميونسٽ انقلاب جي ناڪاميءَ اُن جي حامين ۾ پيدا ڪئي آهي، جيڪي گهٽو ڪري ٽين دنيا ۾ رهن ٿا. جيئن روڪس منافع خوريءَ خلاف گوڙ ۽ ولوڙي ۾ ڪَني مالڪيءَ جي گهُر ڪئي هئي، تيئن ڪنوينشن ۾ وارليٽ (Varlet) رجعت پرست ٽولي جي نمائيندگي واري حڪومت تي زبردست هلان ڪئي.

نيٺ هڪ وڏي هل چل پيدا ٿي جٽي Roux ڪيئي تقريرون ڪنديي چيو تہ "اها آزادي ڪهڙي ڪم جي، جڏهن ماڻهن جو هڪ طبقو ٻئي کي بکيو پيٽ ڏئي ٿو؟" ۽ اهو بہ چيو تہ قانون استحصال جو دفاع ڪري ٿو ۽ اُن جي پاڇي ۾ هڪ طبقو ڦري لٽي، تيگرجي، ٽاٽَ تي پوي ٿو. چاڪاڻ جو هِن جو قانون ساز اداري ۾ پؤرو پيروسو ڪونہ هو، ان ڪري هن ان تي زور ڏنو تہ آئين ۾ منافع خوريءَ خلاف اهڙا فقرا آندا وڃن جو سرڪار کي گهٽي دست اندازيءَ جي ضرورت نہ پوي. اهڙي طرح ڪيئي حلقا، ان تحريڪ ۾ شامل ٿي پيا. مشهور انقلابي روبس پيئري (Robespierre) کي انهيءَ ساريءَ ٽان ٽان جي ڄاڻ هئي تہ ان مان ڪجهہ ورٿو نہ آهي، جيئن اسان کي هاڻي معلوم آهي تہ سنڌي اخبارن جي هاءِ گهوڙا اجائي آهي. روم ۾ وارليٽ (Varlet) کي گرفتار ڪيو ويو ۽ زالن جي سيا Claire Lacombe (ڪليئر لاڪومب) تي جهل وڏي وئي، جنهن بہ گڙبڙ تي ڪئي ۽ ڇهن هزار عورتن سرڪار خلاف جلوس ڪڍيا.

اُن دؤر ۾ انقلابي ٽربيونل ڪوٺائي وئي پر ان کان اڳ جو اها روڪس کي موت جي سزا ڏئي، هن پاڻ آپگهات ڪيو ۽ چيو "مان

ٽربيونل جي شڪايت نہ ٿو ڪيان. اها قانون موجب هلي آهي، پر مان پنهنجي آزاد خياليءَ موجب هليو آهيان“. آزادي قانون کان مٿي سمجهي مرڻ، هڪ انارڪسٽ جو موت آهي. پر وارليٽ بچي ويو.

رُوڪس (Roux) نراجوادي ويچارن جو چٽو ۽ پورو پورو اظهار ڪيو ۽ اُنهن کي تعصب جو لوڙهو ڏنل هو. پر هو اُهو ماڻهو جو هڪ بادشاهہ جي موت تي گڏ-گڏ تي ٿيو، اُن پوءِ جيل مان اُن ڪنورائي ۽ پسونءَ پٽي تي اعتراض وتو هو جو ڳرو پوُ ڏيکاري رهيو هو ۽ راڪاس وانگر مردن ۽ زالن ۾ هراس پکيڙي رهيو هو؛ جن جو ڏوهہ فقط اُهو هيو تہ اتفاق سان هنن جون پَدويون اُتاهيون هيون. مُنڊ کان روڪسَ پئرس جي ڪرانت ڪاري جيابيي ۾ ڦڙت، ڪڙوتڙو ۽ اثرائتو هو. پر هن جي نراج وادي ويچار ڏارا هن کي نامُ نهاد عوام دوستن جي ٽولي جي نڪتہ چيني، اُلر ۽ جُلهہ کان بچائي نہ سگهي هئي.

ڪجهہ وقت کانپوءِ رُوبس پيئري جهڙو انقلابي مڙس گلوٽين هيٺان آندو ويو ۽ فرينچ انقلاب پنهنجا پويان پساهہ کنيا. اُن کانپوءِ وارليٽ ڊئريڪٽريءَ جا جيڪي ڏاڍ اکين سان ڏٺا، اُنهن هن کي ڏاڍو ڪاوڙايو ۽ ان Explosion نالي سان ڪتاب شايع ڪيو جو يورپ جي ڪنڊ ۾ اوائلي نراج واديٰ پڌرنامو هيو؛ ان جي سرورق تي دونهين ۽ اُلن جا ڪڪر هيا جي ٻرندڙ عظيم ڪتاب جي چوڌاري لهرائي رهيا هيا ۽ اُن تي اُڪرٽيءَ جي هيٺان ڪتابت هئي ”پل تہ انقلابي حڪومت ناس ٿي، پل تہ حڪومت نابود ٿي، اُصول نابود نہ ٿي“.

مان جڏهن ابراهيم جوڻي سان روس جي ستياناسيءَ تي بحث ڪيو آهي تہ هو بہ مٿين ڳالهہ ڪندو رهيو آهي. قاضي منظر حيات ’ڪٿين ڪر موڙيا جڏهن‘ نقل نہ ڪري رهيو هو ۽ اسان پنهي کي پڌي رهيو هو. مان دل ۾ سوچي رهيو هوس تہ اهي نراج وادي جي ڪميونزم جو بنياد هيا، سي شروع ۾ ئي غلط هيا.

چاڻڪيہ اهڙي راڪاس پٽي ۽ دشتائي جو ڪم ڏسي چرڪ پري ها. جنتا پنهنجي خلاف پاڻ اُيري هئي، پنهنجي خلاف پَکو ۽ ڪافي

مٿين دوائن جو ذڪر تفصيل سان انڪري پيو ڪيان ته اڳتي جيڪڏهن مونکان پوءِ ڪنهن پاڪستاني ڊاڪٽر کي منهنجي موت تي ڪا کوجنا (Research) ڪرڻي پوي ته هن کي ايتري دقت پيش نه اچي، جيتري روسي ڊاڪٽرن کي ان تي اچي رهي آهي ته تيمورلنگ جي چنگهه ڪيئن پڳي هئي، يا موزرات کي زهر ڏئي ماريو ويو هو يا هو طبعي موت مئو هو. نيپولن جي باري ۾ به ساڳي کوجنا جاري آهي.

دوائن ۾ ڪاڏي ڪجهه ته اثر ڏيکاريو آهي. هونءَ رات جو P.T.N تي ڪائي فلم ڏسي ويليم ۵ جون پر گوريون وٺي سمهندو هوس ته صبح سان زرينا (جا پابنديءَ سان ۵ وقت نماز پڙهندي آهي) مونکي ننڊ مان ڇهين ساڍي ڇهين بجي آسوڊرل ۱۰ ملي گرام جون به گوريون ڏيندي هئي. اڄ خود بخود ائين ڇئين وڳي صبح جو جاڳ ٿي آهي، جيئن سکر ۾ ٿيندي هئي ۽ مان تازو توانو ۽ نوبنو ٿو لڳان. شايد بيماري هئي وٺي آهي ۽ قدرت مونکي موقعو ڏنو آهي ته اهي ڳالهيون جي مون هزارين سال اڳ سوچيون سي شاعريءَ ۾ آڻي سگهان. رات امرتا پريتم جي آتم ڪهاڻيءَ ۾ جرمن نفسيات جي ماهر سي- جي جُنگ.(C.J. Jung) ڏانهن اشارو هيو. مان لئبرريءَ مان جُنگ جو آخري ڪتاب "Memories, dreams & reflections" پيهر پڙهڻ لاءِ ڪٽي آيس. جنهن ۾ هن بار بار لکيو آهي ۽ مثال ڏنا آهن ته روزمره جي زندگي ته عقل پرستيءَ جي ضابطي ۾ هلي رهي آهي پر حيات بعد ازممات جي باري ۾ مان خوابن ۽ Myths (لوڪ ڪٿائن) مان حوالا ڏئي ، ثبوت پيدا ڪري ٿو سگهان. فرائڊ، ائڊلر ۽ جُنگ دنيا ۾ وڏي ۾ وڏا نفسيات جا ماهر ٿيا آهن. مون ۱۹٦۳ع ۾ هينرڪ زمر جي ڪتاب "Myths and Symbols in Indian Art and civilization" ۾ هڪ لوڪ- ڪٿا پڙهي هئي، جا اڃا نه وسري آهي.

مان اهو ڪتاب کوليان ٿو ته ان ۾ 29/12/85 جو مس مسرت مرزا جو هڪ نهايت خوبصورت نئين سال جو ڪارڊ پيو آهي، جنهن ۾ نه رڳو نئون سال مبارڪ لکيل آهي پر اهو به لکيل آهي ته جيڪي

خوبصورت ڏينهن اچڻا آهن سي خوشيءَ سان ٽمٽار هوندا. ان جي ٻي
پاسي Helen Stener Rice جو هي شعر لکيل آهي:

It does'nt Take a new year
To begin our lives a new
God grants us new beginnings
Each Day the whole year through-
So never be discouraged
For there comes daily to all men
The chance to make another start
And begin all over again!

مون اهو ڪارڊ پڙهي جُنگ جي مٿين ڪتاب ۾ وجهي ڇڏيو هو، جيڪو مان اُن وقت پڙهيَ رهيو هوس. مس مسرت مرزا مون وٽ يونيورسٽيءَ ۾ فائن آرٽ جي پروفيسر هئي ۽ منهنجي بهترين دوست هئي. اسان ڪلاڪن جا ڪلاڪ آرٽ جي فلسفي تي بحث ڪندا هياسين. هن جي ڪري، هُن جي بهترين دوست اردو شاعره مرحب قاسميءَ سان به منهنجو قريبي ناتو رهيو هيو. ٻه اڍائي سال ٿيا آهن ته اسان نه ملي سگهيا آهيون. مون کي ان ڳالهه جي لاءِ بيحد عزت آهي ۽ مرحب جي شاعريءَ جي ڪتاب تي ته اردوءَ ۾ پيش لفظ ئي مون لکيو هو ۽ ينهنجي اردوءَ جي شاعريءَ جو نئون ڪتاب "نيل ڪنٺه اور نيم ڪي پتي." جو مڪتبه دانيال مان حوريءَ نوراني ڇپيو هو، مون منسوب ئي انهنَ ٻنهي سان ڪيو هو ۽ جڏهن مون تي پاڪستان تي وي تان ٽي قسطون بيدل بدويءَ ڏنيون هيون، جن جي شروعات فهميده رياض ڪئي هئي، تڏهن مسرت ۽ مرحب جا انٽرويو به شامل ڪيا هيائين. مسرت جو پيءُ مرحوم مرزا فضل محمد جو هڪ نهايت چڱو جوتشي هيو، ان سان منهنجو ڪافي رستو هو. هو سکر جو هيو ۽ منهنجي آفس ڪان ٿوريَ پنڌ تي رهندو هو ۽ مسرت هن کان ڪجهه جوتش جو علم به حاصل ڪيو هو، مونکي مسرت جو اهو ڪارڊ نهايت نيڪ فال نظر آيو ۽ خاطري ٿي وئي ته منهنجي صحت وري چڱي ٿي ويندي.

گهر ۾ مان ١٠ جولاءِ تي آيو هوس ۽ لڳ ڀڳ ٽي مهينا ٿي ويا آهن

تہ مان آرام ڪري رهيو آهيان ۽ ٢ سو ڪن قدم ڪٽندو آهيان، هڪ بہ پيرو هيٺ بہ لٿو آهيان پر ٿڪ جو ڪجهہ احساس ٿيو آهي. سنڌ جي چيف منسٽر ڄام صادق عليءَ جي هدايت جي باوجود مان ڊاڪٽرن جي پينل ڏانهن نہ ويجي سگهيو آهيان ڇو تہ ڊاڪٽر شاهہ، جنهن جي زير علاج مان آهيان، مونکي گهر ڇڏڻ کان منع ڪئي آهي جيستائين هو منهنجو نئون Echo-cordiogram نہ ڏسي، جو سليم جي ٽازو اسلام آباد وڃڻ سبب مان ڪيائي نہ سگهيو آهيان.

انهيءَ وچ ۾ منهنجو گل خانّ نصير ۽ حبيبّ جالب جو پراڻو يار پشتو جو شاعر اجمل خٽڪ منهنجي گهر آيو هو. هو هن وقت A.N.P جو صدر آهي ۽ هنجا ڪجهہ وزير مرڪزي حڪومت ۾ آهن. پَٽي ڪيئي سال اڳ جڏهن پٺاڻن جي جلوس تي اسلام آباد ۾ فائرنگ ڪرائي هئي تہ اجمل خٽڪ بد دل ٿي افغانستان هليو ويو هيو، جتي هو انقلاب وارو سارو وقت هيو ۽ تازو موٽي آيو آهي ۽ پاڪستان ۾ A.N.P جي صدارت سنڀالي اٿائين. هن مون کي چيو تہ هن اختياريءَ وارن سان ڳالهايو آهي ۽ جلد ئي مونکي علاج لاءِ آمريڪا موڪليندا. در اصل هن کي منهنجي بيماريءَ جي خبر منهنجن دوستن مسلم شميم ۽ مظهر جميل کان پئي هئي جي طلوع افڪار رسالو ڪيندا آهن ۽ هنن فيض، سبط ـ حسن ۽ منهنجي دوست مرحوم حسن حميديءَ ۽ ٻين اردوءَ جي شاعرن تي نمبر ڪڍيا آهن ۽ جن مهينو کن اڳ اردوءَ جو عاليشان آل پاڪستان مشاعرو ڪراچيءَ ۾ ڪرايو هو. صدارت اجمل خٽڪ کان ڪرائي هيائون منهنجو فوٽو مهمان خاص جي حيثيت ۾ منهنجي بيماريءَ سبب اسٽيج تي رکيو هيائون.

هتي گهر ۾ ٻين ڪيترن دوستن ڪانسواءِ منظر حيات سان گڏ عبدالغفار تبسم، جنهن جو موسيقيءَ ۽ شاعريءَ سان گهڻو لڳاءُ آهي ۽ P.I.A ۾ ڪارگو آفيسر آهي. نوجوان شاعر، اديب مقصود گل جو قاضي منظر جو وڏو ياءُ آهي ۽ سنڌ جو مشهور انقلابي شاعر استاد بخاري بہ آيا ها. استاد بخاري انگلينڊ ۾ پٽي جي ڪينسر جو علاج ڪرائي آيو آهي پر اڃا ڪجهہ تڪليف محسوس ڪري ٿو ۽ هن تي اتان جي

علاج جا ڪيترائي خراب اثر (Side effects) ظاهر ٿيڻ لڳا آهن. اُهو به موت ۽ حياتي جيٰ موضوع تي ڪافيٰ سوچي رهيو آهيٰ. جيتوڻيڪ هن جيٰ شاعريءَ جو مکيه موضوع سنڌ ۽ ان ۾ انقلاب آهي. بيماريءَ جي باوجود سموري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٿيندڙ محفلن مشاعرن ۾ شرڪت اجا به سندس دلپسند مشغلو آهي. مون هن کي ٻڌايو ته ڪنهن ماڻهوءَ ٻي کي چيو هو ته ”حياتي ايتري ٿوري آهي جو اُن تي ڳڻتيءَ لاءِ ڪو وقت نه آهي“

ٻي جوابَ ڏنو هو ”اصل ڳڻتي ته انهيءَ ڳالهه جي آهي“ ڊيگال جي ڪلچر منسٽر، آرٽ جي نقاد ۽ ناول نويس آندري مالرو چيو هو ”موت..... موت ڪوڻ آهي..... رڳو آنءُ آهيان، آنءُ.....جيڪو مري ويجان ٿو.“

دراصل جي استاد بخاري مري ويندو، شيخ اياز مري ويندو ته اسان جيٰ قبر کي ان مان تڪسين ڪيئن ملندي.ته سنڌ آهي يا نه آهي!. اُستاد! اها حقيقت آهي، هي سياستدان جي فريد شڪر گنج يا ڀِٽائي جي مزار تي چادرون چاڙهن ٿا. انهن هنن جي هڪ سٽ به نه پڙهي آهي ۽ نه هو اُنهن ۾ سچ پچ اعتبار ڪن ٿا ته هو زنده آهن. انسان اڪيلو آيو آهي ۽ اڪيلو ويندو آهي. اجتماعيت ته هن سان گڏ ويندي نه آهي، جنهن جا نعرا بيوقوف ڪميونسٽ هڻندا ها. ائين چئي مان انسان جي سماجي ذميداري کان انڪار نه ٿو ڪيان، ها باقي هوَ آهي. جنهن جا هزارين نانوَ آهن ۽ جنهنجو ڪوئي به نانءُ نه آهي. اهو انسان سان گڏ آهي، موت ڪانپوءِ....“

”بخاري! مون شاعر، فلاسفر، پير، پيغمبر سڀ پڙهيا آهن. سڀني رڳو استعارا ۽ محاورا ڪم آندا آهن. ڪوبه موت جي حقيقت سمجهائي نه سگهيو آهي. ان کي سمجهڻ لاءِ پاڻ کي مرڻو پوندو ۽ سڀ ڪجهه اکين سان ڏسڻو پوندو. سمر سيٽ مام پنهنجي ڪتاب Summing up ۾ چيو آهي ته ”جي مونکي ڪنهن ڪتاب ۾ اعتبار ڪرڻو پوندو ته اهو پاڻ لکڻو پوندو“مان اِها ڳالهه مبالغو نه ٿو سمجهان.

استاد ڪجهه ڪمزور ٿي لڳو هن شڪايت ٿي ڪئي ته سنڌي

ڪيسٽ :-

"زرد پتون ڪا بن جو مرا ديس هئه
درد کي انجمن جو مرا ديس هئه"
يا- اٿهو اب ماٽي سي اُٿهو، اُٿهو ميري لال."
يا- "يه دهوپ ڪنارا......"

مان سُر بهار ۾ خسروءَ جا هينيان دوها ته ڪيئي ڀيرا هلايا هوندا:-

١- "ساجن يه مت جانيو توهي، بچڙت موهي ڪو چئن"
ديا جلتَ هي رات مين اور جيا جلت دن رئن،
(ساجن! اهو نه سمجهه ته توسان وڇڙي مونکي ڪوئي چئن آهي، ڏيئو ته رات جو جلي ٿو، پر جيءُ ڏينهن رات جلي ٿو)

٢- رئن بنا جئت دکي، اور دکي چندر بن رئن
تُم بن ساجن مئن دکي، اور دکي درس بن نئن،
(رات بنا رات جي راٽي دکي آهي ۽ چنڊ بنا رات دکي. تو بنا ساجن! آءُ ۽ درشن بنا اکيون دکي آهن.)

٣- سهيليان پربت پئين، ساجن آنگن پيا بديس
لي بابل گهر آپنا، مئن چلي پيا کي ديس،
(سهيليون پهاڙ تي ويون ۽ پرينءَ جو اڱڻ پرڏيهه تي ويو. آبا! هي پنهنجو گهر وٺ، مان ته پرين جي ڏيهه تي وڃان)

۴- گوري سو وي سيج پرمکَ پر ڊاري ڪيس
چل خسرو گهر آپني، سانجهه پئي چئو ديس
(سهٽي سيج تي ستل آهي، مُنهن تي ڪيس وجهي، هل خسرو گهر پنهنجي، سانجهي چوڌاري ڦهلجي وئي آهي)

انهن دوهن ڪانسواءِ مان مهدي حسن جو "دکوا مين ڪيسي، ڪهون،" يا "نديا ڪناري مورا ناوَ تو آجا رَسيا ري" بار بار، ٻڌندو آهيان.

مونکي اهو سوچي عجب ايندو آهي ته جڏهن سرمد سنڌي.منهنجو گيت، "ڪنڌيءَ نه سگري، ٻير نه پلڙو،

سائو نہ سلڙو، چانگون نہ چيلڙا،
مارو اڪيلڙا- مارو اڪيلڙا"

ڳائيندو آهي تہ ماڻهو ان ڏن تي نچندا چو آهن؟ اهو تہ اَتي ڏک جو گيت آهي، سٺ وڏ تي وجهي ۽ تاهہ تاهہ ڳوڙها اکين ۾ ٿي آڻي، اهو سنڌ تي تيرنهن سو سال ڇانيل نراسائيءَ جو گيت آهي. اهڙو اداس گيت تہ ميران ٻائيءَ بہ شيام جي وڇوڙي ۾ نہ ڇيو هوندو!

انهن ڪيسيٽن کان سوا ٻيا بہ ڪيئي اُردو ۽ انگريزي راڳ ۽ آرڪيسترا هلائيندو آهيان. منهنجا سڀ رڪارڊ، جن ۾ ڪيترا لانگ پلي رڪارڊ بہ هيا، سکر ۾ رهجي ويا آهن. هونءَ تہ اهي رڪارڊ بہ ٿي سو ها، پر مون کي جيڪي وڻندا ها تن ۾ Beethoven جون سمفنيون هيون، جي منهنجو دوست ڊاڪٽر احمد محي الدين (ان وقت اسلام آباد يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو.) ڊينمارڪ مان مون لاءِ تحفي طور وٺي آيو هو، ٻيو نذر الاسلام جا بنگالي گيت مون سکر مان خريد ڪيو هو ۽ ٽيون هيو، فردوسيءَ جو شاهنامو، جو پڙدي اٺين لڳي رهيو هو تہ جنگ جا طبل ۽ توتارا وڄي رهيا ها ۽ جو مونکي ايران جي ڪائونسل جنرل ڏنو هو جيڪو خود ۽ جنهنجي زال منهنجا دوست هيا، جڏهن مان وائيس چانسلر هوس ۽ خميني وارا اقتدار ۾ اجا نہ آيا ها. هو مون وٽ ايندا هيا ۽ مان پنهنجي سرڪاري بنگلي ۾ سنگاپوري ڪيلن جي باغ مان ڪيلن جا وڏا ڇڳا هٿ سان ڪپي هن جي زال کي تحفي طور ڏيندو هوس. ڪيلا ڏاڍا مائيدار ۽ وزني هوندا ها، جي حيدرآباد جو ايرانين ڪلچرل سينٽر جو ڊائريڪٽر شڪوهي ۽ هُن جي بنگالي زال شيلا بہ مزي سان کائيندا ها ۽ جن وٽ مان ۽ رباني راتين جون راتيون گذريندا هياسين ۽ ڪڏهن پير حسام الدين شاهہ راشدي بہ اسان سان گڏ هوندو هو، جنهنکي شيلا جي پُٺ انهيءَ نغاري وانگر لڳندي هئي جو فردوسيءَ جي رڪارڊ ۾ وڄندو هو، کہ دون است دون است دنيائي دون (ترجمو بري آهي، بُري آهي دنيا بُريَ آهي) شيلا جيڪا هڪ پيري شڪوهي، مون ۽ رباني سان گڏ پنهنجي ڪروڙ پٽي ايراني

جو ايڊيٽر مظفر چانڊيو پنهنجي پرچي لاءِ نوان شعر وٺڻ آيو ۽ سهڻي نموني ڇپيائين، پروڙ نئين ادب جي نهايت چڱي عڪاسي ڪري پئي.

مون جوئي صاحب سان The International affairs ۽ Soviet Litrature وغيره تي بحث ڪيو پر هن جو خيال هو تہ اها استالن جي ڪئي هئي ۽ جي ٽراٽسڪي اختيار ۾ اچي ها تہ انقلاب بچي وڃي ها جيئن مسلمان خلافت راشده لاءِ چوندا آهن تہ اُن ڪان پوءِ اسلام ختم ٿي ويو. بهر صُورت مان هن سان ڪجهہ ڳالهين تي متفق هيس. آمريڪا ڪي پئسو گهٽو آهي ۽ ان جي استعمال روس جا پير ڪڍي وڌا آهن. ٽين دنيا جا مسئلا حل طلب آهن ۽ انهن لاءِ ڪميونزم جي جاءِ ٻي ڪنهن سياسي فلسفي اجا نہ ڀري آهي. مان بہ ائين محسوس ڪري رهيو آهيان (جيئن مون اڳ ۾ چيو آهي) پر ابراهيم جي نقطہ نگاهہ ڪان تہ اُهو فلسفو وري بہ ڪميونزم هوندو، مان متفق نہ آهيان. ائين تہ مزدڪ ڪان عيسيٰ تائين انساني برابريٰ جو پرچار ڪرڻ وارا ملندا ۽ ان ڪانپوءِ بہ ڪيئي ملندا. تازو P.T.N تي Spartacus فلم آئي هئي، جنهن ۾ روم ۾ غلامن جو انقلاب ڏيکاريو هيائون، جنهنجو ليڊرSpartacus هو، جنهن جي نالي پنيان جرمنيءَ جي پهرين ڪميونسٽ اخبارSpartaca ڪڍي وئي هئي ۽ جنهن تي هاورڊ فاسٽ هڪ ناول لکيو هو جڏهن هو امريڪن ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ هيو ۽ جو هن جي پارٽيءَ ڇڏڻ جو سبب بڻيو هو. هاورڊ فاسٽ جي ناولن ۽ آتم ڪهاڻيءَ جو سيٽ ڪيئي سال اڳي مون پڙهيو هو جڏهن مئڪارٿي ڪميونسٽ پارٽيءَ خلاف، مخالفت جو طوفان ڪڙو ڪيو هو.

هاڻي مان وري اچان ٿو انهن مفڪرن تي جي فرينچ انقلاب ڪان ٿورو وقت اڳ ۾ ۽ اُن ڪان پوءِ ١٩١٧ع واري انقلاب تائين ٿيا ها، جنهن جا تاريخ ڏاڍا ڪڍي وڌا آهن. سونهن، سچ ۽ چڱائي ۾ منهنجو اعتبار ابراهيم جوئي وانگر آهي. هو انت اُنهن جي سوڀ يقيني ٿو سمجهي پر في الحال منهنجو يقين لوڏي ۾ اچي ويو آهي، مون لاءِ شيڪسپيئر وانگر زندگيءَ (Mixed web of good and evil (چڱائي برائي جو

به آهي. هوءَ بُت ۾ سنهين آهي پر هن جو منهن پورو ۽ موهيندڙ آهي. سنڌي هندو ان کي آڪرشِي به چوندا آهن. هن پيري مان هنَ کي اوچتو انتهائي نگهداشت واري شعبي (Intensive Care Unit) ۾ نظر اچي ويو هوس ته هوءَ چِرڪي وئي هئي. ”تون فلاٽو ته نه آهين جنهنَ جي تي سال اڳ مون پرگهور لڌي هئي“ مون ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي ته هن منهنجو بلڊ پريشر ڏنو ۽ اهو چئي مُرڪي موڪلايائين ”هن پيري به تون موت کي گهٽون گوهيون ڏئي ويندين. تنهنجو بلڊ پريشر ۱۱۰-۷۰ آهي.“

مون ٽهڪ ڏئي چيو. ”موت سان لڪي ڇپي کيڏڻ ۾ مونکي مزو ايندو آهي“. پوءِ ”لڪي ڇپي“ لفظ جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ ٻڌي هوءَ ويندي رهي ۽ پوئتان پنهنجي مُرڪ ڇڏي وئي جا ڪيترو ئي وقت ڪمري ۾ چانڊوڪيءَ وانگر ترسي پئي.

تي سال اڳ هن جي اُنهيءَ وارڊ ۾ ڊيوٽي هئي جتي مان ڊاڪٽر فاروقيءَ جي علاج هيٺ هوس. هڪ رات هوءَ منهنجي ٽيمپريچر ۽ بلڊ پريشر ڏسي، رات جون گوريون ڏئي، پوءِ مون سان ڳالهائڻ ويٺي. ”مون ٻڌو آهي ته تون يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هئين؟“ هن پڇيو، مون ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي. ”تڏهن ته تون ڏاڍو ٿو پڙهين. جڏهن ڏس ته ڪوئي ڪتاب توکي منهن ۾ آهي.“ هن چيو، ”اهو ڪهڙو ڪتاب آهي، جو تو مونکي ايندو ڏسي بند ڪري پنهنجيءَ سيرانديءَ ڪان رکيو آهي؟“

”اهو Plato جو Phaedo آهي جو مون زندگيءَ ۾ ڏهه پيرا پڙهيو آهي. تو Plato جو نالو ٻڌو آهي؟“

”هائو، ڪوئي يوناني فلاسفر هو. مون ڪرسچن فلاسافيءَ تيَ به ٽي ڪتاب ڏنا آهن جي مونکي فادر ڏنا ها، انهن ۾ پلئٽو جو به ذڪر هو. ڪا خاص ڳالهه چئي آٿائين ان ڪتاب ۾ جو تو اهو ڪتاب ڏهه پيرا پڙهيو آهي؟ مون ته بائيبل به ڏهه پيرا نه پڙهيو آهي“ هن چيو. مون جواب ڏنو ”خبر ناهي،ته تون اهو سمجهي سگهندينءَ يا نه؟ سقراط تي پنهنجي فلسفي سبب، ڪيس هلايو ويو هو ۽ پوءِ هن کي سزا طور زهر

پيئڻ لاءِ ڏني وئي هئي، جنهن رات هن زهر پيتي هئي، هن جا پيارا شاگرد هُن جي قريب موجود ها، جن ۾ ڪِرتو (Crito) به هيو.“ پوءِ مون هن کي Phaedo مان تڪر پڙهي ٻڌايو:

”هاڻي مون کي زهر جلدي پيئي آهي ۽ مان پاڻيان ته هاڻي ئي وهنجي وٺان، ته زالن کي منهنجي لاش کي وهنجارڻ لاءِ هلاڪ ٿيڻو نه پوي.“ سقراط چيو.

”تو کان جيڪي ٿي سگهندو، سو تون ڪندين“

ڪِرتو چيو ”پر اسان توکي ڪيئن دفنايون؟“

”اوهان کي جيئن به وڻي، پر اوهان کي مونکي جهلي بيهڻو پوندو جيئن مان اوهان کان ڀڄي نه وڃان.“ تنهن کان پوءِ هن اسان ڏي منهن ڦيريو ۽ مُرڪندي چيو، ”مان ڪِرتو کي مڃائي نه ٿو سگهان ته مان ساڳيو سقراط آهيان جيڪو ڳالهائيندو ۽ مباحثو ڪندو رهيو آهيان. هو سوچي ٿو ته مان ٻيو سقراط آهيان، جنهن کي ٿوريءَ دير ۾ هو لاش جي شڪل ۾ ڏسندو. هڪ لاش ... ۽ هو مونکان پڇي رهيو آهي ته مون کي ڪيئن دفنائي؟.......دلجاءِ ڪر، منهنجا پيارا ڪِرتو، ۽ چوءِ ته تون رڳو منهنجي بدن کي پوري رهيو آهين ۽ اُن کي جيئن به پُورڻ جيئن هونءَ ڪندا آهيو ۽ جنهن ريت تون نيڪ سمجهين.....“

”هيستائين اسان پنهنجي ڏک تي روڪ رکي سگهيا آهيون، پر هاڻي جڏهن هن کي زهر پيئندو ڏسون ٿا ۽ اهو به ڏٺو آهي ته هن پوريون ڍُڪ پيتو آهي، تڏهن اسان پاڻ کي وڌيڪ روڪي نه ٿا سگهون ۽ ضبط جي باوجود منهنجين اکين مان ترت لڙڪ لڙي آيا آهن، انهيءَ ڪري مون پنهنجي منهن کي ويڙهيو آهي ۽ ڳوڙها ڳاڙيان ٿو هُن لاءِ نه، پر پنهنجي آپدا تي جا ان ڪري آئي آهي جو متر کان ويڇڙو پيو آهي. نه وري مان پهريون هوس، چاڪاڻ ڪِرتو پاڻ تي جهلَ نه رکي سگهيو، ته اٿي ڪڙو ٿيو ۽ مان هن جي ڪڍَ ويس، ان وقت اپالوڊورس (Applodorus) جو اهو سارو وقت روئي رهيو هو، انهيءَ رانياٽ ڪيا ۽ ڍُڪرا ڏنا ۽ سڀن کي گيديڻو. ڪائرتا ۽ ڏيجڙو ڏئي ڇڏيو.

فقط سقراط ۾ ساڳي نهير ۽ مانار هئي“

غلط اقتصادي پاليسيون، بيورو ڪرسي (فوجيءَ ۽ غير فوجيءَ)۽ ٽيڪنو ڪرسيءَ جو من مانيون، عياشيءَ لاءِ ڏاچا (Dacha) هڪ ٻئي کي ٽيلها ۽ ٽونا ۽ پوءِ اولهہ يورپ جي ۽ روس جي عوام جي بغاوت. گورباچوف جو اقتدار ۾ اچڻ، مارڪس ۽ لينن جا ڏاٿل/ڪيرايل ۽ اُنهن جا چٽيل مٿا، ٽائيم ۽ نيوزويڪ جي سرورق تي هنن جي مٽي جون تصويرون جن مان خون لارون ڪري وهي رهيو آهي (منهنجي ننڍي هوندي جي يادگيري- گانڌي ۽ لينن تي مئڪس مُلر جو وڏو ڪتاب، جنهن ۾ هنن جي مشابهت وڏيڪ مخالفت گهٽ ڏيکاري وئي هئي. اهو ڪتاب مون پنجين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهيو هو)، اهي سڀ ڳالهيون اکين اڳيان ٿي آيون.

غرض تہ روس ۽ مغربي يورپ ۾ تاريخ جو تڪو تڪڙو چوڏول ۽ اُن جي پانواٽي، اسان جي ديس ۾ آمريت جي ڪلابازي ۽ تاريخ ۾ سبق آموزيءَ کان نابري ۽ هر طرف ڏانڌلي۽ زبردستي آهي.

اٺويهين صديءَ پروڏان ڪي، يورپ جو هڪ نهايت وڏو ماڻهو ثابت ڪري ٿي. ڪيڏي نہ صاف گوئي آهي هن ۾! "جي مون کي انصاف ۽ پنهنجي ديس ۾ چونڊڻو پيو تہ مان انصاف کي چونڊيندس ۽ پنهنجي ديس کي انصاف تي قربان ڪندس." (مٿين ٽڪري جو مواد جارج وودڪاڪ تان، مون پنهنجن لفظن ۾ ڏنو آهي)

وڏيرا شاهيءَ جي من مستي،پيٽ پرائي، نالائقي، مولا مينهن وساءِ تہ ڪاٺر چُٺن ڪم ڪان، وارو ويچار، انهيءَ پَوءِ ۽ اُلڪي جي دور جو دَهو تہ تاريخ وري گلوٽين دهرائي سگهي ٿي، ٽين دنيا جي اپُرندڙ بُورجوازيءَ جي اهو سوچي بيديدائي ۽ نِرجائي تہ ڪميونسٽ انقلاب پنهنجي موت مَري ويو ۽ عوام ورَي نہ اُپرندا، انڪري جيڪي بہ ڪنداسين ڦبي ويندو، ڪوئي حق انصاف نہ آهي ۽ وچولي طبقي ۾ بي حسي، ضعيفي، هيڏي نہ هوڏي واري الغرضائي، بي طرفداري، ٿئي تہ ڇا، نہ ٿئي تہ ڇا، واري صورت ۽ رنگ رُخ سدائين رهندا!

سنڌي اديب روَجهہ وانگر واريءَ ۾ پيو رُلي، بلوچي ۽ پختون ادب لولو لنگڙو ٿي ويو آهي، پنجابي اديب جي حالت "ٻڏندي ٻوڙن ۾

هاتڪ هٿ وجهن" واري آهي ۽ اردو اديب سجاد ظهير، سبط ـ حسن ۽ فيض احمد فيض ڪانسواءِ، ١٨٥٧ع جي بلوي ۽ بهادر شاهه ظفر ڪان ٻاهر نہ نڪتو آهي. جمود، ايوريسٽ ۽ ڪنچن چنگا واري برف، ٿڌ، ڪنبٽي، موڳائي ۽ موجوده صورت حال سان پڌرو ۽ ظاهر ظهور يا ڳجهو ۽ ڳُپت ناهہ! منهنجو سائوٿ ايسٽ ايشيا جو شعور اڳي ڪان بہ گهرو ٿي ويو آهي ۽ اهو منهنجي سگهہ، آس ۽ آئيندي جو خواب ۽ خيال آهي، منهنجي درشٽي آهي، منهنجو سپن– درسن آهي. ائين آهي تہ مان عمر جي انهيءَ اوَستا ۾ آهيان جو موت جي اوڏڙائي مون ۾ منهنجي آئيندي جي سوچ، منهنجي موت ۽ حياتيءَ جي ڪلپنا ۾ ڦيرو آندو آهي، اهو آڳهائيءَ، نستائيءَ ۽ پوڙهائيءَ جو نتيجو نہ آهي. اهو سوچ ويچارَ اها اوک ڏوک، اها ڪوٺ ڪوتان مون ۾ اڳ ۾ بہ هئي جا هاڻي پنهنجي توڙ تي پهتي آهي. مان سنڌي اديب اُتم جو ٿورائتو آهيان جنهن پنهنجي انقلابي فڪر جي باوجود اها ڳالهہ مون سان صاف گوئي سان ڪئي تہ يونر پري آڪاس، ڪان وني مون ۾ تصوف ۽ ويدانت جي ڪيفيت هئي پر هينئر مان سچ پچ پانيان ٿو تہ هي سڀ ڪجهہ ناٽڪ گهر آهي، رنگ منچ (اسٽيج) آهي، اسان ويس ڌاري آهيون ۽ هر ڪم، هر ڪارروائي، هر لڙائي، ڦڙتائي ۽ ڪڙائي ٽڙائي يا وائڙائپ، ڊرائي ۽ سُتلائي، سڀ ڪجهہ ڪنهن مايا جو اتوٺ، اٿر ۽ اَمڙ، حصو آهن. هي سارو سنسار مايا آهي. مون امرتا پريتم جي "سرخ ڌاڳي ڪا رشتہ" پڙهي* سي– جي جُنگ جو ڪتاب Memories, Dreams & reflections پيهر پڙهيو، مون Laurens vander post جو جُنگ جي زندگي تي لکيل ڪتاب بہ پيهر ڏٺو.

انهيءَ جو نچوڙ هي هيو تہ هن ڪائنات ۽ ان ۾ انساني زندگيءَ کي فقط عقلائتي نموني ئي چڱي طرح سمجهي ۽ هلائي سگهجي ٿو ۽ اهو طريقو ئي ورتڻ ۾ ڪارائتو آهي، پر جيڪڏهن ڪا ان جي وڏيڪ ڄاڻ ملي سگهيتي يا اُن تي وڌيڪ سوجهرو پئجي سگهي ٿو تہ سپنن يا ڏند ڪٿائن مان. هن Memories, Dreams & reflections ۾ جو ڪجهہ لکيو

* فرائڊ، ائڊلر ۽ جُنگ دنيا جا وڏي ۾ وڏا نفسيات جا ماهر ٿيا آهن.

آهي، اهو ماڻهو جي رواجي ۽ ريتائتي ويچار شڪتيءَ ۽ ڪلپنا کي لوڏي وجهي ٿو. ان جي اُپٽار جي هتي وِٿي نہ آهي. ڪيئن بہ هجي مان هينرڪ زمر (Heinrich Zimmer) جي هڪ ڪتاب Myth and symbols in Indian Art & Civilization مان هڪ ڏند ڪٿا ڏيان ٿو، جهڙي ڏند ڪٿا مون ساري زندگي ۾ نہ پڙهي آهي:

”هندو ديو مالا مايا جي ڳجهارت کي، هڪ سُچتر لپيءَ ۾ چٽيو آهي جا اُن جي مونجهاري جون فيلسفياڻيون معنائون، انومان يا اشارا هڪ ساڌارڻ من لاءِ سولا ۽ پهچ جهڙا ڪري ٿي. اهي ڪهاڻيون واتي ويٺي سماچار جي ڊگهيءَ پرمپرا هٿان، ماڻهن جي حوالي ڪيون ويون آهن.“

هيءَ ڪهاڻي هڪ آڏوري ديوتا سروپ مُنيءَ جي آهي، جنهنکي نارد چوندا ها. جنهن سريش (سڀ کان مٿي هستيءَ) وِشنوءَ کان پڇيو هو تہ ”مون کي پنهنجي مايا جو ڳجهہ سمجهاءِ“

هندو ڌرم جي لوڪ ڪٿا ۾، اهو نارد ڀڳتي مارڳ جو وڏو ڀڳت آهي ۽ هن جي لنبي اُتساهي تپسيا جي ڪري، وشڻو هن جي ڪٽيا ۾ آيو هو. هن جي اِڇا جو پورائو ڪيو هيائين: جڏهن هن نهايت نئرت سان پنهنجي ڳوڙهي سڌ ڏيکاري تہ ديوتا هن کي شبدن (لفظن) سان نہ سمجهايو پر هڪ جوکائتي ڳالهہ ۾ وڌو، ان جو ساهتڪ بيان مَتسيہ پُراڻ ۾ ٿيل آهي جو اصل ۾ هڪ سنسڪرت سنگرهہ (تاليف) هيو پر وچين صدي واري دؤر ۾ پنهنجو هاڻوڪو روپ ورتو اٿائين، شايد چوٿينءَ صديءَ بعد از مَسيحَ ۾ اها ڪهاڻي ائين بيان ڪئي وئي آهي، جيئن هڪ سنت وياس ٻڌائي آهي:-

”ڌرماتمائن جي هڪ ٽولي جهنگ جي ايڪانت ۾ پوڄ (مانائتي) سنياسي وياس جي چوڌاري ڪٺي ٿي، ”تون آنادي سلسلي کي ڄاڻين ٿو جو ايشور ناهيو آهي“ هنن ڪيس چيو ”انڪري اسان کي مايا جو ڳجهہ سمجهاءِ ۽ اُن تان گهونگهٽ هٽائي ڏيکارا“

وياس جواب ڏنو ”پرماتما جي مايا هُن کانسواءِ ڪير سمجهي

سگهندو؟ وشنوءَ جي مايا اسان سيني کي مُنجهي ۾ ڇڏي. وشنوءَ جي مايا اسانجو ڪِنو ۽ گڏيل سپنو آهي. مان اوهانکي فقط هڪ ڪهاڻي ٻڌائي ٿو سگهان، جا ڀُگن ڪان هلندي ٿي اچي ۽ جنهن ۾ مايا هڪ خاص ۽ غير رواجي مثال ۾ ڏنل آهي جو نهايت نصيحت آميز آهي" پير پيري آيل هن کي ٻڌڻ لاءِ اونائيتا هُئا. وياس چيو:

"ڪنهن سمي هڪ راج ڪنورُ رهندو هو جنهن کي ڪام دَمنا چوندا ها يعني اِڇائن جي هيرائيندڙ؛ جيئن سندس نانءُ هو تيئن هن سارو جيون هڪ تپشيءَ وانگر جپ تَپ ۾ گذاريو هو. پر هن جي پيءُ چاهيو ٿي تہ هوُ وهانءُ ڪري ۽ هن کي چيائين تہ وهانءُ سڀ ڪامنائون پوريون ڪري ٿو ۽ آتَ آنند ۽ سک ڏئي ٿو. استريون هر ڪنهن سک ۽ پرسنتا جي جَڙ آهن. الڪري پُٽَ! پلئہ پَلي ٻَڌا!"

ڳيرو پنهنجي پيءُ جي ادب ڪري چُپ رهيو پر راجا هوڏ ڪئي تہ ڪام دَمنا وراڻيو." پر مان اهوئي ڪرڻ ٿو چاهيان، جهڙو مون کي نالو ڏنو ويو آهي. وِشنوءَ جي ايشورِي سَمرٿيءَ جنهن اسان کي ۽ هن ساري سنسار ۾ هر وستوءَ کي ڦاسائي رکيو آهي، اها مون تي کُلي پئي."

"راجا ٿوروُ وقت ٻيهر سوچڻ لاءِ ترسيو ۽ پوءِ يڪدم پنهنجو مباحثو ذاتي عيش ڪان فرض ڏانهن ڦيرايائين؛ هڪ ماڻهوءَ کي سنتان پيدا ڪرڻ لاءِ وهانءُ ڪرڻ گهُرجي، جيئن هن جي اَبن ڏاڏن جون آتمائون سنتان وٽان ڪاج ۽ آهارَ جي گهٽتائي نہ لکائن ۽ پنهنجي آتي دک ۽ نراسائي ۾ نہ ويڙهجي وڃن.

"منهنجا پيارا پيءُ" ڳيروءَ چيو:"مان هزارين سَميہ ڏٺا آهن ۽ اُنهن مان گذريو آهيان، ڪيئي مرتيو (موت) ۽ جيوَن (حياتون) ڏٺا آهن. مون استرين سان سنجوڳ (وصال) ۽ ونجوڳ (جدائي) ڪيو آهي. مان گاهہ تي رهيو آهيان ۽ ٻوٽا وليون ۽ وڻ بہ. مان ڍورن سان گڏ هڪليو ويو آهيان، وهٽ ۽ شڪاري پسون تي رهيو آهيان. سوين ڀيرا مان برهمڻ ٿيو آهيان، اِستري ٿيو آهيان، پُرش ٿيو آهيان، مان شِو جي سؤرڳي حويلين ۾ بہ رهيو آهيان، مان امر لوڪن ۾ رهيو آهيان، سچ تہ اهڙا پرم پُرشَ ڪي بہ نہ آهن جن جي روپ ۾ مان نہ رهيو آهيان. مان دئيت تي

نہ ڪنول مان ٿاهيل برهما، نہ ٻيا ديوتائون، اِندر ۾ نہ وري شِو ان جي آٿاهہ ٿاهہ کي پائي سگهيا آهن. تون اِنهي آڳم کي ڇو ۾ ڇا لاءِ ڄاڻين سگهندين؟" وشنوءَ چيو .

"مان توکي اها ڳالهہ ٻڌائي آهي." وشنوءَ ستپاس کي چيو "جي توکي مايا سمجهڻي آهي تہ تون بہ تلاوَ ۾ ڇلانگ لڳاءِ."

ڇا ڪوئي اِها ڳالهہ مڃيندو تہ مان ان تلاوَ ۾ ڇلانگ لڳائي، اونهي تـَہِي ڏِئِي ڇڪو آهيان ۽ مايا کي نارد کان بہ وڌيڪ سمجهي سگهيو آهيان! ڇا منهنجي شاعري جا مون موت جي ڪنڌيءَ تي ويهي لکي آهي، ان ڳالهہ جي ثابتي نہ آهي؟

شيخ اياز
١- ١٠-٩١

●●●

# بيتَ

هي چؤڪنديون سِنڌُ ۾ ڪونہ پڌائينديون،
پَتو نہ ڏينديون ڪيرِ عدم ڏي اوهريا.

●

آڪينِ پَريلَ ننڊ جون، ڳَوريون ڳوٺيون چڻ،
اَچُ! اَچُ! مون کي کَڻُ جهوٽي وانگر واءُ جي!

●

تون ئي منهنجي موت ۾، تون ئي حياتي.
اَچُ تائين ڇاتي، توسان ڇوليون تي هٽي.

●

تون ئي منهنجي مَالهہ آن تون ئي منهنجو ڪوهُ،
مان جو تنهنجو توهُ، ڳوليان توکي ڳُجهہَ ۾.

●

ننڊ نہ آئي رات، ڳائي تنهنجون ڳالهڙيون،
مون کي تنهنجيءَ تَاتِ، سارو وقت نچائيو.

●

هاڻي تنهنجو تؤنڪرو مون کي ڪو ناهي،
آهي ٿي آهي مون سان تنهنجو واسطو.

●

توئي ڏني هي وِٿي، توکي ڳايان مان،
۽ پنو پانيان مان پُورن آهيان پاڻ ۾.

●

ويچ چَوي مرنديِن، ساري رات لکي ڪري،
وَري نہ ورنديِن، ڪَوي تارَن چانوَ ۾!

●

آنءُ چوان مون لاءِ هي مَرڻ ناهہ مَرڻُ.
وَستيءَ ڏانهن وَرڻ سَؤلي آهي ڳالهڙي.

●

جيڪر توکي موت، اڳيان جهليان آرسي!
ڏس مون کي ڪئن هوت! جهليو آهي هنج ۾.

●

هي جي ٻولَ رَسيون آتڪيون آهن انت ۾؟
ٿورو وقت گَسيون آهِن هِنَ سنسار سان!

●

ٻيلي آن نه آهيان هن جي ٻولن سان،
ڪيرُ اُتي مون مان، ايڏا بيت لکي پيو!

●

اجا تہ اوڙاهہ ۾ تارَ پيو تارين!
مارين جيارين سڀ ڪجهہ تنهنجي وَسَ ۾!

●

ڇا توسان تمتار آ پيالي جو پيڻُ؟
يا منهنجو جيئڻ، پيهَر تُنهنجي وسَ ۾؟

●

اجان ڏاڍو ڏورُ تُنهنجو مُنهنجو پنڌڙو،
پَتڻُ پويون پورُ، ناهي پنهنجي ناوَ لئہ.

●

آجا پئي سِير تي سِڌي وَجي ناوَ،
اجا مَنَ ۾ پاوَ ڪيئي لهرائن پيا!

●

پنهنجو لوح قلم، ويڙهي رکُ هِاٿي ميانَ،
آيو موتَ مَرَم، سيرانديءَ سڏڪا پري!

●

آنءُ نہ مَران ايتَن تئو، صديون رهنو هانَ،
شايد توکي مان، اڳتي آڳَ ڏئي وڃان!

●

وَرتو وَرُ توکان، مان ان کي پورو ڪندس،
ڏات پِني اڄ مان، پهچائيندس توڙَ تي!

●

توئي تہ ڏيکارِيو، مون کي منهنجو ڳسُ،
تون ئي منهنجو وَسُ، توئي منهنجو واهرو.

●

اجان ڪو ڪارج اتم، اجا وچٿو ناهه،
ميان مجٿو ناهه، مون کي اڄ تنهنجو چيو.

●

کهڙي بيماري، آءُ اگهو آهيان ڪتي!
اجا اُتاري، ناهي مون تو ڳالهڙي.

●

مان تنهنجو پاڇو ميان، توکان مٿانهون،
ايڏو اڳاهون جيڏي تنهنجي جندڙي.

●

هر شيءِ اُيري ننڊ مان، جاڳي ٻُڏي وَئي.
ڪنهن کي ڪَلَ نه پئي، ڪُهه اُيري اوڙاهه مان!

●

ماڻهو پنهنجي موت ۾، اڪيلو آهي،
توڙي هو نَاهي، سَوَ ساٿي سنسار ۾.

●

هن ساري سنسار ۾ ڪوئي ڪنهنجو ناهه؛
پنهنجو ثمر لاهه، ڏِڪِ ڏَنگِي، هَلُ ناڪئا!

●

آنءُ جڏهن ٻي پار ڏي پيڙيءَ کي ڪاهي،
ثمر هت لاهِي، ويندس اڳتي هيڪلو!

●

* مان ئي تنهنجي ٻانگَ هان، مان ئي تنهنجو پنگُ،
مان ئي رَتو رِنگُ. سانجهيءَ جي آڪاسِ ۾!

●

اونهي جو اسرار آ توڙي هڪ پِرانگهَه؛
ڪيڏي توکي تانگهه، پهچان اُن جي پار کي!

●

آرڏايون اسرار سان چڏّ، نه ايڏو ڪاهِه،
اوري اڳتي ناهه، سڀ ڪجهه آ هڪ جاءِ تي.

●

* پنگ= تيز.

چو تون چاهينِ تو، چاٺان مان هر چاڻَ ڪي،
سينو ساهين تو، اونهي جي اسرار سَان!

●

سُرپاتون سنسار جون پَکين سارا پَنک،
چڻ ڪي آڍي سَنک، اورن تا آڪاسَ سان!

●

هاٺي اچي ڪونہ تو آهنجيءَ سَهنجيءَ ۾،
هر ڪو پنهنجيءَ ۾، مونکي پورو تو لڳي.

●

پو بہ سداٺين تيڪَ جٺن، آهين مونسان گَڏُ،
توڙي مُنهنجو هَڏُ، اگ جٺن هلندو تو هَلي!

●

ويچَ جَهلن هاٺي نہ لکَ، ۽ تون چَوين لِکُ!
تون ٺي آن پارکُ، چاٺو موت حيات جو.

●

نِمي ڪِمي ڏِسُ، هي جا مِٺي ڪَنڌ مِ،
ڪهـڙو ڪـهـڙو سِسُ، آهـي ان سَمـائـِيـو!

●

تون جو اڻ ڄاتو اڃا، تون جيڪو آڻ جوڙُ،
ڇا ڪنهن تُنهنجو توڙُ ڀاتو آ منهنجا پرين؟

●

* جـڻ ڪـا ڍَڪَ بزّارِ آهـي تنهـنجـي جنـدڙي،
نيٺ تـہ وينـدين پارِ سَپُ ڏي وَٺُ پنٽي چڏي.

●

تو تـہ لَڪايون ڪونـہ گَهنجي وٺيون جي گهڙيون،
ڇا توکي ڪا اون، ڪيسِين رهندي جِنـدڙي!

●

جي مٺيءَ سان پيار تِي، نيٺ مِٺِي ٿيندين،
پر اُڏري ويندين، جي اوربندين اُپ سان.

●

* ڍَڪَ بزار= شڪارپور جي هڪ بزار.

پورهيو ڪري موت کي جي تو ڪَنايو،
ڪيڏو سجايو، تنهنجو جيئَڻ جڳَ ۾!

•

مِرتيو جِيوَن مان اچي، جِيوَن مرتيوءَ مان،
چَڪّر تي تو سان، ڪيئي ڪِنگريون ماله ۾.

•

هَن ساري سنسار ۾ گَهر گَهر ڪيڏا گهِندَ!
مون کي منهنجي ننِدَ، موٽائي ڏيندين ڪڏهن؟

•

سا سَپني مان جاڳَ آ، تو جا پائين نِندَ،
گُڙن پيا گهند، تو لئہ آڌيءَ رات جو.

•

هيءُ تہ تو لئہ نند ۾، چند ستارا، سجُ،
هُو جو آهي نِجُ، جاڳين تہ جرڪي پوي!

•

سِجُّ بہ ڏاتي ڄيئَن، ڪَنڌَ لُئي تو لوڪَ ڄا،
مٿان سمجھين اِئين أيري تو آڪاس ۾!

•

پَرتي آڏيندِي، آڪيرو، اسرارَ ۾،
ڏرتي ڇڏيندي، مُور نہ مڃي ھي ھِنيون!

•

ڪاڏي ڪاھيو تا پيا؟ اِتيئي آھيو،
چاھيو نہ چاھيو، موتي ايندءُ ماڳ تي.

•

موت رڳو ھن زندگيءَ جو حِصّو آھي،
پانيان ڪجھ ناھي اڳتي ابديّت سوا.

•

جتي آسر ويرَ جو لوڏائي لامن؛
پَڪي أڏامن، أتي مونکي پورجو.

•

جتي وَهندي واهَ جون لهريُون لَپڪا ڪَن،
تاري پپل پَن، اُتي مونکي پورجو.

●

جتي سِجُ لَهِي، مِٽيءَ کي پيرين پَوي،
يارو! ڪجهہ ڪَهِي اُتي مونکي پورجو.

●

وچن پيا پاڪڙا، ڪيڏا رُڄ منجهان!
ايڏيءَ اُڄَ منجهان، ڇاکي مون پيتو پئي؟

●

ڇا تو ساري ڳُجّهہ کي ڄاڻڻ تو چاهين؟
ڪنڌيءَ تي آهين، تون ۽ تاهِہ آتاهہ جو!

●

ساري رات رَمِي وَئِي، ڪونہ لڳي تو جَهپَ،
ماپي تُنهنجا مَپَ، تارا ترسڻ ڪيترو؟

●

تون ئي منهنجي سيگهہ آن، تون ئي منهنجي سَگَهہ،
ڏِيلَ تہ ڪيئي ڏگَهہ، ڪوڪو چوٽيءَ تِي چڙهي.

●

چولين منجهہ چِلاءِ، آنءُ نہ ڪنڌيءَ هيرئون،
مون ڪان هي پِلاءِ، آنءُ آساهو آهيان!

●

وَرِي ننڊ ڦِٽي وَئِي، ڪٿان آئين تون؟
مون سان منهنجو مون، سوگهو ناهي ساهَ ۾!

●

تون جو منهنجي موت ڪان پوءِ نظر ايندين،
۽ ڦهلائيندين، سڀ تي پنهنجو سوجهرو!

●

مندر ۾ ڇا لَئِہ گِهرئين، ٻاهر ڪَيُئِہ ڇا؟
سڀ ماٺهو تُنهنجا، مُنهن مُنهن تُنهنجِي مورتي!

●

رهي رهندو ڪيترو، ڪنهن جي هيٺِ هَنو؟
گهوڙو ڊوڙي تو اوندهہ اندوڪار ۾!

•

مان تو ۾ وهنجان پيو، تنهنجن چَشَمن ۾،
* مون ڳوليون جَن ۾، تن من ساريون تِرپتيون.

•

مان جو تنهنجو اولڙو، نيٺ تہ مان موٽان،
پنهنجي ليکي مان آهيان کهڙيءَ ڪاٺ ۾!

•

تون جو تارَن مِينهَڙا تو ڪي ڪٿن سمجهان؟
تنهنجو ڪَتِين جان ڪيسين ڳولائو تيان؟

•

تون جو آنهہ اننت، اڳتي ڪان اڳتي اچا،
ڇا مون تُنهنجو انت، پاتو پنهنجي پاڻ ۾؟

•

* ترپتي= پورائي، آسودگي.

ڪيسين ڳولا ۾ پَوان، ڪيسين ڏور ڏسان!
تون جو نَهَنِ ڪان، مون کي ويجهو تو لڳين!

●

آنءُ تہ وارياسو رڳو، تون ئي ڏتَ ڏهرَ،
سارا پَلَ پهر، توَ سنگ آنءُ سنواريا.

●

منهنجو هن سنسار سان، ڪري هئن سرچاءُ،
آچڻ وارا آءُ، تو لئہ تَڪيان ڪيترو.

●

هي سارو سنسار جڻ آهي، منهنجي ماءُ،
هر ڪو منهنجو ياءُ، وڻ تڻ پکي ۽ پسون!

●

ڳولاَ ڳولائُو سَرچِي ويا پاڻَ ۾،
هاڻي ڦولائُو، پيرَ نہ هيا پَنڌ ۾!

●

ماڻهو مُورک، ڳالهه ڪي ڳالهوڙو تا ڪَنِ،
منهنجي ڪَن نہ جَن، تُنهنجون ڳوڙهوين ڳالهڙيون!

●

تون جو منهنجيءَ تانگهہ ۾ ازل ڪان آهين،
ڇَوَّ، ڇا تو چاهين، مون ڪان منهنجي جيئري؟

●

تون جو منهنجي موت جو پاڇائون آهين،
ڇَوَّ ڇا تو چاهين وَر وَر مون پويان اَچي؟

●

سچڻ سباجها، تون جو آئين پاهران،
ڇا تو آياجها، سمجها پنهنجا سپرين؟

●

* ساري عمر هيڪلو، سپُن- چارِي آنءُ،
ها، مون تنهنجو نانءُ، ڪيئن ٻُڌو، ڪاٿي ٻُڌو؟

●

* سپن چاري= خواب ۾ گهمندڙ.

چو تون منهنجو ڪينرو پيو وَڃائِين،
مونکي جاڳائين، ايڏي گهڙيءَ ننڊ مان!

●

آهي اجا ڳائڻو ڇا مون کي ڪو گيتُ؟
جي تون منهنجو ميتُ، متان ننڊ ڦٽائين!

●

متان پوئين ننڊ مان مون کي جاڳائين،
۽ مون ۾ ڳائين، مون جو ڳاتو ڪونہ هَو!

●

مرندي آءٌ مَيارَ، تو کي ڏيندس ڪينڪي،
مون کي پنهنجا پار، سپرين تو نہ سُجهائيا.

●

جي ڪشف المحجوب، تون مون سان گڏجي پڙهين،
تو کي تو محبوب، ماڻ ڏيکاريان ڏينهن جئن.

●

ڪهڙو پيغمبر پنهنجي پنهنجي دؤر ۾،
ڪَريَن سمجهو ڪَرُ، ناهي پنهنجي پاڻ ڪان؟

●

تو وانگر هن جاٽ ۾ آيا ويا ڪيئي،
سڀ ڪجهه اِتي ئي، تو ڪان سوا ياتِري.

●

مان ئي آهيان پنڌ ۾، تو پل پَنڌُ نہ ڪَر،
هونءَ بہ منهنجي گهر، تنهنجو گهر آهي پرين.

●

ٻيهُہ تہ ڪجهہ پوتارَ، ڪاڏي ڏوڪين تو پيو؟
تو ڪان پارَ آپارَ، تنهنجيءَ سيگَهہ وِجائِيا!

●

مان تو تو کي ڳوليان، پَلِ تون ڳولِ نہ ڳولِ!
مون سان تورو قولِ، ساتِي منهنجا سُڄَ جا!

●

چا تون پنهنجي پنڌ ۾ آهين منهنجا ماڳَ؟
تونِ ئي پنهنجي واڳَ، تون ئي پنهنجيءَ واٽ تي!

●

آنءُ سدا آجو، ماڻهو تُنهنجي موت کان،
تو پانيو چا جو؟ چا مان پُنءِ جي پورِ هان؟

●

منهنجو هوشُ حواسُ، هاڻي تون ئي آن پرين،
پُر پُر ڪِيئان ماسُ، تَنهنکي تُنهنجو تؤنکرو.

●

سانجهيءَ سونا مندرن، ڪَلس تيا ڪيئِي،
اوندهہ ۾ نيئي، هر ڪنهن ڇڏيو جندڙيءَ.

●

چا مان چريو هان، ڪَپر- ڪُنّ نہ تو ڏسان!
تو لئہ تريو هان، پوءِ بہ ايڏيءَ تار ۾!

●

دَرُ ڪولينڊس ڪونہ، ٻَلِي پيو ڪـڙڪـاءِ تـون،
اڄ ٻـائين تو چـو نـہ مُـونـکـي نـانءُ ٻـڌائيـو؟

•

مون کي تنـهـنجو ڏنـڌ ۾ رڳـو آهـہ ڌَهو،
تون جو چِتَ چَهو، مون لِئہ منهنجـي مـاڳَ ۾!

•

ڪوهيڙي ۾ ڪيرُ آن، ڪوئـي ڏَسُ تہ ڏي!
رڳو روز سَڏِي مون کي گهر مان ٿـو ڪـڍيـن!

•

تـون جـو اچيـن ڏُنـڌَ ۾ مون ڏي ٻَڌِي ٻُـٽَ!
چؤ مان تو کي جُهٽَ، ڪِيئَن سجاڻان جَهتَ ۾؟

•

ڊاٻـو ڪَرين اوچـتو ڪـائـي ڏِٺَ نـہ ڄاڻَ،
آچي پنهـنجو پاڻ، دَر ڪـڙڪـائِيـن ڏُنـڌَ ۾َ.

•

مان تنهنجو اسرار يا، تون منهنجو اسرارُ؟
مان جو پنهنجو پارُ، مان جو پنهنجي پنڌَ ۾.

●

ڇا مون اڄ سمجهو، آهي تُنهنجي ڳُجَهه ڪِي؟
اَمجهي ڪان اَمجهو، آهيان مان اُپٽار ۾!

●

هر هر منهنجي ننڊڙي ڇو تو ڦٽائين؟
آخر اي سائين، ڇوُ مون ڪان ڇا تو گهُرين؟

●

ڪَتيوُن تہ اوري آنءُ پري تن ڪان پرين،
سَوَ سُورِجَ گهوري، مون تي منهنجو پنڌڙو.

●

ڪنهن بہ نہ ڏٺو جندڙيءَ اهڙو ڪَجائو،
سفر سٽائو، سارِي رات سَٽاءَ جو!

●

ڏرتي، ڏرتي هاڻِ، چڏ تہ وڃان واءُ ۾!
تون چؤ ڪنهنجي ڪاڻ، تو وٽ مان ترسي پوان!

●

تون جو آهين موت ۾، تون جو منهنجي ننڊَ،
مون ۾ تنهنجا گِهنڊَ، ساري رات گُڙن پيا.

●

* معبد منهنجو تون اُتي جِتي جُهڪي آنءُ،
وَٽان تنهنجو نانءُ، ڳوڙها ڳاڙي ڳُجّهہ ۾.

●

اُٺاري اڌ رات، جيڪو لڪي مون هَٿان،
چؤ، مان اُن جي تاتِ، ڪيئن نہ ڪيان ڏينهن جو!

●

ڏينهن تہ آهي شينهُن، ڪيڏو واتُ پَٽي ڪري،
ڳِرڪائي ٿو ڏِينهن، سارا پهر وجود جا.

●

* مَعبد= عبادت گاهہ.

نِندَ تہ آهي موت جئن جان جاڳين تان جاڳُ،
تو ۾ متان ماڳُ، ڏوران ڏيکارِي ڏِئي!

●

موت بہ آهي ننڊڙي، جڏهن لڳي اکِ،
پوءِ بہ اُن جي ہِک، ڇا ڇا جرڪي جنڊڙي!

●

اڃا تنهنجي تات مون ڪتي ڪَئي آهہ!
هَر هَر ڇِٽي آهہ، جوئي جڳ جي ڳالهڙي.

●

شايد تو لئي گهنگرو پائي آنءُ نَچان،
جي ڪجهہ ڏينهن بچان، آءٌ اڃان سنسار ۾!

●

ڇا تون منهنجي جيئَري مون سان اوريندين،
ڇا مَون کي ٿيندين ڪجهہ شهہ رڳ کان اوڏڙو!

●

تون ئي عين عذابُ، تون ئي هندُوري جيان،
تون ئي منهنجو خواب، جنهنکي هيرُون هنج ۾.

●

اِن ۾ آنءُ ڏسان پيو ڪنهن ڪنهن جو سِينو،
ڇو تو آئينو، مون ڏي اچرج مان ڏسي!

●

مون جئن مُورک ڪو يَلا، مان پنهنجو انڪارُ!
مان ئي ’مان‘ تي وارُ، مان ئي وَڏَ وجود جا.

●

گهٽائيءَ ۾ تون گهرِي، اِڪائي آهين،
پَر پو تون چاهين؟ سو ته نه آيو سمجهه ۾.

●

ڏيئو نه ڏيکارِ آءُ سجاڻان پَنڌَ ڪي،
تون ہي ڪَنهن لَيءِ بارِ، سونهين کي چا تو سَلِين؟

●

تـون ئـي اڄ اڏ رات مـون دَر پيـهي آئـين،
تو ۾ تنهنجيءَ تاتِ، تُنهنجي ننڊ نِرُهہ ڪئي.

•

آکِ نہ جَهپڪايم، تو در تي تڪ تڪ ڪَئي!
ويهي وَرنايم، تو سان گُوڙهيون ڳالهڙيـون.

•

* بيو بہ تہ آ عالم فيثاغورث تو چوي،
جنهن ۾ ڪوئي غم، ويجهو ناهہ وجود جي.

•

هن ڪي ڦهڪائي هنيءِ، چا لئہ ائين ڳُليلَ،
پاڻيءَ پيئڻ وَيلَ، پنچي ڏرڪيو ڏُڪَ سان؟

•

هـو جيـڪو آڪـاس ۾ پـکيـئڙو آهـي،
آکيرو نـاهـي، ڪـنهـن لـئہ اُڏري واءُ ۾!

•

* يوناني فلسفي جو ارسطو کان اڳ ۾ پيدا ٿيو ۽ جنهن حضرت سليمان ع جي اصحاب- مصر کي حڪمت سيکاري.

هرڻي ڏيئي سِير، تو جا ڪاتر سان ڪُٺي،
دارا جي تقدير، اُيري آئي مون اڳيان.

●

ڏسجي هو پولار ۾، ڪِتي ڪُتي تو،
هو جو ٿُٽي تو، پُڄَڙ تاري وِانگيان.

●

مياڻ! مان ڇا؟ موت آ سيني ڪان ڏاڍو،
ودي تو واڍو، ڪيئي وڻ وجود جا.

●

توڙي هاٺي رات جا چار وڳا آهن،
پو بہ پيون ڪاهن، دعائون منهنجي دَران.

●

ڪيڏي عرش عظيم تي آهي تن جي پيهہ،
ناهن مون ڏَهہ وِيهہ، آسنوُن مون ڪي لڪِپن!

●

تون ئي آرهڙ ڏينهڙا، تون ئي مُندَ مَلارَ،
مون تي تُنهنجي سارَ، آهي ڇَپَر ڇانوَ جئن.

●

مون تي ڪئي ايتري ٻاجهارا تو ٻاجهہ!
آهي جيڏي جهاجهہ، سارو ڏينهن سموندَ ۾.

●

هان ڪيڏي وسرام ۾؟ "ڪجهہ بہ نہ پرڏيهي،"
اوندهہ ۾ ويهي ڇا تو هئن سوچان پيو؟

●

ڪنهن کي هئن سنتوشُ ڪونہ ڏنو آ سوجهرو،
اوندهہ اهڙو پوشُ پهرائي تي پاڻ کي.

●

ڪيڏيون تشبيهون مون تِن تي وَرِي چڙيون،
پياريون جي پيهون، اوندهہ سان اوندهہ تيون.

●

تون به نه اونداهو، آهين هن ڌرتيءَ مٿان،
جنهنجو چؤ راهو، آنءَ ڏنو ڏيئي جيان!

●

نه ڪا اُن ۾ لاٽ آ، نه ڪا اُن مان واٽ،
تون جا ڪاري ٻاٽ، مون ڪي ويڙهي تي وجين!

●

اونداهو آهين تون جو پنهنجي پاڻ ۾،
پو چو تو چاهين، ٻارين سورج ايترا.

●

اُونداهي مشعل، ٻري ٻرنديڻءَ ڪيترو!
مون ڪي تو هر پل، اُجلايو اوڙاهه ۾.

●

توڙي آهن جاڻ ڪان پري منهنجا ٻولَ،
مٿان مون ڪا ڏول، ڪڏهن سمجهين اوپرو!

●

آديون مان اڻ ڄاڻ، ايـڏو هـن سُنسار ۾،
آڄا پنهنجـو پاڻ، ڄاڻِي ڄاتم ڪينڪِي.

●

منهنجـي ڪُلهن چاڙيو، سارو پارُ اَپارُ،
تـوڙي مان اسُرارُ، تـو جهـڙو تڇ آدمي!

●

ڪيئي ڪام ڪروڙ، مون ۾ وَلِين وانگيان،
پر هِي جيڪا اوڙ، مون ۾ آ آڪاس جي!

●

تو تـہ ٻُڌا ها لُوهَہ جا لـَڪن اندر لـُڙ،
منهنجا گهاتا جُهڙ، پر تو ڏٺا ڪينڪي!

●

سُجاول تـي سانجهہ، ٻيڙي پَـتڻ اوڏڙي،
آهي ڪا تـہ آڳانجَهہ، اونداهي اوڙاهہ ۾.

●

سارِي واتَ وُجودَ تي اُنهن جا سايا،
هي جي اڄ آيا، مون تي ٻُرا ڏينهڙا.

●

واڳَ ٻہ تو کي جاڳَ جي، ننڊَ ٻہ تُنهنجي نيندَ،
هاڻي تنهنجي سيندَ، مون لئہ هر ڪنهن سڌ ۾!

●

گهڙيءَ ڪيڏي گوڙَ ۾، گهڙيءَ اڪيلو،
ماڻهوئڙن ميلو، تاهي منهنجي توهَ ڪي.

●

تو سان هوندي ٻي، مان ڇو تو کان ڏور هان،
آهي ڪائِي ٻِي، ڳولا مون کي ڳُجّهہ جي!

●

هو جي سڦريون ڳالهڙيون ڪنهن ڪنهن ڪيون ڪالهہ،
مون لئہ اڄا مالهہ، آهن اونهي کوهَہ ۾.

●

هو جي اونهي ڪوهه ۾ تارن جا پاڇا،
ڪڏيا اڄ ڇا ڇا، مُون اونداهي ڪوس ۾.

●

هاڻي ان ڪي ڍِلَ ڏي، ايڏو پينگهه نه لُڏ،
تاڙي ڪدم تڏ، بيٺو آهي سانورو.

●

جنهنجو هر انسان ۾ ڏنو تو پاڇو،
آيو آهي تو، اڳيان سَپني وانگيان.

●

جاڳائي هيڪارَ جي، هو تو ڏي ايندو،
هُو تو ڪان نِيندو، تُنهنجي سارِي ننڊڙي.

●

”ڇا تون ڄاڻين تو اهو، ڪڏهن ويندين تون؟“
اکيون ڪَنيون مون، انهيءَ تي آڪاس ڏي–

●

ڪيئن چئجي ڪنهن ويرَ وجهڻو آهي سمنڊ ۾!
ڪَئي آهه آويرَ، ايڏي چو هيڙائِتي؟

•

هيلَ ڏسڻ ۾ هار آ، هاٿي ٿَيڙَ سيڙهه،
آهي پوئين ويڙهه، پنهنجي ملڪ الموت سان.

•

ٿني جي رابيل ۾ وَري ڪِڙندُس مان،
وَرِي ٽِڙندُس مان، مَڪلي تُنهنجيءَ مات ۾.

•

جڏهن پوندي ماڪ، پِرَهه تنهنجي پار ڪان،
تڏهن منهنجيءَ خاڪ، ٽِڙِي پونديون تاريون.

•

پيهر اڇان مان، جڏهن هن سنسار ۾،
او شل نَچان مان، ٻُڌي پنهنجي گيت کي!

•

هي اونداهيون راتڙيون، تو هڪ ڏيئي ڪي،
چا لئہ وِسائي تَڪيو تارن ڏي متي؟

●

ڪروڙين تارا، اونداهيءَ ۾ ٽُبڪڙا،
ڪيڏا ويچارا آهن ڪارِي ڪوت ۾!

●

چيو چوايو ياٽڙا، مون کي معاف ڪجانءِ،
جڏهن آنءُ وڃانءِ، ڪٽجانءِ دعا هتڙا.

●

آنءَ مدايون ايتريون ڪانهي ڪائي ڪَتَ،
چا تون دُعا هِٽَ، مون لئہ ڪٽندين ڪينڪي.

●

جيئَرَ ڳَرِي لُوڻ جان يا تِئي پتاشو،
ڪفن ۾ لاشو، ڪجھ ساريندو ڪينڪي!

●

تنهنجي هوس صليب مان، ڪوڪا بہ آئون،
جڏهن هيائون، تو ڪي ڪِيرَ ڪَبار ۾!

•

جڳُ سارو جوڏاس جو، عيسيٰ جو ڇاهي!
رات رُنو آهي، اونڏي اُيَ صليب تي.

•

هڪ ٻئي جي رڙ تو ٻڌي ڪئِلي ماڪوڙو،
تو ليکي ٻوڙو، پَر تو کان بهتر ٻُڌي.

•

لَڳِهہ ڏسي اُيَ ۾، پَڳَهہ چوڙيا تي،
ڪاڏي موڙيا تي رَسا ڪارونيار ۾؟

•

کهڙي گهتيءَ مان، وڃان پيو گهر ڏانهن مان؟
آنءُ نہ سڃاڻان هي ماڻهو هي موگهڙا.

•

ڇڏي پنهنجو لاشُ، هيءَ اڏامي ڪيرُ تو،
هي جيڪو آڪاش هُيو ڏرتيءَ ڏوُپَ ۾.

●

ماڻهو! تنهنجو ٿاڪُئون هِيئون ٿُٽي جي،
ڪوئي اُنهيءَ کي، ڳَنڍي سَگهي ڪينڪي!

●

ماڻهو سِرَڻ ڪيئن ٿيو، هِي سوچين تو ڇو نہ،
تون تہ مڃيندي ڪونہ، ڳالهيون اڳينءَ جوڻ جون!

●

ڪَيءُ جو بہ ڪَنو، تون سان هلندو ڪينڪي،
ڇا جي لاءِ سَنو تو ايڏو سنسار ۾؟

●

نہ تو ٻُڏِين گِهنڊَ، ڪيڏا سفر سڏڙا!
اڇا ڪچِي ننڊَ، آهي تنهنجي آکئين!

●

آزلي دهشت گردَ! ماڻهو ماڻهوءَ کان کسي،
زالون توڙي مَردَ، سڀ کي تو اغوا ڪرين!

●

تو سان لَکَ ڪروڙَ، پو بہ اڪيلو تون ميان،
ناهي ڪائي لوڙَ، تو کي ڪنهن جي سات جي!

●

اجا مون مان صبر جي تو رکين اُميدَ!
مان پانيان تو دِيدَ، مون وانگر گهٽجي وئي!

●

آخر ڪيئَن چوانءِ موتي وڃان ننڊ ۾،
وري ڪونہ اُٿانءِ، جيڏا بہ سڏڙا ڪرين.

●

ڪيڏو ڪَيئہ ڪَڪِ، مون کي هن سنسار ۾!
بس ڪر هِي بَڪِ بَڪِ، ڇڏ هِي جيئَڻَ ڳالهڙيون!

●

ڏائڻ ڪي ڏُهہ ڪوهَہ، پري رکجي پاڻ کان،
متان اُن جي موهہَ ڏِسين ڏندَ چراخ جا.

●

آنءُ نہ ڳوڙها ڳاڙيا، پنهنجي وڃڻ تي،
ان جي ميڄڻ تي جو آ سڀ ڪنهن لئہ لکيو.

●

جي تون هي پيرو مون کي ٻيو وارو ڏئين،
پنهنجو آکيرو مان، جيڪر تو ۾ اڏيان.

●

* تارا تُنهنجا راتڙي آهن اوڳاهِي،
ڪهڙي شيءِ چاهِي مون پنهنجي وشواس لئہِ.

●

وَتِي واتَ مِلِي، نَدِي جيئَن سمونڊَ سان،
ڏاهو آجو تِي، مِلِي هڪ آننت سان.
(مُنڊڪا اُپنشَد)

●

تُنهنجي آهه وِناس ۾ تنهنجو نيتارو،
وَڻ تڻ جنئن پارو، پوي آگُ بسنت کان!

●

جِنئَڻ وَجِي تَپُ جئن، آئي تو وسرامُ،
مَوتُ نه آهي نَامُ، تُنهنجي گهريءَ ننڊ جو.

●

اَرسطوءَ جئن آنهه تون يا ڪو افلاطون،
چَوَ! ڪوئي قانون آجو ڪندو موت کان؟

●

هونءَ نه هڪجهڙائي، ننڊ ٻه ساڳِي تي ڏِئي،
موت ڪَري جاتِي، ساڳو راجا رَنڪ کي.

●

ڪوئي جمهوري، جيءَ نه آهي موت جئن،
هر ڪنهن کي پورِي، قبر ڪيجي تِي مِلي.

●

مون لئہ تاتي موت تون رُئنديں پوءِ آڳانهَن!
وَر وَر مون لئي دانهَن ڏيندي تو کي ڏرتِتي.

●

سَچُ تہ مون کي ڪونہ آ، اڳتي ڪان اِنڪارُ،
پر هِي وِچون پارُ جي مون کي روڪي رَکي!

●

هي جا نِندَ آنندَ آ، هي جا جاڳَ آجاڳَ،
اُن ۾ مُنهنجا ماڳَ ڪيڏيون تو ڪارُون ڪرين.

●

جنم جنم ۾ پاڻُ هِن روڳي بڻايو،
ڳِجهون ڳرڪايو مٿان هن جي ماس کي.

●

ماڻهو هَڏَن مُٺ، ڪُڏي ڪيڏو پاڻ تي؟
موتَ بہ جوڳي جُٺ، ڪَئي هر ڪنهن جي جيءَ سان!

●

آءُ جَهلي هي کوپرِي، ڇا ڇا تو سوچيان!
لوٺيءَ ۾ لوچيان، جيکِي اُن ۾ جِيئَري!

●

ڪيڏو هن ۾ لوڀُ هو، ڪيڏو آهنڪارُ،
اڄ بہ چِتا تي يارُ، اُلا تِي اُيري پيو!

●

جنهن ۾ ڪِيڙا تا چُرَن هِي هو هلاڪو!
بُنيءَ تماڪو، جنهن تي ڳوناٺو ڇِڪي! *

●

تو کي پورڻ لئہ رکو، آ ڇا هيءَ ڏرتي؟
اُن جِي بہ ورتي تو نہ اجازت پاڻ لئہ!

●

آيو جهوٽو واءُ جو ڏيئو وِساٺو،
ماٺهوءَ کي ماٺو، ڪيڏو توتي جِندڙي!

●

* بُني= قبر.

عُمِر توڪي وچ جي آهي وِڇوتي،
ڪهڙي لِڪوتِي توڪي ڪانهي ڪا وِتي.

●

متان سمجهين ڪوڙ تون، سچ پچ ويندو ساڻءِ!
مون ڪي پاڻءِ نہ پاڻءِ، باقي تورا ڏينهڙا!

●

* آڙي او اوجها تون جو واتَ ٻُڌائن!
جاٽين تو ٻوجها جي آٽن تا آجپو.

●

منهنجي جاڳ ٻہ ننڊ آ، منهنجي ننڊ ٻہ جاڳَ،
تون جو مون سان ماڳَ، پير ڪٽين تو پنڌ ۾.

●

ڪتاِن ڪتان جا، ماٺهو مون، سان ننڊ ۾،
هي ٻسارا سپنا، جا مون اڳ ۾ ڪِتِ ڏِٺا!

●

* اوجهہ= اُستاد، سيکاريندڙ.

* جِتَن ڪنهن ڏاڱهي ڪي پَٽي اُڙِلي ڪَڙيءَ ۾،
اوڏيءَ آڙيءَ ۾ تنو سان ائين ڳالهڙي.

●

** ڪيڏي تيزُ هوا لُري! لوڪَڙُ ڪِريو لَنگهندي!!
ڦيرِي موتَ جُري، اُن تي يڪدم پنڌ ۾.

●

دل تي چَوي هاڻ ساري سونهن سڳنڌَ ڪي،
مون ۾ تيزيءَ سان ڦِري پئي سوچ سِراڻ،
چاهي چِتَڻ ڪاڻ، تاريون ڦلن چانئيون؟

●

مون ڪي تُنهنجي لوڙَ يا توڪي منهنجي لوڙَ؟
تُنهنجي مٿي موڙ، منهنجون ڪيئي ڳالهڙيون.

●

مسجد، ڪَؤنرا مَٽ، مُلان تَڏي ڪونگهرا،
مان فارابيءَ گهٽ، ابنِ سينا جون گهٽيون!

●

* اُڙلي= ڪَڙيءَ ۾ ڪاٺ جو ٽڪر جو اُنکي بند ڪرڻ لاءِ وجهندا آهن.
** لَريءَ ۾ جهنگلي جانور مرندا آهن.

ڪهڙي ڪارڻ تو اچين ايڏو جلدي موتَ؟
ڇا مون پنهنجي اوتَ، پوري ڪئي جام ۾؟

●

ڏِنو جنئن ميهار سهڻيءَ کي درياه ۾،
تو کي مون پيهار! ڏنو ايڏو اوڏڙو!

●

تو کي ترسائي، ڪيڏو ورتو مون لکِي!
پوءِ بہ الائي، رهجي ويون ڳالهڙيون.

●

جو تون چاهين سو تنئي آءٌ تہ ڪجھ ناهيان!
سچ پچ مان آهيان، تنهنجي هٿ ڪيڏاوٽو.

●

مون کي ذميدارُ ڪهڙي ڪَئي تو ڪَريِن؟
تو جنهن پارُ آپار منهنجو اڳ ۾ طي ڪيو!

●

ڪنهن سان ڪنهنجو ساٿ آ رهيو سدائين؟
آنءَ ڳليءِ تائين، تو سان گڏجي تو هلان!

•

ويجهو پائيندينءَ جڏهن مون کي سارينديندءَ،
ڪيسين تارينديندءَ، ويسر نسان واري ڪري.

•

ڏاڍا! ڏرندءَ ڪينڪي سڀ ڪجهه ڏاريندءَ!
سڀ کي مارينديءَ، آخر پنهنجي پاڻ سان!

•

پيهر ٻرٽو ڪونه آ انالحق حبو مَچُ؟
ڇا مان سچو سَچُ چَئِي سگهندس ڪينڪي!

•

تون جو پيتل ڪونه ڳليءَ ۾ گم ٿي وئين،
ڪانه هُئي تو اونَ، ڪائي منهنجي اُڃ جي.

•

أنهيءَ جي سنگيت ڪا ٻُڌين تو ٻوڙا،
وِجهي وِلوڙا نَهڪر هائوڪار ۾!

●

تون جنهن پاتي ڏوڙ، تو لئہ ڪهڙي آرسي؟
تون جو ايڏو ڪوڙ اجا سچ سمجهين پيو!

●

پُٽُ هجي يا ڌيئڙي، هر ڪو مطلب جو،
آهہ زِڱو رب جو، ماڻهو تو کي آسرو.

●

چيا مان تو کان ئي ڏجان پيو ڪو ڪيان نہ ڏَپُ،
چيا تون ئي هڪ سَپُ مون مارينديں وقت تي!

●

رِڏون ٻَڌي ڪامَ سان ڪُتر رَکِي پَٽ،
مَنڌَ ڪُنيءَ ۾ جَهٽِ رڌي وَتو ربَ کي.

●

ڇا ٿو سمجھين پاڻ کي، آخر آهين ڇا؟
رڳو چار هڏا، ڪاريءَ پڪيءَ ڇهنب ۾.

●

ڇا تو پڇڻ چاهئين ميان ڪجھ ته ڪُڇ؟
سمجھي سگھين، پُڇ، اونهي جي اسرار کي.

●

چارِئي پَهَر ڪَڏَ آ، توکي ڪِٿ ڇڏي؟
پل تون گھُٽون ڏي ماڻهو پنهنجي موت کان.

●

ڪيئون جهلي ڇهنب ۾ جِهرڪي ڏسي تي،
پوءِ جَڻُ قِسي تي کا شيءِ ان ۾ جيئري.

●

ان اونداهي گرب مان، پيهر شال ڇمان!
ٻُولي لڌو مان آخر توکي ماٺڙي،

●

جتي ڪِرڙَ ڪَڪا، مون ڪِي اُتي پورجو،
پوريون روز پَڪا، ڪيرائِن چچري جِتي.

●

وٺي واٽَ ندِي، مِلي جيئَن سموند سان،
ڏاهو آجو تِي، تِيو هڪ آننت سان.

●

تنهنجي آهه وِناس ۾ تنهنجو نيتارو،
وَڻ تَڻ جئن پارو، پَوي اڳَ بَسنت کان.

●

جيئڻ وڃي تَپّ جئن، ماڻهوءَ ڏئي وسرام.
موت تہ آهي نام، تُنهنجِي گهريءَ تند جو.

●

ارسطوءَ جئن آنهہ تون يا تون افلاطون،
ڇا ڪوئي قانون آجو ڪندو موت کان؟

●

هي جو تنهنجو موت آ اُن ڪان ياچوڪڙا!
اُنِ وانگر تو وَڙا ڪنهن به نہ ڪيا جيئڙي!

●

هونءَ تہ هڪجهڙائي ننڊ به ساڳي تي ڏئي،
موتِ ڪَري جائي، ساڳو راجا رَنڪ ڪي.

●

ڪوئي جمهوري جيءَ نہ آهي موت جئن،
هر ڪنهن کي پوري، ملي ڌرتي ڪيجي.

●

تون بہ تہ عادتَ زندگي ۽ ڪنهن عادتَ جيئَن،
تو کي ڇڏي ڪيئَن مان پائيندُس موتَ کي؟

●

سورج گهڙي. ڇٺؤ طرف ڦري آئي آهہ،
هاڻي ڇائي آهہ اُن تي اوندهہ موت جي.

●

* آواڳـون ڳـالـهـڙي اوڀ اڇـا ٻـاهـر،
ڇا تون منهنجي ڳهرِ اڳ ٻـر آئيـنءَ نينـگري؟

●

ڪجهه ٻه نه مان آهيان، هاڻي هلان مان هتان،
ڪيئن مان ڪاهيان، تَڪلُ وِهٽَ وُجودَ جو؟

●

مُئي جـئن واري، ڇـڏيو آئـو سَـاٿـيو،
اِئيـن ڪـو ماري، جـيـڏا پـنـهـنجي جيئڙي؟

●

تون جو مُنهنجو موت آن، تون جو حياتي،
منـهـنجي مـماتـيءَ تـو ٻـ ڪـيـڏو تي ڪِلي!

●

ڳولي لڌو مون، تو ڪي مُنهنجي مائـڙي!
نيٺ ڇٽيندينءَ تون، مون ڪي پنهنجي ڳِري مان!

●

---

* آواڳون= ٻيو جنم. اوڀِ= مينهن جو وَسڻ.

تون ئي منهنجي ماءُ، تون جيڪا ڪيڏين پَئِي،
تو سان لونءُ لڳاءُ، ٿيندو ايندي جوڻ ۾.

•

هي جيڪو لوڙهو آهي مون تي نِندَ جو،
ڪيڏو نہ سوڙهو، اوندهہ ۾ اُنَ جو گِلو!

•

تون جو منهنجو موت تِي، اِڇٽو آن مون ڏانهن،
ماں تُنهنجي تُون ڏانهن، وَر وَر واجهايان پيو.

•

هوندينءَ تون جنهن جاءِ تي، ڳولي لهندو سانءِ،
پُورِي اَئين نہ پانءِ، وِسري ويندينءَ وات تي.

•

گوري تنهنجو گهاٽَ تي ڪندس آدرياءُ،
تُنهنجو سِيرَ سَماءُ، ڏيندي هَٽان هِيرَ جي!

•

جي تون پيهر ڏين وٺي، پَکيءَ جيئن ڳايان،
تو کي ساراهيان، آسُر وير اُٿي ڪري.

●

تون جو ڪارِي باٽ، مٿان لوءِ لِهين پئي!
تو کي مُنهنجي ڳاتِ، لَڙِي پاتو پاڻ ۾.

●

تون سُتِي، تون ويچ آن، درد ۾ ڏنو تو
چَوُ تون هَر هَر چو، مون کي ڇو پرکين پيو؟

●

تون جو منهنجيءَ ننڊ کي پيو ڦِٽائين،
اتي جاڳائين مون کي آڌيءَ رات جو!

●

ڪڏهن هُن کي جهارِ جيِئَن هَڪليو ناهي تو!
آسارو ميوو، جنه چِتونءَ جي چهنب لئه!

●

وَڻَ تي تو ويهي، جا چاهـ ناهي ٿُڪيو؟
پَکي پَرڏيهِي، هن اونهي آڪاس ۾؟

●

آگم! تارا اُڀ جا تو ڪئن اُتاريا،
ڌرتيءَ تي پاريا ايڏا اوچا ڏيئڙا!

●

هن ساري سنسار کي ڪفن جئن ناهي،
لحد ۾ لاهي، تو سان گڏجي تو هلان.

●

تو خنجر تو ڪَپُ: تون ئي وارُ وجود تي،
مون کي تنهنجو ڏَپُ، تيئو آهي ڪينڪي.

●

ماري جِيارين پيو ٻئي ڪنهن صورتَ ۾،
تُنهنجي پورَتَ ۾ آن پيو اگتي وڏان!

●

تنهنجي مِٽيءَ ميٺهڙا ڦُٽي تيندا ڦوڳ،
آهن ڪونه اجوڳ، جوڙون هن جنسار جون.

●

جوڙون هن جنسار جون آخر ڇا آهن؟
ڪاڏي تيون ڪاهن ڪتيون ڪارونيار ۾؟

●

تون ئي عين علاج، هي سڀ باقي آسرا،
تون ئي ڪندن تاج، مون سان سات صليب تي!

●

جي مان اڳ ۾ تو مران تنهنجي پت ويندي،
هئن ساراهيندي، تو کي ٻيو ڪوتا ڪتي!

●

تون جو هر شيءِ ۾ وسين تنهنجو ڪهڙو نام؟
خام خيال خام، تو بن منهنجي زندگي!

●

* اوڳاهي= گواهه.

هُنَ جا عيبَ نہ ڪول تون، هُن جا عيب هزار،
هِن ساري سنسار ڪيڏا سُڏڪا تو ٻُڌان!

•

مَتدر جو تيرٿ، پونم پوري ڪلس تي،
مان ۽ منهنجو پٽ، آهہ انهيءَ ڪان اڳيرو.

•

جيڪر ويهي مورتي ويهي مان تاهيان،
۽ پو وراهيان اُن سان پنهنجي پاڻ ڪي!

•

مون ٺاهي آهي هي، جا تنهنجي مورتي،
ڪنهن مندر ناهي، منهنجي مَن ۾ آ رکو.

•

ڪنهن نہ ڪئي اڌ رات، اهڙي تنهنجي آرتي،
چندرما ڪي مات، منهنجي ڪوتا ڏئي وَئي!

•

جنهن کي تُنهنجي اُڃَ آ، عيسيٰ جئن آهي،
پي تو ساراهي، تُنهنجي ٻَر ٻَر ٻاجهه کي.

●

موتُ وَسي ٿو مينهن جان ساريءَ دنيا تي
تو پنهنجو چا تي آهي آکيرو آڏيو؟

●

ههڙي پياري خواب مان ڪنهن هي جاڳايو؟
ڪيڏو چاهيان ٿو، مان تو ڏي موٽي وڃان!

●

هيڏي ڏُهل، دمال ۽ شرنائين سان گڏ
ڏِس، هي ڪنهنجو هَڏُ، پَڇي ڪريو پوءِ تي؟

●

ڪاتي ۾ تي ڏينهڙا تو وٽ مان ايندس،
تائينڪو تيندس، پيري پيري پوءِ تي.

●

هِڪَ بِئي پويان ياتري، وڃي پِئي واٽَ،
ڪِٿ چئجي هي جاٽَ ڪُٿي ڪِهڙيءَ جاءِ تي!

●

اڃا پنڌ پيو، آهي هُن جي ماڳَ ۾،
وَيو ڪونہ وَيو؟ موتي ايندو واٽَ تي؟

●

هوءَ جا سِرنگهہَ موتَ جي وَڏي آهہ پرکِ،
ٻاهر ڪيئي ڪَڪَ اُڏرن پيا جندڙي!

●

نہ ڪي منهنجو ڏينهن تون وڏائي سگهندين،
گهٽائي سگهندين، ويچ نہ تون هڪڙي گهڙي!

●

هي سڀ ڪُوڙا آسرا دوا دِرمل تون،
هر شيءَ جو حل تون، ڪَنهن ڪنهن جي پُٺِ تان ڦران!

●

مُنهنجي مَرقد تي اچي، شمعون پاريندين،
گوڙها ڳاڙيندين، پيراندي ۾ ويهي ڪري.

•

چولي ڦاڙيءَ تڪرائي موتي پٽي،
منهنجي پڇاڙيءَ گهوريو گهري سمنڊ ۾!

•

ڪيڏا ڏُکَ ڏِئي مون کي مارين، تو ميان!
مون جنهن گيت چئي، گهاري ساري جندڙي.

•

هو جو پيپل پَنُ، جيڪي ڪِريو واءُ ۾،
اِن تي منهنجو مَن، ڪيڏو سوچيندو رهيو!

•

ڪارو ڪانءُ اُڏامندو سانجهيءَ پاڇي ۾ –
ڪُلهه مون ڪاڇي ۾ مُرڪي ڏٺو موت کي.

•

آڳـا مارِيـن ڇـوُنـا تـو؟ ڇيـڱَـڻ ۾ ڇـاهـي؟
پـهـانـا ٿـاهـيءِ هـر ڪـو ڪِـسـڪـي تـو ڏيـي!

●

ڪيڏا ڏرَ درياه ڇا، ٿـون ۽ ٿـهنـجو مَڏُ،
ڪوئِي ڪنهن سان گڏ، اڳـتي هلي ڪـونـه ٿـو.

●

اڻ ڇاتا رهجي وڃن، نـهـي سـڀ اڻ ڇـاتـا،
ڪُـوڙا سـڀ نـاتـا مـتـان تـن ٿـي پـاڙئـيـن!

●

موتُ گِداڙِيءَ ڪُوڪَ ڇان، پيلِي مُنجهه پُرِي،
مُنهنجو جيءُ جُهرِي، ڦـاٽـل بـگـهـڙ وانـگـيان.

●

مَري ويندين موت تون، منهنجيءَ ڇانئُٺ تي،
ڇـانـئـٺ ڪـان اڳـتـي آءُ آمـرتـا آهـيـان!

●

ڪنهن کي تن تجي ڪاند آ، گهنتا وَچن تا،
پَلَ جو پڇن تا، رڻ ۾ روجهن وانگيان!

●

تو ڏُرَ بي ڪنهن کي تئي مُنهنجيءَ لاءِ ورانگهه،
ناهي جنهن لئہ تانگهه چانئُٽ جا بي پار جي!

●

تون ئي سڏين رات جو پرهَ پُڪارين
وَر وَر جيارين مُنهنجي جڏي جيءَ کي.

●

* نديءَ ڏڪان ڇو، تون آهين بي پار ڏي.
هي جو ساندارو، مون کي تو ڏي تو نئي.

●

موت اُنهن جي لاءِ، جيڪي ڏرن موت کان،
آنءُ تہ پنهنجيءَ جاءِ، جو ڳولائو آهيان.

●

---

* ساندارو= نديءَ جو پاڻي جو بي ڪناري ڏانهن وڃي ٿو.

آگهائيءَ ۾ اوپرا سَڳهائيءَ ساٿي،
آنءُ نه دِلاتي جو ته اڪيلو ناهيان.

•

سَڳهائيءَ جا سپيرين اگهائيءَ ۾ آءُ،
متان مون اُڪلاءُ، ڪڏهن ٿئي اوچتو.

•

تو چيو ته تو چانو آن، منهنجي آجهي جي،
آ سپ ڪان ويجهي، تو سان منهنجي مائٽي.

•

توُن جو تاڻين توُ، وَرَ وَر مون تي موتَ ڪَي،
ڪِنان آڻين تو، ايڏا تيرَ ڪمان ۾؟

•

اوچي وئي آڪاسَ ڪان ڪُئل آڙيءَ رڙ،
ڏرٿيءُ ڪٿي ڏَڙ ڏَڙ پَر ڪنهن ٻُڌي ڪانه ڪا!

•

چِــپـالـئـہ آنـدو۾ـتـي مـيـان ايڏي آوهہ ۾؟
مـان پـانـيـون ڪَهـڻ ۾ وينديس ڪامَهہ وانگـيان.

•

هيڙي جيئَڻ ڪان، مون کي جي مارين چڱو،
هئَن وِهہ پيئَڻ سان، ڪهڙي اُچَ اُجهـائـيـان!

•

تو هَي گُـل رابـيـل جو پـيـدا ڪَـيـتو چـو؟
آخـر چـاٽـي خـون مِـٽـي مـنـجـهـہ ملائـيـنءِ!

•

ڪهڙي ليکي ۾ لِکُيءِ سائين! منهنجو ساهہ؟
ڪيسين تُنهنجو ڳاهہ آهي مونکي ڳـائـڻـو؟

•

ڪَويلِيون ڪُوڪن جڏهن ٻَڙ جي ڏارَ تي،
مُنهنجو مَن ڏُوڪِـن تـنـهـنجي آڌ جُـڳـاڏ ۾.

•

هيڏي ساري ڏڪَ مان مُڪتي ملي جي،
ڪَسَ ڪهڙي تو ڪي هاڻي هُلَ ستسار مان!

•

گهوڙو وَڻ هيٺان، هاڻي آهه اُتاوِلو،
موڪل ڏي تہ وڃان، متان ڏينهن تپي وڃي!

•

ماٺهوءَ ڪُليل واٽ، ڏند نہ هن ڪي موت ۾،
سوني، چاندي ذات، تجوڙيءَ ۾ ڪيتري،

•

ڪتي نہ ٿيهي پوڙهي مُنهن پوپٽو لڳي!
موت ڏٺيون بيهي، هن جون جوين راتڙيون،

•

چيتي جيئن ٿيندين، تون چيريندي انگڙا
سلامي ڏيندين، پنهنجي لهندي سج کي.

•

اهڙو ڪوئي ناتهِ تو، ڪارِي نہ جنهن ڪَل
سوچ تہ ٻہ تي پَل، ماڪوڙا مِڙندا جڏهن!

●

مان چو تنهنجي گَرپ مان ٻيهر پيدا ٿيان،
ڪيئن جاڻان ڇا ٿيان! شال ٿيان ٻيهر ڪَوِي!

●

واڍو وَهيءَ چيئَن، ڪونہ ڏٺو ڪنهن جاءِ مون،
مون مان هَر هَر هيئَن، ويو وڍيندو ڏينهڙا!

●

تون ٿي منهنجو آنتُ آن تون ٿي منهنجي آڌِ
مونکي ايئين يادِ ويجهي ڪان ويجهو لڳين.

●

* ميري ماجدلين هي، تنهنجا ٻہ زيتونَ،
ڪَهڙي جيءَ جُنون آندا رات صليب تي؟

●

* ميري ماجدلين= اها عورت جا عيسيٰ کي صليب تي ڏسي، صليب تي ڳاٽ رکي رُني هئي.

موت بهانا لَکَ ڪنهن ڪنهن ڪان پاسو ڪندين؟
تون کُهه جاڻين ڪَکَ دَرَ سارا درياهه جا!

•

نيٺ تہ تون ئي موت آن، جيڪو جياپو،
لُون لُون لاڳاپو پل پل تو سان پنڌ ۾.

•

تو جنهن يانيو پل هُيو، تُنهنجي حياتي،
هر ڪائي آتي، هُئي لَهر سمونڊ لَئہ!

•

ڪنهن ڪنهن مارائي ناهي تو دفنائيو؟
پوڳَل پارائي ڪيا ميڙ مَراز تي!

•

هي جو مُئو حادثي، انکي مرڻو هو،
پورو ڪرڻو هو، ياڻو پنهنجي ياڳَ جو.

•

متان ياڻين اوچتو ڪجهه ٻه ٽٽي تو،
ڪوئي نئي تو، تو ڪي تنهنجيءَ ڏاگهه تي.

●

توُ ياڻيان چَشڪا، جيڪي پنهنجي چِتَ جا،
سي رسيءَ گَشِڪا تون جنهن تي لَٽڪين پيو!

●

مهاڻا! تو مان پَٺي آچي مجيءَ ٻوءِ،
توڙي گُهمِي ڪُوءِ آيو آنهه ڪلال جي!

●

ڪيڏي ڪهاڻي، تُنهنجا نيڻ نندڙاڪڙا،
تو ته سوَڙ تاڻي، ٻُڌي توريون ڳالهڙيون.

●

تون ساري سنسار کي سمجهڻ چاهيندين؟
ڪٿان آڻيندين ايڏو وقت وڇوڙ لئه؟

●

گڏجي ڪاٿون مانڙي پوئين ويلي ۾،
مونکي ميلي ۾، ڇو تو ڇڏين اوچتو؟

●

هونءَ تہ ڪيڏي خُوب آ تنهنجي خُدائي،
جُنگيون جُدائي ڇو مون پَتيءَ آئيون؟

●

هي جو سَهو ڪوڙڪيءَ جيڪي سَهي تو،
اُن جو ڪَهي تو دُکُ سَچي سنسار ۾!

●

متان ٻي جي دُک ڪي ڪُجھ نہ تون پائين!
او شل ورنائين وسورائتيءَ سَڏڙا.

●

جيوَن وانگر ڇَڻ هيو، موتُ بہ تنهنجي ڪَدَ،
جنهنجا تو ۾ وَڏَ، ڇُتي ڇُتا ڪينڪي!

●

ڪَتيون ڪَر موڙِن آنءُ اُٺي تو تي لڪان،
مونکي هَٿَ جوڙِن، متان ڪولِئين ڳُجَھہ ڪِي،

•

سپنو اڏورو، آجان مون سنسار جو،
جڏهن ٿيو پورو، پاڻ ٿي اينڊس موت مان.

•

ايندس، ايندس نيٺ، موٽَ هليو وڃ هاڻ تون،
ڪاٿي ڏيٺ نہ وِيٺ، آيو آن مهمان ٿي!

•

موٽ وري منهنجي ڳِلي اچين تہ پڇجانءُ!
ڪٿي چٿجي تو پانءُ هينئر جٿن ٻي مُهت ٿين.

•

وضو ڪري رَتَّ سان جيڪي چئي منصور
رُشْدِيَّ! توکان دور ڳالهہ اُها آڳجهہ جي.

•

چَنگو جو آئينءَ، پوئيون مُنهن وَرتِئه ڏِسي!
ڪِٿَن موٽائيندينءَ؟ هو جي گذريون سانوڻيون!

●

مان جو پنهنجي موت جو آهيان آساؤ،
تو سان ڳالهاءُ، ڇا ڪجهه پوئين پل تيان!

●

تنهنجيَ لاءِ مَرڻ ايڏي ئي معنيٰ رکي،
تنهنجي لاءِ جِيئَڻ جيڏي منهنجي جيءَ ۾.

●

تو سان جو گذري ويو سو جيوَن ڇا هي؟
پاڇايون آهي جڻ پاڻيءَ تي چنڊ جو!

●

جئن سنڌوءَ جي لهر گِهري نيري سمنڊ ۾،
تيئن مون پل پهر ڪيڏِيءَ ويسر واريا!

●

چَپَ تہ اُتيئي، چُميون سپ ڪاڏي ويون؟
سارون سيئي اوندھہ ۾ اڙجي ويونِ!

●

جا ڪنڌيءَ ۽ وير جي وِچَ ۾ ڳالھہ هُئي
جي تو ڪانہ سُئِي تہ ڪي آنءَ ٻڌائيان!

●

مان ڇولي، تون ڇوھہ، جڻ تہ تڪي طوفان جو،
ٽڪرائين تو ڪوھُ، ايئن پهاڙن سان پرين!

●

ٻَو ساگر مان ڪوتہ تو، تاري تارُٿهارُ،
جنهن تي تُنهنجو يارُ، تَرهي سوڏو سير ۾.

●

مون ڪئن مارِيندو، مون جئن ٻيو شاعر ڪتي؟
ماري سارِيندو مون کي ڪيئي صَديُون.

●

آنءَ اُنهيءَ جي آنءَ تي جُڳ جُڳ ڪان هان جِيَتَ،
منهنجو موت بہ ميتنَ، منهنجي مرضيءَ تو اچي.

•

مون جِئن ساتِي چَندَ کي بيو کهڙو ملندو؟
آڪيلو تلندو، اڻ جاتي آڪاس ۾!

•

سپني توڙي ساپيا، ٻَهڪِي تنهنجي ٻُوجَهہ،
جنم جنم جي سوجَهہ، تون جا منهنجي جيءَ ۾.

•

ڪيئن چوان مان ڪير؟ مان جو پاڇو نهر ۾،
جتهن ڪان چندَ متيرُ، ڏورانهين ڏيئي جِيان!.

•

ڪَتَ نہ مون ڪاڇو، تارن تائين آهيان،
ها، پر مان پاڇو، ڪُهہ جاڻان ڪنهنجو ميان!

•

وَجِ تون موت پَلي هيئل ارادو نانهن موتن!
پاڻ ٿِي آنءَ هَلي، تو وٽ ايندس واندي مَ.

●

آنءُ اهو انسان هان، پنهنجي مرضيءَ جو،
موتَ اڳي به تہ تو، آهي در کڙڪايو.

●

پنهنجو ڪُنڊو پاڻَ، جڏهن چاهيان ڪوليان،
تو کي موت نہ ڄاڻَ، آجايو تو تون اَچين!

●

ڇا آهي سنسار ۾ ڪنهن جو بہ ڪاٿو،
ڇا هِي بہ واٿو؟ يا، بَس، واٽَ ڪُٺي وٺي!

●

مون لئہ تنهنجو پَرتوو، ڪنهن جي ڪنهنجي تَنَ،
تو کي منهنجي مَنَّ ڪيڏو گهَرِ گهرِ ڳوليو.

●

چــرَيءَ رَاتِ چَــڳــون، وَڪــري وِيــونَ واءَ ۾،
ڪَــيــسيــن ڪنهن جو تون اجا اوسيئڙو ڪندين؟

●

مان جوَ پوئينءَ رات جو پانديئــڙو آهــيــان،
ڪيڏو تو ڪاهيان تڪڙو تنــهــنجي پارَ ڏي!.

●

اي دل! پوري وقت تي ڇا ڪان ٻُڌين تــي!
ڇــوَ اڄ لــڏيــن تــي آزاديءَ جــيَ راهــ تـــي؟

●

ٻاقي تــورو پـــنــڌ هــوَ ڪــارونــجــهــر آهـــي،
دل! توکي ڇاهي؟ اڳتي هــلــيــن ڇــو نــ تــي؟

●

* راهول ۽ پريانڪا، تُنهنجي مــتـي هَــتَ،
منهنجي ساري سَتَ تولــئــ ڳــوڙهــا ڳــاڙيــا.

●

---

* راهول پريانڪا= ٻہ سان آڏايل راجيو گانڌيءَ جا ٻار.

آيو ڪي آيو، سپنو اڄ تنهنجي گهري،
لايو سچايو، اڄهو تيو لوء جو.

●

هونءَ تہ جبل چوٽَ تي آهي منهنجي جاتَ،
پر هي ميتان ماتَ ۽ تارا ننڍاڪڙا.

●

پُنتي نہ تي وِک اڳي ڪان اگرا تيو،
ماڻهو جي مورِڪَ، ويهي رهن واٽ تي.

●

توڙي تنهنجي پارَ جو سونهون بہ ناهيان،
پيو، تو ڪاهيان پيرا ڏِسبي پَنڌَ ۾!

●

احيا مَرندءُ ماگ ۾، متان موتو ڙي!
باقي چوتو ڙي، آزاديءَ جو پيچرو.

●

مان جو ٿنهنجي پنڌ ۾ آهيان آسَاهو،
پليان چا آهو اَڄُ تو، تائين پهچ تان؟

●

ڪيڏو مونکان دور، آهين منهنجي سنڌڙي!
مُلٽي ناهين مُور چا تون مونکي جيئري!

●

مونکي مورَ سڏين پيو ڪارونجهر پرتان،
پر توکان پَرَ تان پي وستي مونکي وٺي.

●

ڪينجهرَ او ڪينجهَر، تَڙَ تماچيءَ واريا،
هاٺي ڪِن جا گهَر، هاٺي کهڙيون گندريون!

●

چا تون آڏورو، رهندين سُپنا ساهه جا؟
يا مون لئه پُورو سايِيا تيندين سامهون!

●

چا مان هي سوچيان پيو، ڏينهن ٿيو پورو،
سپنو آڌورو آهي آجا پتڌ ۾؟

•

اي چانڊوڪي رات، ماڳ نه آهي ويجهڙو،
متان ڪانوان مات، موتُ مِلي مون پنڌ ۾!

•

ڏيئي وانگر جندڙي وِسامي ويندي،
ان ڪان پوءِ ايندي پِرهه ٿُنهنجي پار ڪانَ!

•

اُتي سِڙَهه سانباهِه ڪَنڌِي ڪارُون تي ڪَري!
اُن جي پويان ڪاهِه هو جو آهي سِير ۾!

•

اُيري ايندا آدمي، نيت تہ بدبختو!
ڦاهيءَ جو تختو، آ توڙي، سارِي ٿهيءَ!

•

چا ڪان اجا چُوسَ، تـو ۾ ماٺـهوءَ رَتُ جي،
* ڪيئيَ ڪئڪائوسَ تـو جِئَن وقـتَ لـتاڙيا.

●

تيـسيـنِ رتّ تِمي، آزاديءَ جي راهہ ۾،
ڏسجي ڪيرُ جِهمي، اج جـهـتـڪـو ڪـائـي ورَي!

●

آمر پنهنجي آنڌِ ۾ ڪنهن کي ڪونہ ڇڏينِ،
ڪِن کي ڦاها ڏين، ڪِن کي چاڙهنّ تـڪـتـڪـيءَ.

●

چا لِئہ صوفي جيئمل سـنـڌ ڪَئي بربـاد،
مـونَ کـي اِچـي يادِ اجُ بہ سـاڳـي بُمبـئـي.

●

جيڪا لکيـن آدمـي، پَنهـنـجـا ڪَـڏِي ڏي!
آهـڙِي قـومہ چَـڏي آءُ لَـڏي ڀِـي لـتوءِ ۾!

●

* ڪئڪائوسَ= ايران جو بادشاهہ.

ڪهڙو منهنجو ديس آ ؟ شايد ناهي ڪوءِ،
آڌيءَ رات، آبوءِ مُنهنجو پنڌ نہ تو پُڇي!

•

آزادي ڪنهن ڪان ڪپي، آزادي ڇاهي؟
توکي ڪل آهي، ڇا تو ڪَل ڪاري وِجهي!

•

توکي پنهنجيءَ قوم ڪان مذهب پيارو آهہ!
پنهنجي سِسي لاهہ، قرباني ڏي عيد تي!

•

پينگهي لوڏي سان ملي، جنهن ۾ مون لولي،
امڙ جي ٻولِي، وسرِي وسري ڪينڪِي.

•

رومي يا رازي ڳالهہ مڙيوئي هڪڙي،
تو سان مون آزي، آجو ڪر آزار ڪان!

•

هيَ جي آيا اوڦتو چاهي ڪنهنجا مٽ،
پاڻيءَ مٿان ڇٽ، تن جون ڳهليون ڳالهڙيون.

●

ڏس، هي اُبَّ اُڻت، هي پاڻيءَ تي ترورا،
پو چئُ تنهنجيءَ مَتِ ڪيڏو وِرش وڃائبو؟*

●

چا لئُه تو ڌرتي وَندي اڻ ويساها آءُ!
ڏس هي چندبِ چٽاءُ، ماٽي ڏس هي ماندِوي!

●

ڪنهن جي لاءِ صَليب تي هاٿي چڙهندس ڪين،
مريم ماجِدلِين، اچ مان ساڳو ناهيان.**

●

ساري رڙو رڙ، جڏهن ملندي ماٺ ۾،
ڪيڏي نه ڪاوڙ، ايندي پنهنجي دؤر تي!

●

* وِرش = ڌرتيءَ جو ٽڪرو.

** مريم ماجدلِين= اها عورت، جيڪا جڏهن عيسيٰ کي صليب
۾ ڪوڪا ڪُتل هيا، تڏهن صليب جي پيرن وٽ ويٺي هئي.

اِئن مون کي ياسي جِئين سَجي مٽان سِيخ،
ندوري تاريخ منهنجي نندڙي ڪنڌ جي.

●

تو مَيءِ تي بندش وڌي مُلا رت پياڪ،
ٿوڙيون وڏي واڪ، تو ميِنا جهڙيون منڊيون.

●

جڏهن موڪل- ڏيندهُن ڪيو، پُٺي جمعي ڪي،
تڏهن ڦاهيءَ تي لُڏندي ڏِٺم لاش ڪي.

●

ياد ڏيارِيءَ سنڌڙي، مون کي منهنجو فرضُ!
مونَ تانَ تنهنجو قرض! لهي لهي ڪينڪي.

●

تون جو اوندهه ۾ هُئين قاتِل جا قاتل!
چو مان تُنهنجي دِلَ، سمجهي سگهيس ڪينڪي؟

●

مون وَتِ پتائي، تُنهنجي بُلي وانگيان،
جنهن ۾ سمائي ساري سُرت سٿاوَ جي.

●

مان تنهنجي تاريخ جي آهيان آتِ سُگندَ،
پائيندا تو پندَ مون کي سارِيءَ راهه ۾.

●

* بيهي شهر لَهور ۾، ماڻ ٻولِي ڳاتي،
** ڪنهن هِي مذماتي ماڌو لال حسين جِي؟

●

*** ماڌو لال حسين جو ميلا چراغان،
مان آهيان تو سان، توڙي تون پنجاب جو.

●

پنجابيءَ ۾ تو جڏهن ڳالهائين پيئي،
پنجاٻِڻ سيئِي، مون مَن مُوهِن ڳالهڙيون.

●

* مان ٻولِي= ماءُ جي ٻولي.
** ماڌو لال حسين= لاهور جو مشهور صوفي شاعر.
*** ميلا چراغان= ساليانو ميلو، جيڪو ماڌو لال حسين جي
درگاهه تي لاهور ۾ ٿيندو آهي.

تون جو مالَ مَنالَ سان رانديون ڪرين ٿو؟
ڇا تون ڏرين ٿو، پنهنجيءَ پوئين ڏينهن کان؟

●

تون جو پرجي ڦونڊ ۾ ڪُرسيءَ تي ويهي،
ڏيهي پرڏيهي سڀ ڪي روز ٺڳين پيو!

●

نيٺ ته مرڻو آنهه تون، تون جو ڇڻ ته آمَرُ،
تُنهنجو اوچو گهر، آهي وانڍين ويجهڙو!

●

آهي ڪوبه اُپاءُ ڏيهي پنهنجي ڏيهه جو؟
مون کي ڄڻي ماءُ، ڪيڏا ڏُکَ ڏِئي وَئي!

●

ماڻهو- ماڪوڙو، بيٺي ساڳيا موت ۾،
ڇو تو تاڪوڙو، ايڏو وڏو لوڪ ۾.

●

جيسين تُنهنجو تون، پَڇي پورا ٿي پوي،
تيُسين مون ڪيِ مون، جيڪر اموتائي ڏئين!

●

تُنهنجو پاڇو ڪون آ، الله آچ انسان،
هي سارو شيطان، جَامو تُنهنجو جُوءِ ۾.

●

جو تو ڪالهه ڪڍيو هيو؟ آدم جنت مان،
وينو آن ٿو ڏسان، تنهن لئه ڪارڻ ڪيترا.

●

لَتاڙين تو لوءِ تي، جيڏا! سپ جِنسارُ،
ڇا تون پالڻهارُ، آهين هن سنسار جو؟

●

مُنڪر ماڻهوءَ کي ڇَپيِ، ماڻهو منگرڙا،
ماڻهوءَ جا ذَرڙا، آهن ماڻهوءَ وات ۾!

●

هڙئي ڪارِي ڪا صدي هن ڪو مانگر وات،
ڏهڪي ايئن نہ ڏات جيئن اچوڪي ڏيهہ ۾!

•

جڳ تي چَندَ گرهڻ، مَس جي ڪپڙيءَ وانگيان،
ساري رات لِڪڻ، ان لئہ آءُ نہ چڏيو.

•

ماٺوءَ منجهہ مرُون، وَجَ هٽي تو، وِڃُ جان،
متان پائئين تون، نَهہ پَهہ ناپر تي وَئي!

•

تونَ جو اُنَ مَتان، پَنڌُ ڪَرِين تو ننڊَ ۾،
تاٽيلَ رَسيءَ تان، مَتان تون تِرڪِيُ وڃين!

•

ميان، تون تيمُورُ آن، ميان تون چنگيزُ،
جَنهنجو گهوڙو تيزُ، جنهنجي منزل موت تي!

•

وارِيءَ تي وينو، آهيان ڪنهنجي آسري؟
ڇا ڪو اچي تو، واڳون تاڻي وات تي؟

●

ڪُجهه ته اُيري تو! پيو اُن تي سِجَ سمانءُ!
هو جو راجستان، تَر جٺن آهي تانهريو!

●

ڇا جيڪو قاهي چڙهي، سو تو لئہ منصور؟
آءٌ نہ مڃان موُر، تُنهنجي ڳهلي ڳالهڙي!

●

ڪٿُن تو اُيري چَنڊُ ۽ ڪيٿَن لهي تو سِجُ!
مون جو پوڪيو ٻِجُ، وَڻ تي وڌندو تو رهي.

●

مون لئہ مُنهنجيءَ ذاتِ، ڪئي دوست دشمن ڪيا،
نڪتي منهنجي باتِ، مُنهن ڪاراٽيا ڪيترا.

●

مون مَن آئيني جيان منڊي نه ميري،
پوءِ به تون ويري، تون جيڪو پاڙيسري!

●

پيهر هن تاريخ ۾ اچڻو آ ڀونچال،
هيل ته تنهنجو جال، ماضيءَ موکيو ڪينڪي!

●

تون ئي منهنجي آس آن، تون ئي مون آتت،
تون جو آهين سَت، هن ساريءَ تاريخ جو.

●

آنت – نقارو موت جو ٻڌن نه ٻوڙا،
ڪيڙا ماڪوڙا، ڪيڏا ماڻهوءَ روپ ۾!

●

ڪيڏيون ديس وديش جون هو ڳالهيون ڪن ٿا،
پر پنهنجي مَن تا، سانين ڪيڏا جيوڙا!

●

هي ماڻهو جي موت جا پاڇاوان آهن،
جا جاڳن چاهن، جا تا پنهنجي پاڻ کان؟

●

جي تون ساڃاهي ڏسين، منهنجا گيتَ گرنتَ،
چاهين مورُ نہ پَنتَ، ٻيا ڪي پنهنجي ديس ۾.

●

ڪيڏو چَندَ چِٽاءُ، آهي منهنجي اوتَ ۾،
مان جيڪو ڦهلاءُ آهيان تو وٽ جوت جو!

●

سارو آنءُ وديش، ڳول نہ مون ۾ ديش ڪي،
تو لئہ مان سنديش، آهيان ڪو آڪاش مان!

●

مُونکان منهنجي جِندڙي ڇاتي ڳُهرين ٿُون،
چو ٿي ڪُرين تون، ڏرتي رَتو رَتُ ڏِسي!

●

کهڙا پَل پَلڪان، آنءُ صديون ساچاهَه جون!
تو ۾ تو جهلڪان، تون جو سنڌوءَ وهڪرو.

●

مُنهنجي تَڏي تون، نيٺ تہ ايندينءَ جيئَري!
هي جو منهنجوُ مونُ، تو لئہ تَڪي ڪيترو؟

●

نيتارو، تيندو سَندس نيٺ تہ ڪو انسانُ،
هَر هارِي حيرانُ، چاچا مان پوکيان پيو!

●

او شل واريءَ تان وَري چَوُنري ۾ چانئين!
پٺ تي پُڄائينَ اڳ ڪان وَڏِ ڏاهپ ڏئي!

●

جو ڪجهہ ناهيو آ خدا، تنهن کي ڍاهيو تا،
ماٺهو چاهيو تا، ٻي ڪي مارينديِ مَرون!

●

منهنجي مون ۾ تو ڏسين، چو تون پاڳل پَڻُ!
ڪڻ ڪڻ تون ئي ڪَڻُ، ڏَرتِي ڏُيڻ وانگيان.

●

هي سارا پاڳل، جِن جونِ مون ڏي آگريون،
تون ئي تن ڪي جَهل، چَنڊُ تہ ناهيان عيد جو!

●

سردُ سياري راتِ، اندرِ ڊانڊَ ٻَرن پيا،
متانِ ڪائين ماتَ، پاري پوپيانِ ڏينهَڙا!

●

هِي جي هِت سيڪِين سي ٻہ تنهنجي سات سان،
اوشل سپ ماٺِينِ، تو سان باک بسنت جي!

●

اي منهنجِي آڏ راتِ، مون لئہ ڪوئي ڏِيئَڙو!
ڇا مَان ڪائي ماتِ، اوندهہ ۾ آڙجي ويس!

●

جڻ ڪوئي لنبڻو ٻڇو آ منهنجو اتهاس،
مان جنهن پنهنجو ماس، ڪوري ڪانوَن کي ڏنو!

●

ڪير مُئا، ڪهڙا ٻچيا، هاٿي ڇا ڇڏجي!
ٻڪ وَڃي پئجي تن جي موٽي آئيا!

●

ڪلهه کي ڳولين ٿو اڄا وڙهيه گذاري تون،
جنهن ۾ تنهنجو مون، آئيني وانگر هيو!

●

منهنجون اکيون تو، اڄا آهن ڪٽ ڏنيون،
جيئڻ کو چيتو، هجي چيڪ ڇلانگ ۾.

●

نيت تہ ٿاندا مچ ۾، ڇرڪي رکڪ تين!
ڏوران ڏِکَّ ڏين ڪالهوڪيءَ تاريخ جئن.

●

تُوکي ڪوبہ دليلُ ڇا آهي اِنَ ڪان پوءِ،
جَي مائوءَ جَي جوءِ، ماري پنهنجو پاڻ کي!

•

هُوَ جو تي ايتوپيا، لينن بُت لاهي،
ڇا پيئي چاهي تين دنيا تاريخ ۾؟

•

ڄاڻين تو تاريخ کي، ڪاڏي وڃي تي؟
مور نہ مڃي تي، تنهنجي ڳهلي ڳالهڙي.

•

ڪوسَ گهرو! وسري، ويندو پاڪاروَنَ ڪڏهن!
هي ساري ڌرتي، ڏسي ڪاليءَ روپ سان.

•

جتي ڪُتي جيئَن، آهي اڄ ڪُلهہ آدمي،
سوچ انهيءَ کان ڪيئَن پنهنجو پاڻ بچائيئن!

•

سنڌي، گجراتي ڪَڇي، ڏاتي ٻيو ڇا ڇا؟
آهن جنهن پاڇا، جن تي پوري ڪندءُ جا.

●

وِري هيءَ ورود جي، مور نه تا ڇاهن،
مُنهنجا ته آهن، هي جي مون سان ڏنگئي.

●

اڇا مون نه آئيا اڪين ۾ گهوڙها،
ماٺهو مت موڙها، توڙي جهوريئه جيئڙو.

●

ڇا لَئه ٻاڙا ٻولَ، تون جو ماڪيءَ ڪان متو؟
او شل پاڙين قول، پنهنجا قول قلار سان.

●

ڳَڙن مينهن وَسائين پڇن جي، پوڪان!
مِيان! مان تو ڪان ڏري ڏَران ڪيترو؟

●

اهڙي لوءِ نہ ڪا هُئي جھڙي پنھنجي لوءِ،
اوءِ پنائي اوءِ، مون ساري دنيا گھمي!

•

پيرونءَ پُسيءَ ڏيس، سڀ ڪان چڱو پائرو!
پائي پنھنجو ويس، موتي اچو ماڳ تي!

•

مون ڪان سواءِ سنڌ جو نانءُ تہ هيو آڳ،
نئين پيڙهيءَ ڏگ ڪنھن ڏيکاريو ڏيھہ جو؟

•

سنڌي ڪنھنکي تا چئون، پھرين هي سمجھون،
هونءَ تہ ڪيون سون، ڪيئي ڳالھيون سنڌ جون.

•

هُن جو ڪوئي سوال آ تہروءَ ڪان بہ وڏو،
چُپ ڪيائين چو؟ رُني چو نہ پرياٹڪا! *

•

* پرياٹڪا= راجيو گانڌيءَ جي ڌيءَ.

تو ڪان آهي پري، هاڻي منهنجي پولڙي،
پَريون روز پري، ورتئه نعرا وائڙا!

•

* ڪلهه جي گلوتين، ڪيئي ڪنڌ اُڇاليا،
متان ڀوري ڏين، تيا نندي ڪنڌ ۾!

•

هي جو تيو روس ۾، اُنهيءَ جو افسوس،
جنهن مون سارو سوس پليو هر آدرش ڪان!

•

جنهن ڦلواڙيءَ ۾، آهي سرءُ واڪرو،
وِرلي واڙيءَ ۾، آ ڪو ڦول ڦلار ۾!

•

دنيا جُون ڳالهيون، پوئين ويرِ به آئڙيون،
پَر ساريون پالهيون، جهيڙا سارا جوت جا!

•

* گلوتين= ڪنڌ-ڪپڻي.

هِڪڙي وِڪَ ۾ ڪانءُ، مون سان تو اڳتي ڪئي،
آهين تون انسانَ، اجا ساڳِي جاءِ تي!

●

متان پائين اڳتي، ماٺھو اُتي پئي،
ويندا سيئي، هتان ٽَڏي ساهُ سانُ.

●

ماڻھوءَ منجھ مِرون صدين کان ساڳو ڏسي؛
اِيئين پانئج تون، ڦِري ڦرندو ڪينڪي.

●

سَپنا سايِيا ڪان چِگّا اوري جَن آڪاسُ،
سايِيا ماڻھوءَ ماسُ، صدين کان ڪائي پَئي.

●

جڏهن تون مارين، سَپَ جيان هِي سايِيا!
سَپنا اُپارين، تڏهن مان تو ڪي مڃيان!

●

سَپِنا جُهڙَ لائي آچن، او شل تنهنجي ڪيتِ!
هونءَ تہ ساپيا ريتِ، روليو تو ڪي رڃ ۾.

●

ساڳا ئي چَنگيز ۽ ساڳا هلاڪو،
آهن سڀ باڪو، اَڄُ تنهنجي اتهاس تي.

●

متانِ تون پائين، ماٺهو اڳتي تو وڌي!
بگهڙَ بَڇائين، ڇو تو پنهنجي پاڻ ڪي!

●

واٺهڙين وينو، پکي جو پياٽي پيئي،
کهڙو اَنَ ڇينو، پارهيڙيءَ جي ڇِتَ ۾!

●

تَرائيءَ تي روجهڙا، مَتان سانوڻ ڇَنڊُ،
او شل اهڙو مَنڊُ، اوڙي پاڙي آٺئين.

●

ڏَرتيءَ ڳولا ايترو آهين ڇا ڳورو!
مان پاڻيان تورو، تيندين مَنهنجيءَ مُٺ ۾.

●

نَنهن نَنهن ۾ ناهَرُ، ماٺوءَ جي آهي لڪو،
متان تون پاهَرُ، هُن جو ڏسين نڳجين!

●

آهي تنهنجي ڪُڪَ ۾ بَگهَڙ جو ٻچو،
امڙ تو سچو، ناهي ڏٺو سپنو!

●

سنڌي! ناهين تو اچا اڳ جئن ڪُنيءَ بيهَ!
پوني* ڪيڏي پيهَ آهي تُنهنجي مَٽ تي.

●

خالي آڪيرا لُڏن ڪنڌيءَ ۾ ڪيڏا،
دانديئڙا اَيڏا، اُڏري ويا ٻي پار ڏي!

●

* مهاراشٽر جو هڪ شهر.

جاڏي وڃان پيٽ، ناهي ڪوئي ڳلڪڙو،
رڳو منهنجي چيٽ، ڪو چمڪي سورج پيو!

●

هي کهڙي ديوار آ، اُن مان پار وَڃان!
ٻاهر سج ڏسان جيڪو اُن روڪي ڇڏيو!

●

دل تہ چوي تي ايئَن، موتي وَڃان ننڊ ۾،
وَري جاڳان جيئَن، ڪنهن دل واري ديس ۾!

●

ڪُتا نُوسن تا پيا، ناسُون تيون ڦڙڪن،
ڏِليون تيون ڌڙڪن، ڪيڏيون ڏسي ڏُونڊ ڪي!

●

ڇا بہ چوين تون سنڌ کان، سَوا جِي سگهندين؟
ماٺهو تِيَ سگهندين، پنهنجون تجوڙيون ڀري!

●

* هبي جا پيترُن ڪُپڙي ڏنوَ آڏوري،
ڪڏهن سا پوري، مون لئہ ڪَندَءِ ماريو؟

•

بڪنگهم پئليس تي پهرين هنيم ٺڪ،
پو مون پنهنجي چُڪ، لنڊن ۾ لوچي ڏٺي.

•

آلا هي طوفانَ هي بُکيا بنگالي!
فطرت ماٺهوءَ جي، مور نہ تيندي گهٽگهري.

•

جي تون پنهنجي پاڻ ۾ ڪڏهن وِجهين مُنهن،
جيڪو ڪٿين سُنهن، تو جٺن ڪو ناهي ڪُٺو!

•

ماٺهوءَ جو مُنهن چو ڏٺي ڪَسيءَ ڪيڙي ڪي؟
هي تُنهنجي ليکي چا ماٺهو تي جيئندو؟

•

* اتر سنڌ ۾ پيروَن ڪپڙين ۾ پيري-ڏيندا آهن.

اوهان آتيا چارَ، ڪَيا جنيڪي ماٺ هئو،
هُرن لجي هاتارَ، چَربو تِي، تَرُ پيلئي.

●

وَچُوَ وَجو ڏُوندَ تني ڳِجُهون واجهائُئو!
آهيو ڳولائو، سيئَي ساڳي ڏَپَ جون.

●

ڪانوَن جي ڪان ڪان، مَڙيا آهن ماس تي،
اڄ هاتارن سان، ڳِجَهن گڏ رِهَ رانِئيُو.

●

* جنهن ڪانَ گِلوٽين آ تورو ڪَجهه اڳتي،
ماٿو ڪرسي ڏَي، ڪيڏو ڏوڪن تا پيا!

●

هَي ڪهڙا انسان جَن، تڪا آهن وَڄَ،
تِن ڪي ڪهڙي لڄَ، جن ڪي ڪِلي ڪند ۾.

●

---

* گلوٽين (انگريزي)= سِري لاهڻي، ڪاڪڙي وڏٽي ڇا فِرينچ انقلاب ۾ ڪم آندي وئي هئي.

ماڻهو وِيچارا پيهر اينـدا ڪيـنـڪـي،
سِرڻيون لاماراڊينديون رهـنـديون سِـنـڌ ۾ تـي،

●

* مُنهنجِي ذاتِ ڦُٽي جِئين سِرنگهوءَ تارِي،
جنهنجو چَـوڌاري، لـوڙهـو تـوڪـي سـنـڌڙي،

●

ڇا ڏسندي آڪاش ڪوٽ، مُنجهان ٿي مارئي،
ڪنديئن بند خلاص، ڪڏهن هن ڄا قيد مان؟

●

ڪالهه ڪيڻ جا ڪُريت، اڄ پيئي آڏو آچي،
سچ آ، جڳ کي جيت، پنهنجو من جيئي ڪري،

●

جئن ڪو تيرُ ڪمان مان تِکو وِجي تو،
تيئين ڪو رستو، آزاديءَ ڏي تو وجي؟

●

* سرنگهوءَ جي تاري جتي هَٽبي آهي تہ اَيري وڻ ٿي پوندي آهي.

ڦُڙي وسندي ڪانڪا، اُتي هتان لَڏ،
اُتي، آرس ڇڏِ، پند پري آ پانديا!

•

* جي ناهي ايران پو، تو مان ڇا آهيون؟
آهيون، يا ناهيون ڪهڙي معنيٰ تو رکي؟

•

اڇا هي اوسار، آچي، تي اڌ رات جو
چو هِتَن منهنجا يار، تالاءَ والان تي ويا!

•

تون تہ هتين آن هوند، هون ءَ تہ سارو ديسڙا،
پهرين بادل بوند، جيان، ٿئي تنهنجي وستيئين!

•

نَنهن چوتيءَ ڪوڙو، ماٿهو پنهنجي پان ۾،
واري وِسڙو ڪيڏي ساري سَچ ڪي!

•

* چون ايران نباشد تن ما مباد
بدين بوم وبر، زنده يکتا مباد
(فردوسي طوسي)

جي ايران نہ رهندو تہ اسان جو تن بدن بہ نہ رهندو،
هن ڌرتيءَ تي ڪوئي زنده نہ رهندو.
(آزادترجمو)

نيٺ تہ هيءَ سراءِ آ، هاڻ روانو ٿيءُ!
جڳ ۾ اِيئَن نہ جيءُ، جو تون نڪرين لوڏجِي.

●

هو جي راهِي رڃَ جا، هوجي وَيا واٽَ
ڳهَلا ڪٿي ڳاٺَ، ترائيءَ جي تارَ ۾!

●

جڏهن ايندينءَ تون، جھڙ هَٿيَ ويندو هٽان،
ڪڏهن ايندينءَ تون، چانڊوڪي ٿِي چيٽ جِي؟

●

تنهنجا پيچنائڻَ، ماڻهوءَ ماسُ پٽي ڪري
پيهر جڻ ڪاٽڻَ، جا سانباها تا لڳن!

●

پُڇ انهيءَ ڪان ڪيرُ آ ڏيهي اج تُنهنجو؟
جي ڪوئي مُنهنجو، ڏيهہ چوي ٿو سنڌ کي.

●

* چا سوچي 'هٽلر'، بِريچيونِ پاتيون پاڻ کي؟
** 'ڊاليءَ' تِن ۾ پَر، هن جي پُٺِ ڪَڍِي پٽي!

●

شامَ، ڪِلاشنڪوفُ، ماٺهو ڪِريو پونءِ تي،
چوڌارِي ڪو خوفُ، تارن تائين تو وجي!

●

بَمَ سان اُڏامي، ريڙهي وَئي روڊَ تي،
هي ماسِي، مامِي، ڪنهن جي ڦتڪي تي پئي؟

●

چا تو کي ڪا ماءُ آ يا توکي ڪا هُئي؟
هي چا تو کان مُئي اُن وِانگر ڪِئن ڪانه آ؟

●

ڏندَن بدران گوليون آهِن تنهنجي وات،
موتَ ڪيو چِٽ ماتِ، آهي هر ڪِنهن ڳالهه کي!

●

* بِريچيون (انگريزي)= هيٺان جو لباس.
** ڊالِي= سئلويڊارِ ڊالِي هسپانوي مصور جو انت آمريڪا ۾ مري ويو ۽ جنهن هٽلر جي پُٺ جو ڪارٽون ڪڍيو هو. سنڌيءَ ۾ "پنهنجي پٺ نہ ڏسڻ" محاورو آهي.

* تو جهڙو هاتارُ، ڪاٿين ماٺهوءَ ماس ڪي،
مون اهڙو جانارُ، اڳ نہ ڏٺو ڪين ڪي!

●

** ڇا مون ۾ ميسورُ، ٽيپو ساڻُ مَري ويو؟
يا ساڳيو ئي پُورُ پيهر ٽيندو جيئرو؟

●

ڇا تون دريا خان آن، دودو آهين تون؟
راهون لهوءَ جون، جو تو ڇيريندو وڃين!

●

ڳيرو! ڇا ڪي تو ڇوين تون پنهنجي تاريخ؟
تو نہ آڌوري ڇيخ آهي ٻُڌي سنڌُ جي!

●

تون ساڳو ئي پورڙو ڪَڏ لڳين جَنهنجي،
ڪونہ ڏٺئہ ٽُنهنجي ٻُر ٻُر ڪيئان رَتَ ۾!

●

* هاتار= بگهڙ جي قسم جو جانور.
** ٽيپو= ميسور جو سلطان.

ڪنهن کيءُ سِنڌُ بِسَڏين ٻيو، پهرين ڏينم جوابُ!
تُنهنجو عين ثواب آهي غرق گُناهه ۾!

•

کهڙو سِنڌو ديس، ٿيا ديسَ ڪڏهن ائين؟
ٿوٻي پائي ويسُ، تو تہ رڳو بدلائيو!

•

جڏهن ويندو سانءِ تون، تڏهن رُڪَنديِن رَتُ،
مان جو پورو تَتُ، هن تُنهنجي تاريخَ جو.

•

چارَڻ تُنهنجي پَٻُ تان، ٻُڌي روزُ لپاڙَ،
ڪيڏي چوٽيءَ تاڙَ رکي روز پهاڙ تي!

•

ليکو چؤکو، جندڙي سارو ڪر چُڪتو،
ڪنهن وٽ نہ جهُڪ تو، پائي جيئڻَ آسرا!

•

لقُون اکين ۾ پيتَون اُيَ ڏيِ نهارين،
هَرڪَ پيارين، اوشل پريل واتِرِيُون!

●

بَرِيَت، ڏهريون ۽ دڙا، مَڙهيون پِنُون سَپُ،
ڏِسَن پيونِ آيُ، ڪڏهن وسندين مينهڙا؟

●

ڪارا اندر ڪينئرا، ٻاهر آدرشي،
اُڏامون عرشي، ڌرتي هيٺان ليٽِرِيون.

●

* ڪرانتي ڪاري چنِ لڳا، ويسه وسوڙا!
جن جهڙا ڪوڙا شايد ڪي سنسار ۾.

●

آنءُ نه سمجهي عيب آ ڪڏهن غريبيَ،
جو ٻاتي بيبِي، پنديءَ پائي رکُ تون!

●

* ڪرانتي ڪاري= انقلابي.

تو جيئن بَڪوتن، سمجهو هو انسان ڪي،
مارڪس يا لينن، سمجهي سگهيا ڪينڪي.

●

تون چا سمجهين قوم ڪي ملت جا مشتاق!
اچي مون اوطاق، ٻُڌ خسروءَ جون ڳالهيون.

●

تَرايون تويا، ڏِس ڏسُ سِيءَ پرجي ويا،
* مون تہ ڇيو سُويا، بادل وسندا پوءِ تي.

●

مالهي، ڪيرت، تون؟ آنءُ تہ راهہ تَڪي پِڪي!
رات وئي، نشاخون، سورج ڪڏيون اوچتو!

●

هڪ بہ ننگو آهہ جي هڪ بہ آهہ ٻُڪيو،
تيندو ڪيئن سُکيو، منهنجو من سپتسار ۾!

●

* سويا= سويو گيانچندائي.

جتني آهن ڏاڍا، اُت ڪو واڍو اُڻ ڏٺو،
ڇيري پيو آڏ، ڏاڍي جي ڏهڪاءَ جي!

•

اهو ڪيئن لنوائيان جيڪي تون چاهين،
مون لئه تون آهين ڪيئي پنڌ پهاڙ جا؛

•

ڪيڏو ڏور هليو وئين ڏاڪن تي ڏاڪا،
تو تائين واڪا، منهنجا پهتا ڪينڪي.

•

آمريڪي آڙجي مرن يا هو عراقي،
ساڪ نه ڪا باقي، رهي آهي سچ جي؟

•

ڪٿن ڇٽجي بي باڪ، ڪنهن تي ڪنهن تي ڦٽي!
سورج جنهنجي ساک، ڪٽندو هن جهان ۾.

•

جيڪر اِڪين سان ڏسي، نانڪَ، تي افسوسُ،
لُٽيانا ۾ ڪوسُ آزاديءَ جي نانوَ ۾!

●

اَچي پيگت. سنگهه ڪي جيڪر پانوِاتي،
آزاديءَ ماتي پنهنجي ٿي. رَبُ سان پَري!

●

حَلَ تہ پلئون پَل، آهنِ اخبارون پريون،
سچ پچ جيڪو حَل چٽي سگهان ڪينڪي!

●

تو جنهن پاتي ڏوڙ تو لئہ ڪهڙي آرسي؟
تو، جنهنِ ايڏي ڪُوڙِ آهي لِپيو سَچَ جو!

●

جڏهن ڪو راجِيو ڪي سَگهي اُڏائي،
دنيا آلائي، ڪئن چٽجي ڪِٽ پهچندي!

●

هاڻي لينن گراڊ آ سينٽ پيٽرسبرگ
آهه قريب المرگ، لينن ساري ڳالهڙي.

جاڳُ اڃا ڪجهه جاڳُ متان اڳ ۾ اوجهرين!
مون جو ڏسيو ماڳُ، آيو آهي تو اڳيان.

●

رُسِ نه راجستان سان اُن جي پرسان گهر،
هي جو تنهنجو ترُ، تنهنجي نئين سنڌڙي.

●

تُنهنجي جيڪا قوم آ، سا مُنهنجي ناهي،
مون ته لکيو آهي، اُن لئه جا ايندي ڪڏهن!

●

نه ڪي هاءِ نه هوءِ، نه ڪي اوتي آئت تي،
سيَ ڪي اها سُوءِ، مورُ نه ورندي مارئي! *

●

* سُوءِ= ڏک.

آهن ماڻهوءَ مامرا، سارا آپي ڪيل،
ماڻهوءَ ڪيڏا ويل، هڪبئي سان وهائيا.

●

ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي هجي، جيڪر سَرو ڏيا،
پَر تو حيف هَيا! سڀ ڪُجهه سمجهيو پاڻ کي.

●

هي جُو مانيءَ جو ڳيو، ڪائي شيءِ ناهي،
ها، سڀ ڪجهه آهي، تو لئِه اِنَ آواز ۾!

●

آندِر ۾ سنسان سڀ، باهرَ تُوڙي ٻوڪَ،
لَلوُ پَنجُو لوڪَ ڪيسين ڏِسبا ڏيهه ۾.

●

تَنهنجو کهڙو ڪَٿِت جو ماڻهوءَ ۾ سوڱَر،
ڏٿي هوندي ڏَرُ، وَچَ اُنهيءَ جا وِچُ جان!

●

اڳ کان آکيرو سدا اوچو ٿي آڏجو!
سپنا نہ ڇڏجو، جيسين آهيان جيئرو!

●

آهي وحشي آدمي صدين کان ساڳيو،
ڪڏهن نياڳو، گهاريندو سُک جُون گهڙيون؟

●

ڪالهہ ڪلاشن ڪوف سان آيو آويرو،
ڏاهيندو پيرو ڪينٽيءَ تائين پنڌ ۾.

●

جي ماٺوءَ کي واگهہ جا چنبا ڏيندين تُون،
پنهنجون پوءِ اکيون، سانيي سانپيدين گهٽو؟

●

تُنهنجي چاڻت جي ڪَندي ماٺوءَ مان ڇيتو،
ڪَئي جو ڪِيتو نيت تہ ڏيندين بانورا!

●

ماٺهو ماٺهوءَ جا سدا ڳِپلَ تو لاهي،
جيوُ اجا آهي، جڻ تہ اڃي جٺن جهنگ ۾.

•

ماٺهو! تو لئي ماٺهپو آهي وڏو وسُ،
تو کي تڏهن جَسُ، جڏهن سَرنديءَ تان ٽَرين!

•

* ڦاٽَلڙا ڪپڙا ڏسي، هر ڪو لاهي تالهہ،
** ڪوبہ نہ ٻڌي ڳالهہ، تلسي داس غريب جي.

•

نوان ويسَ وڳا ڏسي هر ڪو چوي ”آءُ“،
هونءَ تہ سڳو ياءُ چِٽينِ تي چٽرون ڪري.

•

مون کي ساريءَ ٻُمبئيءَ جڻ پاتا پاڪَر،
*** تو مون سان ٽاڪُرَ ايئن نيائي يائيپي.

•

* تالهہ تان لاهڻ= برادريءَ مان ڪڍي ڇڏڻ.
** تلسي داس= هندي ٻوليءَ جو مهان ڪوي، تلسي ڪرت رامائڻ جو مصنف.
*** ٽاڪر= ٽاڪَر چاولا.

مون کي اُتم سنڌيري، ڏاڍ آيا ياد،
ڪيڏيءَ واڌ وِواد تن تي جُهڙ ڇانئي ڇڏيا.

●

* جئسنگهاڻي شيام يا آهي هينرڪ بولُ،
جن هن جو هر بول، ڪوڪو آهه ضليب ۾.

●

ڪڏهن ايندين اوچتو گهر جي گهٽيءَ ۾،
مُنهنجي مِٽيءَ ۾ آهي سَدَ سُگند جي.

●

شال اچي هر حال ۾ سچ سهارا تي،
وارا ڏارا تي، هونءَ ته ساري جندڙي!

●

جنئن پاڻيءَ ۾ چَنڊ، لُڙهندو وَڃي سير ۾،
تئن هي سارو ڪنڊ مون ۾ آهه اُتاولو.

●

---

* هينرڪ بول= جرمن ڪهاڻي نويس، نوبل انعام کٽيندڙ.
شيام جئسنگهاڻي= سنڌي ڪهاڻي نويس ۽ نثري نظم جو شاعر.

ماڻ ٿي ٿنهنجي آرسيءِ جهانسيءَ جي راڻي،
ساٿ ڀائين ساٿي جيئيئن سنگ ڪتار جو.

•

* تانتيا ٽوپي تو لُڌان، تو سان قاهي آنءُ،
** تو جئن منهنجو ناڻءُ، آهي ساڳي ڪُوپ ۾.

•

ٽيپو آنءُ شهيد، تو جئن وڙهندي تو ڇيان،
ڪيڏو نانهه شديد، وارُ ڪيو مون وقت تي!

•

هي سڀ ڪُوڙا چاڙتا، ڪُوڙي تن سرڪار
جيڪا پالڻهار، آهي تن جي پيٽ جي.

•

ڇا تون سمجهين تو سگهين مون کي او مارون!
تانگهي جا تارُون، اونهي اوڏا ڪينڪي!

•

* تانتيا ٽوپي= ١٨٥٧ع واري بلوي جو امر شهيد.
** ڪوپ= قهر.

پنڌُ ڪَري بَس ايترو، تڪجي پيَءِ پيرَ؟
اڃا سانجهيءَ ويرَ، ناهي لَتي لَڪَ تي!

•

هڪڙيءَ سِتَ ريتي چڙِي صديءَ سياسِتَ،
ڪائي رياسَت، پڏبي ناهي ڪُوڙَ تي.

•

هي جي نوريءَ نينگريون آيون ڪينجهرَ تي،
اوري يا پَرتي، ڪوبہ نہ تِن جو تَڙ ڏٺي.

•

ويري وڏي ۾ وَڏو، تنهنجو آهہ ڪتابُ،
جيڪو تنهنجو خوابُ ڊاهي ڊيرِي تو ڪري!

•

* ڇا لئہ لرزين ٿو، گيت ڪَنورَ جا تونِ ٻڌي؟
ڇا اِئن ياٿِين ٿو، تو ٿِي هُن ڪِي ماريو!

•

---

* ڪَنور= پڳت ڪنورام.

اُنهيءَ جيءَ خاميءَ، تون ڇا لئه تو ڪولِئين!
ماڻهو حرامي، پڌرو تنئي پاڻ ٿِئي!

•

مان ڏاهر جي فوج ۾ اڳ ٿي وڙهيو هان!
ها، پر تون مونسان، پوندين واڍِ وِواڍ ۾!

•

مونکي ماريو ويو هُيو لاهي جهوڪ سِسي،
ها، پر اَجُ ڏِسِي شايد تون نه سڃاڻئين!

•

مان ٿي بلاولُ، گهاٽي منهنجا آنگڙا،
مُڙس نه پلئون پلِ، هُن وانگر ڪوئي ڪتي؟

•

جڏهن ساري سنسار ڪي ڪائي تي آئي،
* دوتر ڪي ڪائي، منهوڙي تي سمگٽي.

•

* دوتر= مڇيءَ جو قسم.
سمگٽي= مير بحرن جي هڪ ذات.
(لغوي معنيٰ ٿيندي "سڀ ڪٽن" واري)

*ڪالهه جڏهن جَسونت کي پٽي مارايئه،
مونکي هَبڪايئه ڪيڏو پنهنجي ڪوتَ تي!

●

هه تي ماٺ [illegible] جي، ڪَيو هن تاريخ مان،
ڪيڏي [illegible] تي، سارو جَڳُ نَري پوي!

●

**مَحيون قاسائي، گَجو جيئين لانچَ سان،
لالـچ للچائي توکي موڙي موت ڏي.

●

جيسين منهنجي جيئَري سنڌ نه تيندي سنڌُ
تيسين منهنجي جِندُ ڏرتيءَ کان ڪٽئن ڌار ٿئي!

●

تو ياٿين ميسور ۾ ٽيپوءَ کي گولي!
رتَ سان ڪنهن هولي کيڏي تي سنسار ۾!

●

---

*. جسونت= سنڌ جو راجا. مهاڀارت جو هڪ ڪردار.
** گَجو= Trailor، ٽريلر.

آڳُ ڪان تِڪا تي ويا، شيوا جيءَ جا ٽُڪَ!
توئي لِهوءَ بُڪَ، هُن جي ڍهوٽي ڪئي!

●

اشتراڪيت اِيئَن، آهي گورباچوف ڪي،
ڪُوڙَ اسان تي جيئَن طوقُ ڪَيو اسلام ڪي.

●

ڇا ماٺهوءَ ۾ ماٺهپو تڪجي پوي ٿو؟
۽ پو چوي ٿو، آنءُ مران هان جي، چَڱو!

●

هَڏي مَتان هوڏ ۾، ڪُتَنِ چَڪين مٰاس!
* آچنبي آڪاسُ، ناهي هِن ويڙهاند تي!

●

ٿيندو منهنجي موت ڪان، سپنو پوءِ سَچو،
ناهي ڪاڄ ڪَچو، ها، پر سوبيَ نہ سٽري.

●

* آچنبي: حيرت.

مالهڻيون پويو پَلي، گَـجرا گهـٽيئي،
ايندڙيون سَيئِي منهنجي گهـر ۾ ماروِيون.

●

ڳاڙهو رنگ ڪَچو هُـيو، ڦِـٽي ويـو جـو،
هاڻـي تـو ڪـهـڙو، هـتِ آيـو هـالارَ مان؟

●

* دَلـتِ اِئن انـمـبـيدڪَـرُ اڄ تائين پوڇِـين،
ڏِيا، جيئَن ڏسِين، هُئِي ڪالهه ڪِرسـت ڪـي.

●

ڪُهاڙي ڪي ڳَنُ، جيئين ڪوئي وَڻُ ڏئي،
اوهان ماروءَ مَنُ، ڪـالـهـه اِئـن ويسـاهيـو!

●

هــاڻـي بـه موتـاءِ، سَچـي چَـئِـي ڳالهِـڙي،
آهن تُنهنجيءَ لاءِ، ڪيئـي راهـون رَتُ جـون.

●

* دلت= هريجن.
انمبيد ڪر= هريجن جو سرگواسي ليڊر.

چڙ تون، ڪيئن ڪبير، ڪي ڏمڪائي سگهندين،
*ڇا پاڻي سگهندين، لوڏي! آءٌ مان آڇيو.

●

جيڪي ڪيئن جوڌپور پنهنجي لاءِ ڪيئن،
جيستين ڪند پيئن پنهنجو ڪترو پان ڪي.

●

ٿري ڪيئن لنگهي توڪان سوان ماترّي؟
پيچي گره ڪي رکيو وڄهان وات ۾!

●

پر ته هيا مون نين، لڙڪ لکين وه ڪاڏتان،
جيڪي پنا پين، منهنجا ماروءَ موت تي.

●

آءٌ سموري سچ سان، ساهون تي سگهندس؟
ڪيئن چوان، آگهندس، آءٌ پريءَ بازار ۾.

●

---

* لوڏي= سڪندر لوڏي جو هڪ تعصبي بادشاهه هو، آن پڳت ڪبير کي دربار ۾ گهرائي هن جي بي عزتي ڪئي.

چاڳ سِٽَ چُپي وٽين گهڙي نہ گُذري،
هاڻي تہ اُيرِي آئي هُئين سمند مانَ!

●

جن جي نِينڊَ ڪَسي وٽين، پلارا آهن،
توکي تا چاهن چارِئي پهر چاهہ مان،

●

*ساهت ڪيتر ۾ سدا آهيان آبناسي،
جُڳ جُڳ جو واسي، جرڪان ڪيڏيءَ جاءِ سان!

●

موتَ متاهين آهہ، هيءَ ڪويتا اي ڪوي!
اچا اوچي چاهہ، ڪتين کان بہ پري وجي،

●

جهاڳي ڪيئي جندڙيون، مون اُن کي آندو،
چا هي جڳاندو، سٽ ورهين جني شاعري!

●

* آبناسي = زندهہ جاويد/ امر.

تون تہ چئين تہ ويچ پر، هاٺي نہ مرندس،
جيسين مان پرندس وهائوءَ جئن اُپ ۾.

●

آنءُ اُهو اسرارُ، صديُن روحُ سماِئيانِ،
سارو پارُ اپارُ، آ منهنجي هر سٽَ ۾.

●

سامي چارِ سلوڪ آ، سچُل پولَ پہ ٿي!
توکي آنءُ جهتي، ڏنا تارا اُپَ جا!

●

صدين تائين سنڌڙي هلٺو آهيان مان،
ها، پر سڀُ توکان، ڏاتِ وَتي مون ڏانَ ۾.

●

يٺائي! مون سان، تو جا ڪئي ڳالهڙي،
سچيءَ سنڌ مٿان، نيث لهي، الهام جئن.

●

* ڪُتا تا ڀَؤنڪن، ڪَيڏو منهنجي مونگهڙي،
پو ٻه نہ تا چؤنڪن، گُلَ روهيڙي جي مٿان.

●

آءٌ نہ هان منصور، لفظ چئي هڪ ئي مران،
پنهنجو سارو سور، آنءُ سليندس عام کي!

●

مون کي اغوا تو ڪرين موتَ ڪري سگهندين؟
جيُ مون بيت ڏِسين، تون خود اغوا تي وڃين!

●

اجا پُني ناهہ، هلٽي آهي جندڙي،
هيُ ڪا ڪُني ناهہ، جو ٻيو ڏَڪ لاهي ڏِسي!

●

ڪويءَ پڪيءَ جيئَن، ڌرتيءَ سانِ مشڪل پوي!
آڏيءَ مانجهي سين، اُڏري تو آڪاس ۾؟

●

* گهر جو دروزاو يا ڳلو.

مون لئه تو جئن سازَ گهر ڪان پاهر پٽ ڏٺي!
پُٽ ڪيڏا آوازَ ڪيڏي ترنُفڪ روڊ تي!

●

سارو مَنڪو گيت سان ڪو پي ڏيڪاري!
متارا ماري، موڪيءَ ڪي جيتي وجي.

●

چا چا جهرَمر جام، هُيا ڪوءِ ڪلال جي!
ڪَلَ نه ڪائي غام، ڪهڙا مَٽ اُپٽيا!

●

وِرلي وَرن تا، راڳي ايڏي رازَ سان،
جن سان پرن تا، ڏيئا ساري ڏيهه ۾!

●

صدين تائين آنءَ، توڪي ڏائي تو وجان،
توڪي منهنجو نانءُ، ايڏو ڏيندو آجپو!

●

* وَڄندا پيا واءُ ۾ سائينءَ مَرٽا سُر،
ڪيئي صَديون گهُر، منهنجي رهندي سنڌ ۾!

●

پيرا منهنجا وقت جي واريءَ تي ڏسنديون،
ءِ پو اِئن ڦسنديون، جيئن سانوڻ ۾ اَپ ڦِسي.

●

وَرندو ڇا جي ڇيڳرا! رُٺنديون زارون زار،
مان اينديس بيهار، صديون ڪانپوءِ سنڌ ۾!

●

مون ڪي آهِ ليکائيتو، ڏئين تو ڏاتارَ،
پر هي بيت هزارَ بين سان ونديون ڇو نه ٿو؟

●

ڪيئي صديون ليکبي سرتا! منهنجي ساکَ،
اڄ مون لهوءَ لاکَ! هَئين پنهنجي ليکَ تي.

●

* سائين مَرٽا= مرحوم راڳي، جنهنجا سُر نهايت دردناڪ هوندا ها.

سازندي جي گيت سان لرزي پيو سازُ،
ڪنهن ڪنهن جو آوازُ، ڪونہ مُڙي تو موت سان.

●

ايڏو پيو نہ وَساءِ، ويروتارِ وجود تي،
ڪَڪَر هاڻِ هواءِ، وِڙِّي وِڃن تو هٽان!

●

ڇا مون لئہ، تنهن تند جي، آئي آهہ گهڙي،
جيڪا آنءُ تڙِي، ڪيئي ورهيہ وجود مان؟

●

مُورُ نہ ايڏي رپُ، جيڏي ماڻهن سمجهيو،
موت پيو لڪِ ڇپ مون سان ڪيڏي بارَ جان!

●

ڪيڏيءَ اُجَ آپار ۾، تَران پيو آنءُ،
بَران پيو آنءُ، لهندي سُورج وانگيان!

●

* چَلي چلندين ڪيترو تيندين نيث اَچلُ،
تنهنجو پويون پَل، مان پانيان تو پنڌ ۾.

•

ڪَوڙو آهين يا مِٺو، منهنجو ثمر تون،
جنهن کي جاڳي مون، ساريون راتيون لکيو.

•

مون کلھ تُنهنجي مُرڪ مان، چِڻي سارا گُلَ،
کيا ڪوڙا هُلَّ، هي سَيئِي مون پوکيا.

•

تو کان سوا تڇ آ، هي منهنجو پورهيو،
پوک تہ پوکي تو، منهنجي هارپ آ رڳي.

•

آچانڪ ناهن، گيت گلابن وانگيان،
مون پوکيا آهن، سي ڪيئي صديون اڳي.

•

* اَچل= جيڪو چلي نہ سگهي.

صديون جهنجهوڙي، مونِ تو لئہ آندا اِهي،
رَتا گُل روڙي، پائي تو لئہ پاند ۾.

●

تُنهنجي لاءِ ڏيان پيو، ڪيڏا مان ڪِيتا!
مُنهنجي ڪَوِيتا، وَرِي گهاتا مِيٺڙا!

●

ڏينديِن ڪرڻ ڪابہ تون هاٿي. ننڊ نہ مون،
سارِي رات سِٿون، آيون مون تي مينهن جان.

●

مان ڇا آهيان، ڇو اِئين مون کي چونديو تي؟
ڇا لئہ پيڇ پِني، مون وَٿِ آڏيءَ رات ۾!

●

هيل تہ سارا ڏينهڙا، تنهنجون پَرڇايون،
مون آڳر آيونِ، وَڻ تَڻ وَيا واسجي.

●

ڪيڏا ڪڪر تي ڪَري مون تي چانيو آنهِ!
وري آيو آنهہ، مونڏي موتِي مِينهڙا.

●

ڪيڏي ڪارونيارَ سان منهنجو مُن گهيري،
آئين هن پيري، مُون تي وَسڻ مينهڙا.

●

ڏاڍو جاڳي تو لکين، هاڻي سُمهي پَوءُ!
چَندَ! پِرَه کي چوءِ، هِن کي ننڊ اَچي پئي.

●

چو مون ڏي اڌ رات جو، پَرڙا پتوڙي،
پکيِئَڙا موڙي، پولائين تو پولڙيون؟

●

مون جئن ڪنهن بہ لکيو، جاڳي ساريون راتڙيون؟
توڙي مون نہ سکيو، آهي ڪنهن شاعر ڪَنان!

●

ماٺهوئڙا تولاءِ، آندمر ڪوڏَ ڪَتا ڪري،
هان، هِي موتِي پاءِ، جي مون آندا آنت مان!

●

تارا آهن ننڊَ جا ازل کان ويرِي،
ڪيڏِي انڌيري، آهي متان راتڙي!

●

هي جا پوئين پَهر جِي ڏِياتِي آهي،
اِن ڪي ساڃاهي، تَرسُ تہ سوجهرڙو ٿِئي!

●

مان تاسارو ڪوهہ تي پهرين اُڪيلو،
هاڻي تہ ميلو ڪَليون ڪِٽي تو اچي!

●

* چاٽين پڙهندو ڪيئَن هو، بيهي فارابِي؟
منهنجي بي خوابي، تو ڪِئَن ايندِي سَمجهہ ۾؟

●

* مشهور فلاسافر فارابيءَ کي ڏِيئي جي تيل لاءِ پيسا ڪونہ هوندا هيا سو هو ساريون راتيون مشعل بردار پهريدارن جي مشعلن جي روشنيءَ ۾ پڙهندو هو.

مــان چــاڻــان تــو راتــڙِي نــاهــي، وهــاڻــي،
آجــا پُــڄــاڻــي، تــو لَــئـہ نــاهــي، ڪِــيــنــرا!

●

ســاريــون ســاريــون راتڙيون، مون کان پو چارڻَ،
ايندا اِن ڪــارڻَ، مــونڱ جيــڪــي آڏ ۾ چــڏيو.

●

هُــيــا ڪــيــئي گــيــت جــي تِــن ڏي ڏُڪي ويا،
چاڙَڻَ چُــڪــي ويــا، چندڏ پيو تِــن کَــي ٻــُڏي!

●

مــتــان وَرِي ڪَــيــنــرا ڏوڻــين پنهنجو ڪَــنــڌُ،
ڏس مــون ڪيڏو پَنڌُ، توسان ڳائيندي ڪيو!

●

تو سان منهنجي ننڊ آ توسان منهنجي جاڳَ،
پنهنجي ڀاڳَ، نِياڳَ، توکي مون واڳي چــڏيــو.

●

راتو رات ڦٽن، مُکڙيون جيڪي ماڪَ ۾،
تُنهنجو ڏَسُ ڏِينِ، تون جو باک بسنت جي.

●

ڇا ڪنهن ويسر مان ڇڪي مون کي پيو ماڳُ؟
ڇو تو ڦُٽي ڦاڳُ ڇاڪَ ڇڪائي اوچتو!

●

مُکڙيون تُنهنجو ڏَسُ، منهنجي لاءِ ڦلار ۾،
هَر خوشبوءِ جو گَس، تُنهنجي دَر تائين وَڃي!

●

هي جا منهنجي جان آ، تنهنجي امانت،
اُن ۾ خيانت، ڪڏهن ڪندس ڪينڪي.

●

ڇا اُڏري ايندين، منهنجي آکيري وِري،
تائينڪو تيندين، مون سان ڪَکَ ميڙي ڪَري؟

●

چا لئہ تِي ڪارائتو ڪنهن لِيءَ شفقَ رنگ؟
ڪافي تانهہ اُمنگ، جيءَ جهنجهوڙي جو وجي!

•

* ساتَ سنڌائين ڪونہ آ، ڪارِيہ ڪويتا،
ڏِسُ هي سرنهن جا، گُل ڪيڏو مَنِ ياتئيا!

•

آهہ ڪَلا جي ڪانڌَ جِئَن مون لئي سارو مَنڊُ،
ڏِسُ هُوَ چوڏينهَن چَنڊُ، ڪِڙيو ڪوءِ ڪلال جي!

•

ڪائي جوتِ تہ جاڳنديءَ منجهاني جي مَنڌِ،
مُنهنجي اکين آنڊِ جا لاهيندِي اوچتو!

•

تو ڪي ساريان تو پيو، اُتي آڏيءَ رات،
هِيئَن ڪوِيتا تاتِ، چا تو بي ڪنهن ہ ڏِني؟

•

* ڪاريہ= ڪارج، ڪم.

آنءَ ڪَڏهان ڪَر واٽَ جو، آهيان واٽهڙُو،
سانجهيءَ جو سَهڙُو، مانجهيءَ تو لَئه پند ۾.

●

اڄ به ڪويتا ڪالهه جِئَن، پوري جوين سِيئَن،
* ڇا تو ڪَڏهن هِيئَن، گاڄِ ڏِٺي گرڙاٽ ۾!

●

مٿان پَوَن مينهڙا، ڇَن ڇَن ڇَن ڇَن ڪَنِ!
ڇا تو منهنجي مَنِ سانوڻ جِئَن جُهڙ لائيا!

●

** ڇا مان تنهنجو چيتنيه تنهنجو چندي داسُ؟
تن وانگر مون ساسُ، آهي اڄ تنهنجو اَجهو.

●

مون مان تون ڇو تو لکين ٻيو ڪو ڳول ڪَوي؟
*** تنهنجي لاءِ رَوي! شايد ڪافي ڪِيو نه هو!

●

* گاڄ= نئن گاڄ.
** چيتنيه= بينگالي ڀڳتي تحريڪ جي اهم شخصيت.
چندي داس= بنگالي شاعر ***روي= رويندرا ناٿ ٽئگور.

آڏيءَ رات أتي لِڪان ڪيسين توکي مان؟
هاڻي چڏ تہ سمهان، چو تو ننڊ ڦِٽائِئين!

●

مون لئہ ڦُلن توڪري شفق جا تاهي،
سَرِتي! مون چاهِيو، تنهنجن پيرن وٽ رکان.

●

آنءُ هتان جو ناهيان، منهنجي ڄاڻَ سڃاڻَ؟
هو ڏِسُ اي اڻ ڄاڻَ، بادل جي پرجن پيا!

●

توڙي آنءُ لڳان پيو، سانورڙي ساڳيو،
مون جئن وَڏ ڀاڳيو، ساهَتَ ۾ وِرلي مِلي.

●

رڳو مِٽيءَ مُٺ هان، مِيان! مان چاهيان،
ها، جي ڪجهہ آهيان، آهيان پنهنجي گيت ۾.

●

مون مان ڪيرُ لکي پيو، سو مان ڪٿ جاڻان!
آءٌ نہ سڃاڻان، اُن جوڻ ساريون صورتون.

●

وَري آئِي آنهہ، تورا ڏينهن جيڏي ڪري،
جهڙ تي ڇانئيَ آنهہ، مون تي مُنهنجي ذاتِ تون!

●

ڇا ڇا لَڙي راتِ، جيجل جٺن جايون ڏٺي!
اُن ٿي منهنجي ذاتِ، مون ڪي موٽائي ڏِني.

●

* نَذرَل! نَذرَل! تون، تون ڪٿن اڃا خاموش ٿيئن؟
ڇا هي منهنجو مونؐ، تو جٺن ناهين ناڪٺون؟

●

** تون جو منهنجو مونگهڙو، آبد تائين آنهہ،
تو وٽ مُنهنجيءَ ’ناهِہ‘، ڪيئي ڪونيٽ پوکيا.

●

* نذرل= قاضي نذرالاسلام- بينگال جو ڪَوي، جو پوءِ چريو ٿي پيو ۽ ڪلڪتي ۾ مري ويو.
** مونگهڙو= لوڙهي جو ڳلو.

يَلِي پوڪِ نہ پوڪِ، موتيئي مُند اها اتي،
آهي تُنهنجي اوڪِ، ڪيڏِي بوءِ بسنت جي!

●

يَلِي ڪاهہ نہ ڪاهِ، ڪوٽ اُتاهان عرش تي،
پوءِ بہ تُنهنجي آهہ، ڪَتين ۾ ڪُرسِي ڪِتي.

●

يَلِي ڪوٽ نہ ڪوٽِ، ڪاٽيُون پنهنجي خواب جون،
آهہ اُها اَڻ موٽِ، تو ڪان ويئي جا گهڙِي.

●

يَلِي لاهِ نہ لاهِ، بادل اُيري بُرج تان،
آهي تنهنجي چاهِ، اڳي وانگر ڏانگڙو.*

●

تون جو منهنجي موت ڪان متانهون آهين،
اڄ جو تو چاهين، اُيران مان آڪاس ۾.

●

* ڏانگڙو= اندِ لٺ.

تون چو مون کي چيتنيَء ايڏو تو ڳولين؟
جي تون تو ڦولين، سي مون گيت گنوائيا؟

●

* ڪنڌي مَت تِروڪڙيون واري ڪَنِ وانگُر،
گهر کان ٻاهر گهَرُ، ڪيڏو آ آڪاس ۾.

●

هي جا ڏِيئي جوت، تنهنجي مُنهن تي تي ٻري،
پيئِي جيئي جوتِ ڪانه وساڻي صديون.

●

تو کي تُنهنجيء چوندَ، کهڙيء ڳالهه ڪئي هئي؟
** اي اِزرا پائُوندَ، تون ڇا لئي ڦاشي ٿئين؟

●

وجان تو وينجهارَ، هيرا لعل وِنڌي ڪري،
هَسيُون پائي هارَ، سارِينديون مون ڪامِٽيون.

●

* تِروڪڙيون= ننڍا ستارا.
** اِزراپائونڊ= انگريزي جو عظيم شاعر جو ٻي مهاڀاري لڙائي، هلندي، مسولينيء لاء پروپيگنڊا ڪندو هو.

پنهنجي اونهي کوھ جو پاڻي نہ کارو،
پاڙو، ڪسارو ناھ ڪَويتا ۾ ڪٿي.

●

هي جو رَڱيلُ ڪوسُ لَهِي ويو کوهَہ ۾،
ان ۾ سارو سوسُ اُجِيءَ آدم ذات جو.

●

ڪُونجون کوھُ اُڏار ۾ ڪَرڪِي ڪيڪارين،
مون تي ويچارِين، ڏرتيءَ ڏسي پيرڙا!

●

ڪنهن بہ تہ ائين ڪون، آهي چيو بيتَ ۾،
تون پو ان کي چو نہ، ٻي ڪنهن نالي ڪوِٺِين؟

●

جنهنکي منهنجي شاعري سمجهي منهنجو عامُ،
اديون هي الهامُ، پنهنجِي واڻَ وجودَ جِي.

●

ڇا واڳيل آهين اڃا هُن سِنسار سان؟
اوڄاڳيل آهين ڇو هِن آدي رات جو؟

●

هُو جي سَڙن ٿا تُنهنجي ڪويتا کي ڏِسي،
جن هو لَڙن ٿا، سيڙهيون رکي سِج سان.

●

صديون تُنهنجي ساهه ۾ رهندا مُنهنجا گيت،
جيستائين تن جي جِيت هار نه تن جي اوڏڙو.

●

ساري رات سُگنڌ جان توُ ۾ آهيان مان،
سوچين اين مَتان، هي هائي مُرجهائيو!

●

منهنجو شعر شراب جئن پيچاڙيءَ تائين،
مَتان تون پائِين اُن جو ڪيپ ڪُٽي ويو.

●

چايا وارا وَڻَ، تو چا لئہ پيدا ڪيا،
کهڙي ڳَڻيو ڳَڻَ، راڳي! پنهنجي راڳ ۾.

•

امان، متي أيءَ ۾ ايڏو اڪيلو!
ڪنهن جو بتيلو تَري پيو تار ۾؟

•

کهڙي پروا موت کي، بَچي يا نہ بَچي!
پَچي يا نہ پَچي، ڪَچي سانوڻ مِينهن ۾.

•

ڇُهي منهنجا پيرَ، هُن موڪان موڪل وَتي،
هِيئن ڪَوِيتا ڪيرَ، آئي منهنجي اوڏوڙو.

•

ڏُکَ ڏنا تِني ايترا، تِيو جيءُ اُچاٽُ،
ڏِسي تُنهنجو گهاٽُ، وَرِي جي پاڻي پريان!

•

جيڪي منهنجي وَسَ ۾ سو ته ڪيو آ مون،
ها، پر اَجا تون، جي مون کي ٻي سگهه ڏين!

●

هي جا پوئين قيت، تو ڪاڏي آ موت سان،
اُن سان ڪنهنجي پيت، تيٽي آهي ڪانڪا!

●

ايڏو رچنا ۾ نه جِي، هُجي منهنجو ساهُه،
مُنهنجي لاءِ پَساهُه، مون کي ٻي معنيٰ لڳي.

●

ڪئن جَهليان مان جهول ۾، ايڏو ڏنو تِي!
ڪيڏو ڏنو تِي، مون کي هِڪَ جَمار ۾!

●

اسڪوٽرَ، ڪارون، بَسُون، ٻاهر ڪيڏو شور!
پو به اڳي کان زور، آهي منهنجي شاعري!

●

اِن لئہ وهٽُ جَهلي، تو وٽ مون ڏاڍو ڪيو،
تو کي آنءَ سَلِي، جيئن وڃان ڪجھہ ڳالهڙيون.

●

ميان، اوطاقي، مان تو سان ڪجهہ دير لئہ،
رات گهٽي باقي؟ مون کي وجھو باک سان.

●

جهونجهڪڙي تائين هئي، منهنجي تو وَٽ جاءِ،
گهوڙي سَنجَ وِڃاءِ هاڻي وڃڻو آهيان!

●

باقي ٿوري دير، رَمي ويئي راتڙي،
ٻُڌِي پِنيءَ پير، وجهبو پير رَڪاب ۾.

●

سمنڊ ڪري راڙا، پُڇي پنهنجي پاڻ کان!
* ڪرنڊ؛ ڀوڙاڙا، ڪالهوڪا ڪاڏي ويا؟

●

* ڪرنڊ ۽ ڀوراڙا= سمنڊ جا ڪي پکي.

* هي جو مارو رَچَّ جنهن مُنگر ڦاسائيو،
متان ڏسي آچَّ متان ايءُ وسارئين!

●

رگو جوين راتڙيون آهن سمهڻ لاءِ،
هاڻي اِڪِّ نه لاءِ، سمهڻ ڪيئي ڏينهڙا.

●

** بَس ڪا وپر سُمال ۾ ڪنبَ ڪِنڊيري سانءِ،
*** وِيسر متان پانءِ اَن آڪيرو اڏيو.

●

ڪَوتا سان هي موهه سبءِ اجايو آهي.
ماڻهو چو چاهي، ايُ به ڏرتيءَ جئن لُٽيان!

●

پاڙون ڪوڙي ٽيون ڪُپن بڙ جون تندوُن جيئَن،
تَرسو، مون مان تِيئَن ڪيڏائِي تيتدا ڪَوي!

●

* مارُو رچّ= چار جو ڏهه فوٽ چوڙو، ستر فوٽ لنبو هوندو آهي.
** سُمال= سولي هوا جا سمنڊ تي لڳندي آهي.
*** ويسر= Whale.

چوَ ايڏا گُل تو چِنين، ٻئي لئِہ ڇڏِ سُگنڌ!
هرَ ڪنهن پنهنجي پَنڌَ، تو جئن مالهائون ڪَين!

●

پهريُون روهيڙي ڦُٽو جڏهن ڳاڙهو گُل،
مون چيو ان جو مُل کهڙو بهتر بيت ڪان!

●

مان ڪنهنجو ثاني نہ ڪو منهنجو ڪو ثاني،
آهي لافاني، ڪائي ڪائي شاعِري.

●

جُيڪي آيو تو وٽان سِتم صبر سان،
ان ۾ توسان مان پنهنجو پاڻ نِڀائيو.

●

مون وٽ اِئن وايون، جِيئن ڪُونجون روهہَ تي،
آيون ڙي آيون، وَلر ڪري وِترا.

●

متان وائيءَ سان، غزل جي پيتا ڪرين،
تون ماروئڙيءَ کان، مَتي پائين مغبچو!

•

سَر روهيڙا ڳيا، مون کي پيتائي!
ياد پئي آئي تنهنجي واتَ وجود جي.

•

سارا سيارا، اوتيو انهيءَ آڳَ کي،
ڏوگهيو متارا، موکيءَ مَٽَ تہ ڪُٽندا!

•

روپَ سوين آڪاسَ، ڪويتا تنهن کان گهٽا!
تو قلوازيءَ واسَ، ڪَڏهن ڏٺا ايترا؟

•

سارا گهاڙيتا ڇَڏي مون چو چوندبا بيت؟
هي سپ ميدنيءَ کيتَ، ڳاڙها ڪندا هتڙا.

•

مون وٽ ايـڏا بيـت ها جيـڏو ٻـپر ٻورَ،
اِن ۾ ڪوٽ نہ مورُ، چانگي چانگيندين گهٽو!

●

سُهڻا لفظ لباس جئن، جيڪي ٽيُون چاهن،
آڳاتيون آهـن، اجـا ڪـيئي ڳالهـڙيـون.

●

* مان پانيان سچو هئين سولزي نِـتـسَن تـون،
توتي ناحق مـون، ڏريـون آهـن تـہ تـهمـتون.

●

پيـلا پـَنَ رڳـو پـَسن، جِـتـي هـوائـون،
اچـو آهيـنُ تـون، نيـٺ تـہ اُنـهيءَ پيچري!

●

ميان جي مون کي، ٻہ تي ڏئين ڏيـنهڙا
گهـر گـهـر موڪيءَ ڏي، آنءُ متارا موڪـليان.

●

* سولزي نتسن= روس جو جلاوطن اديب، جو هاڻي ڪئنادا ۾ آهي.

تيسين پانيو مون منو تنهنجي پاٺي ڪي،
هن آڏاٺي تي، جيسين پَٽُ پنکيڙئين!

•

پَنا پوڙ لڪان، پَنا سب پرجي وڃن،
تو ڪان وِڏِ وَسانِ، جيڪر سانوڻَ مينهڙا.

•

جيئِين لاَرُون اُپَّ مان، سِٺُون ايٺَن اُڇن،
اَکَرَ اِيئَن نَچن، جِئِين بونڊون مينهن جون!

•

آيون لِڳاتانِ ولر ڪري واءُ مٿانِ،
سِٿون هيلِ هزارَ، ڪونجون اِيئَن نر روهه م!

•

* تون جيئَن جَپِٽي ڪاٺَ جي مون وٽ 'ڪبيرا'!،
تِيرا مَتيرا، موڻ ڪي شَرمائِن پيا!

•

* ڪبير= يڳت ڪبير، هنديءَ جو عظيم شاعر.

* آءُ 'نرالا' ناهيان تون نہ 'مهاديوي'،
نائڪ گهرجيئي شايد ڪوئي نائڪا!

●

ڏسُ هو سانجهيءَ ڏانگڙو اوهيريِ ڪانپوءِ
تون ڪٿان هڙي لوءِ اِيئن چڏيندي چَن ۾؟

●

هاڻي هلان مان، پورا تيا ڏينهڙا،
پر هي گيت اجان، جيڪي منهنجي جيءَ ۾؟

●

پورا تيا ڏينهڙا هاڻي گهپي چڏ،
ڪِلندي ڪِلندي لَڏِ، پُڙ پريان جي پارَ ڏي:

●

ڇا تون چاڻين شاعريءَ آهي ڪهڙو روپ؟
منهنجيءَ مَڙهي ڏوپ ٻاري ڏِس مون وانگيان.

●

* نرالا= جديد دور ۾ هنديءَ جو شاعر.
مهاديوي= مهاديوي ورما- هنديءَ جي شاعره جي نرالا سان محبت هوندي هئي.

تون جو منهنجي موتَ کان اڳٽو آهين پو،
اي مارو تنهنجو، مان سو شاعر آهيان.

●

هي ڪهڙو آڌُ گيت جو، پورو ڪرٽو آهہ؟
گهڙو ٻرٽو آهہ مون کي لاهي ڪوسَ کي!

●

* آنڌءِ ٻَري ڪِنگريُون ڪيڏو رات ڪڪُوهَہ!
تون جو اونهو کوهُہ کُٽي کُٽين ڪينڪي.

●

تون جا ٻنهنجي شاعِري، اَبد ڏي آنڌِي،
اِنهيءَ لئي وانڌِي ناهي هاٹي ڏَرتَتِي!

●

نيٺ تہ ان جي لاءِ هي دنيا ڳوليندِي،
جا تو ٻوٽ ايندِي، ڪَوتا آهي رات جو!

●

* ڪڪُوهہ= شراب.

ڪاٿَ ڪُٽي جٽن رَنگَ، ڳولي آندا تِي ڪتان؟
چا چا آنءُ اُمنگ ٻوليءَ منجهه پَسان پيو!

●

بيتُ لِکيئِہ يا اوچتو هُد هُد ٿاسايَئِہ
ايڏو ڪئَنَ آيَئِہ رَنگُ اڏامي ٻول ۾!

●

* ڪيڏا هورَهيا پيا، تو مان اڄ ٻولِن،
ٿر ٻر تي ڪولِن اونهي جي اِسرارَ ڪي!

●

ڪيڏيءَ اوندهہ ۾ تَڪي رَڙي پيو ڳُڳهہ
ڪيڏو ڪارو چُگهہ آهي هن پولار ۾!

●

مان جي لڏيو لوءِ مان، پو پڇتائيندءُ
وايون ڳائيندءُ، روئِي مون لئہ رَتُ ڦڙا.

●

* هورهيو= پکيءَ جو نالو.

مون هي ڪَويتا لِکي ڪنهن تي ڪيو توڙو؟
آهيان پرگهورو لِکِي پنهنجو پاڻ ٿي.

•

آڇيا ڦُٽو ناهه، جو گُل جَڳُ واسي ڇڏي،
مُنهنجيءَ ٽاريءَ آهه، ايڏي سَڌَ سڳنڌ جي!

•

مون ڪان پوءِ بہ سڄ، ڇڪي ڪيندين ٽاريون!
پر مُنهنجا ڪُجهہ بِجَ ڦُٽي ڦُٽا ڪينڪِي.

•

* موناليزا مُرڪ، رنگ مُهاڻيءَ ڪارڙو،
مُنهنجي اکين سُرڪ، هن مان پِري ڪيترِي!

•

هو جيڪو آڪاس جي، آهي پرسان وَڻُ،
اُن جي پرسان ڏَڻُ، جيئين پوربون ڪَڪريون.

•

* موناليزا= دنيا جي عظيم ترين تصوير جا فلارنس جي مصوّر ليوناردو ڊاونچيءَ جي نڪتل آهي.

تاڻي ٻولا خان ۾ ڪُنييون تاڙي تو،
هو جو واڙي تو رِڏون پنهنجي واڙِ ۾.

●

سِڄُ لٿو ڪُني، ٻوٽي پنهنجي پاڻ ۾،
باک ڦُٽي ۽ جو ٻي اُن ۾ هئي تازگي.

●

مينهوڳي ۾ ماروئڙو ڪارِسَرن رنگن،
جهوپِڙيون جهنگن، منهنجي من کي ڀانئيون.

●

* هي جو اُونچي چِيل جو ڪَپيل ٿُڙ ڏِسي،
۽ پو جُهڙ ڏسي اُن ڪان مَتِ آڪاس ۾!

●

آئيتو آهيان، مان جو پنهنجي پاڻ لئِہ،
آن ۽ نہ تو چاهيان، ٻي کي پاڻُ پسائيان.

●

---

* چِيل= هڪ وڻ.

پهريون نيٽن ۾ سگهان روڪي نديءَ نيرَ،
*اچان پيو دلگيرَ تو وٽ گانڌي ڌامَ ۾.

●

** توڙي مليو ڪونہ آ مون سان دڪايل،
جاڻان تو آيل پنهنجي وڏي ڀاءُ ڪي!

●

*** فاني! او فاني! لافاني مون لاءِ تون،
تون جو طوفاني آهين مُنهنجيءَ ذات ۾.

●

توکي ڏِٺو بازار جو ياد اچا رستو،
**** نندجويري تو، پنهنجو پاڻ ملهائيو.

●

آءٌ اُهو انسان، جنهن ڏرڻ کي ڏاريو،
مَرڻ کي ماريو، آمرتا اوڏو ڪري.

●

* دلگير= هري دلگير- سنڌيءَ جو بزرگ شاعر، گانڌي ڌام جو روح روان.
** دڪايل= هوندراج دڪايل- سنڌي جو بزرگ شاعر جو هندستان ۾ ونويا ڀاوي جي ڀون دان تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ هو. هاڻ گانڌي ڌام ۾ رهندو آهي.
*** فاني= ڪيئل داس فاني- مُنهنجو اُستاد.
**** نند جيويري= "چوواٽي تي" جو مشهور مصنف.

رَهي ويندس رات، تو سان تارَن چانوَ ۾،
ٿيندي مَسَ پرِيات، رَمندس پنهنجي راهہ تي.

•

ماٺهوءَ ڪُماٺهوءَ پَوي، پيڙا منجهہ پَتو،
جڏهن ڏينهن تَتو، ڇَڏيو ڇُپِي ڇانوَ ۾.

•

ڇا لَئہ تو کِي ساڻُ آهي مُنهنجيءَ ذاتِ سان؟
* سِمجهُئہِ ڪيئَن پهاڙُ ڪاٽي سگهندين ڏُنڙا!

•

** بيوس! تو بِن آنءَ، پاڻ نہ پايان ها ڪڏهن،
مون ۾ تنهنجو نانءُ آهي مندر گِهندڙ جئين.

•

*** شاد سدائين شاد، ڏُکَ نہ ڏِسندين ڏيهہ ۾،
اڃان مون کي يادِ تنهنجي وِيجهي دوستي.

•

* ڏُنڙا= ڪانياواڙيءَ ۾ يا ڪوڇا سنڌيءَ ۾ ڪوئي کي ڇوندا آهن.
** بيوس= هن صديءَ ۾ ڪشن چند بيوس، سنڌيءَ جو پهريون حقيقت نگار شاعر.
*** شاد= بمبئيءَ جو مشهور شاعر ارجن شاد- منهنجو هم ڪلاسي ۽ دوست.

پائن تو در پاهران پتيون ٻه پاڪر،
ناڪرا او ناڪرا آءُ نه چنڊيان بمبئي.

●

* ڪيرت او ڪيرت! تنهنجي منهنجي سنڌڙيءَ
آڏيءَ جو آتت ڏيءُ ڏڪاري ڏيتهن جو.

●

** مالهي! او مالهي ڏور نه آهن ڏينهڙا
تو ، مان هڪ تالهي، مانجهاندو گڏجي ٿئي.

●

*** جهڙو پيارو 'شيام' هو، تهڙو آ 'دلگير'،
ٻئي ڇپتي چير، مون کي ڪالهه ڏئي ويا.

●

**** ڪملا! تنهنجا هتڙا، منهنجن پيرن تي،
چڙهُ آڪيرن تي، پهتا ڪي پنڇي اُڏي!

●

* ڪيرت= بمبئيءَ جو مشهور سنڌي ليڊر ۽ منهنجو ننڍپڻ جو دوست.

** مالهي= گوبندمالهي- بمبئيءَ جو مشهور ساهتيہ ڪار ۽ هردلعزيز ليڊر.

*** شيام=سرگواسي نارائڻ شيام- سنڌي جو مقبول شاعر.

**** ڪملا= ڪملا گوڪلاڻي- سنڌيءَ جي ليکڪا، جنهن سپون جي 'اياز نمبر' ۾ نهايت چڱو مضمون لکيو ۽ اجمير' مان شاهه، شيام ۽ منهنجي فطري شاعريءَ تي پي-ايچ-ڊي ڪئي اٿائين.

* هي پونـي ۾ بنگلو، ’ريتا شهاڻـي‘،
جڻ ڪا ڪهاڻي، مـون تـي ٻـڌي آڏ ماڻ!

●

** ’تارا‘ تي تارا، منهنجا ڪالهه ڪُپي ويا!
چا ھَنَ ٿي سارا، پٽـر مـون ڏي موڪـليا؟

●

*** ريل وڃي ٿي بمبئـيءَ، آءٌ گـنُـو ڳالهيـون،
ڪُٿي ڪونہ ڪُٿيون، جيـئـيـن اسـٽيشن پڳـي!

●

مُنهنجو ماڳُ ٻُڌاءِ تون، مُنهنجو تَڪُ نہ ڏِسُ!
جيڏا! تنهنجو جَسُ، مون کي ڪپي ڪينڪي.

●

هي ٻہ لکان هو ٻِيي لکان، تنهن ڪانپوءِ مَران،
ٻِيي سـپ تِـڪَ تَـران پيـالو موتـائـي ڏيان!

●

* ريتا شهاڻي= سنڌيءَ جي مشهوي ناول نويس ۽ شاعره جا پوني ۾ رهندي آهي.
** تارا ميرچنداڻي= سنڌيءَ جي مشهور ناول نويس ۽ ڪهاڻيڪار جا پهرين وراڻسي ۾ رهندي هئي ۽ هاڻي پوني ۾ رهندي آهي، جنهن سان منهنجي خط و ڪتابت هوندي آهي.
*** گنوسامتاڻي= مشهور ڪهاڻي نويس، ساهتيہ اڪيڊمي انعام کٽندڙ.

چا ڪو ٻُڌاپو آيو ڪويل ڪوڪَ ۾،
جڻ هُن جو آپو اُڏري تو آڪاس ۾!

●

آن ۾ نہ ڳوڙها ڳاڙيان پنهنجي وَجَڻَ تي،
اِنّ ڪيِ مَجَڻَ تي جو آهي مون لکيو.

●

وَر وَر واءُ بسنت جِي گَهِت نہ اُن جِي گُهلَ
اجا ڪيڏا گُلَ، اجا ڪيڏيون وَليون!

●

اجا ٻڪي پارَ جا، مون ۾ لامَن تي،
پَڪن آمَن تي ٻولِڻُ چاهِن ٻولڙيون.

●

چا تون مون ۾ سمنڊ جو تَرو ڳولين تو؟
چا تون ڦولِين تو، اونهي جي اسرار ڪي؟

●

تون ڪئن دوَر جديد جو شاعر ٿيڻ چاهين،
جَهنگَ ڪُڪُڙُ آهين، ڳالهيون چاڙين جَهنگ جون.

●

تون جو لِيئا لات جا، هاڻي سارُن ۾،
منهنجي مارُن ۾، مُور نہ آهين اجنبي!

●

تُنهنجون ڳالهيون ڪيتريون، ياد اِئين آيون،
سانوڻ جو ڇايون، ڪڪريون جِيئَڻ مِينهن ۾!

●

صديون نَديون تي وَهن سوچان ٿو مان ڪيئَن؟
مانسروور جيئَن، جي منهنجِي ڪؤتا ٿِئي!

●

مانسرووَر هَنس جئن، جنهن کي آچّا چِٽَ،
ڏيکارِي ڏِئي سِٽَ، ڪُهہ چاٽان ڪاڏي وئي؟

●

ههڙي بيماري، پوءِ بہ تڪڇان ڪينڪي!
مون تو تي واري، پنهنجي ساري جندڙي!

●

اکرُ اگـر جيئن، هون وسامي تو وجي،
پر مون لکيو ايئن، هاڻي صديون ڇرڪندو.

●

* تو لئہ پورو پنتُ، هيءَ ڪُويتا ڪانکيا!
هئن ڪو نانهہ گرنت، تو وٽ نئيڙي ڪندَ ۾.

●

مان ئي سنڌوءَ چاڙهہ هان، مان گنگا لهريون،
جيڪي اُڀريون، ڏينهون پوءِ وڃن پيون.

●

مان ئي هان سنسار جو سارو اونهو ڏُکُ،
جيڪو منهنجو مُکُ، ڳائي پيو گيت ۾.

●

* ڪانکِيا= اي ڪانکي، تمنائي.

تُنهنجي قبر جيتري وِڪَ وِڪَ آڏي مون،
دُنيا ڇڏي مون، ڪيڏي قبرستان سان!

●

سَرءُ پَنَ، پَنا، جي مون پڙهيا ڪينڪي،
ڪيڏو ڏور ويا، مون کان اُتر واءُ ۾!

●

ڇا هِي شاهه لطيف جو قاتل صفحو هو،
جيڪو اُڏايو، اُترئين آڪاس ۾؟

●

سَچُ تہ رگو اِيءُ آ، هي نہ اُتي آيو؛
مان، جو جيايو مون کي ماري ڇا ڪندين؟

●

تون ڇا مُنهنجي بانهڙي آزل کان آهين؟
تون ڇا تي چاهين، مان تو کي آڃو ڪيان؟

●

ڇڱو تون آزاد، پو ڇو موتي تي آچين؟
تُنهنجي آدِ جُڳادِ شايد مون ۾ شاعري!

●

جئن ڪي پنڇي پڃري ۾ مان نڪري موٽن
تو سان ائن ٻنڌن، منهنجو ڪويتا هيو.

●

ميڇيءَ جئن ڪُنڌي، ڇڻ تہ ڪويتا ڪَنت ۾!
ايڏي اُڪنڌي، آهي اُن جي ڳالهڙي!

●

ڪاڏي ويندين گيت تُون، مان ئي آڪيرو،
ڪائي ڪجهہ ڦيرو، موٽي ايندين مون ڳري.

●

منهنجو چوڳو تون، ازل! تو جو آچيو،
آهين جوڳو تون، جيءَ جياپو گيت جو.

●

ڄُجي تون منهنجي ليڪَ ۾ لِکيَل آهين ڙي!
وچٹو ناهين ڙي ٻي ڪنهن جي ڪچڪول ۾.

•

* لَڌي جڻ تہ لَڌو، ڳولي ڪَويءَ ڳُجَهہ کي،
چَوي، ”گيت وَڏو، وهائوءَ جي وات تي“.

•

اِجهو ٻُڌي تو، نِوڙي هيٺ نياڻ ۾!
تورو لُڌي تو، پاچائوْن پاٹيءَ متان.

•

ساريون راتيون روهَہ تي ڪُڪَ هٹي ڪونَجن،
سي ڪٹن ننڊون ڪَن، جِن جا ڪَن ڪُرلاوَ تي!

•

سانجَهہ ڪري سَرڙات، پنکَ پکيڙيا واءُ تي،
اهڙا اوچا ڳاٹ، متان مَارِي مارئيڻ!

•

* لَڌو= پرهہ جو تارو.

ڪوتہ مصوّر آهہ جو پيو رَنگَ رَڱي!
هَيا! هُد هُد کي مٿان پٿر مارئين!

●

گلن جون تمنّار ڪپڙيون آهن پياليون!
شايد ٿي بيهار، تو وٽ وَسن مينهڙا.

●

سورج ٻُڏن تا، سانجهيءَ ٽاٽي سَمند ۾،
گلڙا لُڏن تا، ڪنهن لئہ هو آڪاس ۾.

●

* اوبي– اوباهي ، پوڙهيءَ آڇا آرت تي!
ڪنهن لئہ هُن چاهيو، پَتَ مَنجهاران پوتڙي؟

●

مَتو ويڙهي ميٽ ۾، لائي مُنڌَ مُساڳُ،
ڪنهن جو هُڙو ياڳُ، ڪِڙندي ڪنهن جي ڪَٽَ تي!

●

* اوباهي= ڏکهي ڪنگهہ.

ڪبوتر ننڊاڪڙا، ويٺل جَاري ۾،
ڪنهن ويساري ۾، هيڏي ساري شهر ۾!

●

گهر ڪان ٻاهر مينهَڙو، گِهٽي ساري گَپ،
نينگر آئي لَپَ، وِڌي پينوءَ پاندَ ۾:

●

ڏِگَهڙ پنڌيءَ تي، ڪَتل هُن جي هٿ ۾،
ڪٿي تو امڙ کي، ٻرڪي هُن جي پيار سان!

●

هيٺان ڳُنڌي آنَ جي مٿان ٻَوي مينهُن،
وينگس سارو ڏينهُن ڏَڪُ ڏَڪيندي گذريو.

●

پوچو ڏئي فرش تي، پُٺتي ڏسي ٿي،
ڪُرسيءَ تي ڪوئي، تنهن ڪي آڏيءَ اکِ سان!

●

پَسونءَ پَلي ڪانہ آ، اجان جيئَڻ آڏَ،
ڪاتَر اُن جي ڪَڏَ، ڳوهَہ پَچي تي پِيل ڪان.

•

جڻ نائيءَ جو نَڪ چِٽُو، منجهند جو تاڻو،
ڳُهرُ ڳوناٽو، گهيرت چِڏيءَ چانوَ ۾!

•

مانِي اُتلائي جئين، مُنڌَ ورايو ڳاتَ،
لهسِي نہ لوساتَ، مُنهن ۾ ڦول ڦُلاريا.

•

چوڌاري ٻيلو، وِچان وَهہ تي تو وچي،
ڪنهن جو ٻتيلو، ڪُهہ ڄاڻان اُن جي ڪَنڌي؟

•

چَڳَن تي پاٽيءَ چَندا، ڏُونڊِي مُهاٽي،
ساندارو، پاڻِي، ڪنڌيءَ ڪيئي پاتٽي.

•

آڙِيءَ اُڏاريُئہ، ڪاري ڪِنُّ ڪُميت ڪي،
مُورنہ پو ساريُئہ، سارو پنڌُ لغام ڪي!

•

مون لئہ لَنگهُہ نہ لَڪُ، جبل جاڙون ڪيتريون!
ڏيهہ تہ چيو ڏَڪُ، پيرَ نہ پليا پنڌ ڪان!.

•

هي جو ڏَڪِي ڏارَ ڪي، ڪاٿَ ڪُٺو ڪائي،
موت بہ آلائي، مون ڪَي ماريندو اِئين!

•

هي جا اُڱهاڙِي، تَرِي راتِ تلاوَ ۾،
تنهن جي اڱياڙِي جهڙو پاڇو چنڊ جو!

•

منهنجي ڏيرِي تون، آڱَر اُيري آئِئين،
پنيرڪي جو پُون، ويئي تو ۾ وَيڙهجِي.

•

چڙ کو نانگ سنگهي ويو، آهي سارو شهر،
ٿي ويو پويون پهر، چو نہ اَچي ٿِي ننڊڙي؟

●

نيٺ تہ ايندو موت تون، ڪيسين ڪندين پوءِ،
هاڻي سمهي پوءِ، پِرهہ ٿي پارون اَچي!.

●

هُڙين هونگاريو، ڦُٽي باکَ بسنت جِي،
چا تنهن ڪيڪاريو؟ هَوَ جو آگم ٿو اَچي!

●

مون کي ٿَرَ تڪائيو، آنءُ وڃان ٿو هاڻِ،
تون ٿي وينو ماڻِ، روهيڙن ۾ راتڙيون!

●

نيرا نيَرڳَ، شام جو نيريءَ ڏوري تَتيَ،
پاڻيءَ ۾ جَن ڏٺي، آيا ڪکر اُپ جا.

●

* رات لُڏي لِيئا وڏا ، اُيـرِي پـوئـيـن پَـهـرِ،
چيا هِن هيڏي شهرِ، جرڪي تو ڪو جاڳ ۾!

•

جرڪـي جَڳَ ڏي موٽندين، ڪجهہ بہ نہ تيندو ناسُ،
سوِنَ وَنِـو آڪـاسُ، وَر وَر مون آئـت ڏئـي.

•

ڏِسُ هي سمندَ مٿان، مونِ ڏي ڪيڏا هَٽڙا،
بيک گهرُن مونکان، جيڪي اَنتہُ اَٿاهَـہ جـي!

•

ڏِسُ هو وِيرَ چَڙهي، اُيري ٽِي آڪاسَ ڏي!
ڪَڪَر ڪا نہ مَڙهي، ٺاهِي اُن جي ڪُـنـڊ ۾!

•

اَڄُ تہ ڪٿي بيهہُ، اي واٽـهـڙوُ واٽَ تـي!
چَنڊَ ڏنو آ چيـنهـہُ، آرهڙ جي آڪـاس ڪـي.

•

---

* لڏو= پوئين پهر جو اڀرندڙ تارو.

اُتـرڙي، جـي اوٺَ ۾، آءُ نـہ اُتـي ميـنَـهـن!
وَر وَر منهنجي نينهن، ڪَڪر چوندبيا ڪاڪ تان!

●

موٽي گهر آيس جڏهن، من ۾ سانيي مَندُ،
چَؤنري تائين چَنڊُ، منـهنـجي ڪَـڌِ آيو پٽـي!

●

تو ۾ آهـ، نياڻ،َ اُپُ آئـيـنـي وانگـيـان،
جنهن سان روجُهہ رَهاڻَ، ياٽِي پيئنڊي تو ڪري.

●

چَنڊ چيو مون لانڍِ، تنهنجي لاءِ لِڪـي ڏِٺـي،
پر تون ڪهڙيءَ ڪانڍِ، چَنڊ راتِ چَڏي وَٺين؟

●

چيا لئہ چندرمان، مون ڪان مُنهن پاسي ڪَـيُـءِ؟
مون تہ چيو "توڪان، مان ڪجهہ اوڏر تي وٺان!"

●

اُنَ ڪان ٻاهر ڄِل، هِي جو تُنهنجو مونگهڙو،
ٿوهَر ڦهريون ڳُل، سانجهيءَ جي آڪاسِ ۾.

●

ٻاٻيهي جو مان ٻُڏان، ڪَنڌيءَ ۾ ٻَڙلاءُ!
لوڙهو ٽَپي آءُ، ٻاهر ٿڌو وائرو.

●

ٿوهَر ڪالهه ٿِڙي پيا، مينهَن پيا مون مَڇُ،
وڃ وَڃ ٻاهر وَڃُ، سَڄ پئي توکي سڏي!.

●

رَڙي رَڙي ڪُونجَ جڻن، پوري نہ ٿي رڙ،
آهہ اچا ڪاوڙ، اُن ڪي پوئينءَ رات جو.

●

ائين وڏي وڏي وڏي اُڏارَ، ڪَڪَر وَڏا آئيا!
پَڪِي تنهنجا پارَ ، آنءُ تہ پانيانَ پونءِ ٿي.

●

ايڏو بادلُ بَسنگُنَ وَڻ جي چانو ڇڏي وَئين،
جيسين توهَر انگُ بوندون ٿيو برسات جوَن!

●

مون لئه منهنجي ڏوهتي، ڇا لئه روئي ٿي؟
ڇا لئه ڏوئي ٿي، گُلَ گُلابي ماڪَ سان!

●

آڌيءَ رات اُلاءِ، چاندوڪيءَ ۾ چنڊ جو،
جنهن ۾ منهنجو گهاءُ، اُپري ٿو آڪاس ۾.

●

هو جي گُلَ انارجا، شفَق ۾ آهن؟
مون کان ٿا چاهن، آڇا آنءُ ڪيڙي پوان!

●

*آچو ڪاڪينڊو وجي پيو واتَ تي،
جنهن کي ڪڪريءَ اُپ ۾ بيهي هيٺ ڏٺو،
ڇا هي مون کان پيو؟ آهي ايئن آچاڻ سان؟

●

* ڪاڪينڊو= هِڪ جيت جو اچو، سائو ۽ ڳاڙهو ٿيندو آهي.

مان پانيان هڙ ڪنهن پَسُونءَ آهي سياڳو ساهُه،
تو جو ڪاٿين ماهُه چا چاٽين ان ڳالهه ڪي؟!

●

* تون جو هَلائين، گيندي مٿان گوليون،
مُعني تو پاڻين، اِن ۾ ڪا هيمنگوي؟

●

پَرِي لاهي پيلٽِي، اُن هينان ليتي،
هُوءَ جا گهانگهيتي آهي گهاتيءَ چانو سان.

●

ايڏي اِينگهه نه ڪر، جو هر ڪو ڪَڪَ تي وَڃي،
چو هِي تون وَر وَر، چِڪين پَيو ڪوسَ ڪي؟

●

چا مان ان ڪي چنبِڙي، اجا ڏُکُ ڏسان؟
يا مان پوري ڪيان، پنهنجي هَٿ سان جندڙي؟

●

* هيمنگ وي= آمريڪا جو ناول نگار جو آفريقا ۾ شڪار ڪندو هو.

هاڻ تہ منهنجي جِندُ آ، اِئَن جِتَن ڏِني تو،
اگهائِيءَ ۾ چو، ان ڪي مان اينگهائيان!

•

ڪچهريءَ ۾ ڪانيَ مان، ڪَڍِيَ ڪونہ وِهان،
بستر ۾ چا ڪان، باقي گهاريان ڏينهڙا؟

•

موتُ تہ ٿوري ننڊَ، اڳي ڪان اڳرو ڪري!
وَرِي وڃندا اگِهنڊَ، موڙها تو لئہ مَٿّ مان.

•

چا ٿو چوي ڊاڪٽر، بَس بي وِڪَ نہ ڪڻُ،
مون ڪي؟ جنهن هَڻ هَڻ، هيڏي ڪئي راهہ ۾!

•

مان، سڪر جي پُلِ جا صَدي پراڻي،
سونَ وَنو پاڻي، پَويان پاچا سِجَ جا!

•

رات جُهڙالي، چنڊ جي توري ڏيکاري،
هيئان ريباري، ڏڪي پٽي گنديون.

•

جڏهن رويبون راتڙيون جڏهن چُپ چُپاتِ،
ڳوليندبون اڌ راتِ، مون کي نئي جون ڳليون.

•

جڏهن رُتِ رابيل جي ايندي نئي ۾،
تيندي نئي ۾، مون کي منهنجي ’مون‘ چُپي.

•

جڏهن رُت رابيل جي سڳنڌون تيندي،
منهنجي ٻه ايندي، مهڪ اوهان کي ماٺهوئو!

•

تاهي هر ڪا راتڙي، اڄ جئن مَڏُ مَئي،
هي جا ويلَ وَئي وري ورندي ڪانڪا.

•

روهيڙي ۾ رات جو، جڏهن ڦُٽا گُلَ،
تن مان ڪنديون هُلَ، ڪُوڪيون ڪيئي ڪويليون.

•

جڏهن هَرَڻ وِيَريءَ پاچا هيٺ پيا،
سمجهو، آنءُ چيا، بَرسِي نوان دوهڙا.

•

مان جو اُنِ جي رِيت جي ڪَڻ ڪَڻ ۾ چِمڪان،
مري پلاَ مان، ڪَيئَن ڇڏيندس ڇاڇرو!

•

تون ساڪِي آن سُجَ ۾ تَرِي باپيها،
مون جُي سنيها، ڏوتِيئڙن ڏي موڪليا.

•

گهاٽا سانوڻ مينهڙا، چَنّ متان چَچڪا،
اَڄ نه تي اَچَ ڪا، پرينءَ پاسي رات جو!

•

جَهڙو مُـجو مـڙس آ، تَـهـڙي راهُو رَنَ،
پـاڙي پَـڪـبـا ڪَـنَ، ٻُـڌِي واڪـا واءُ ۾.

●

آهي اُپويون چنڊُ هـي اڄـوڪـيءَ اڌ رات،
سُيان ڪاڻِي ماتِ، ڳوليندو مـون کـي ڳـليءَ.

●

چَنڊُ ڳِليُون مون سانُ گُهميون، اَڪيلو ٿيندوَ،
مون کـي تاڙِيندو، مـاٺـهـوئڙن جـي مـيڙ ۾!

●

جڏهن گُلَ گُلاب ۾ تڏهن سُگهنديءَ مون،
صديُن سُڳنڌُون، تُنهنجِي ڪَنديـون آجيـان.

●

آمـان! مَـتـِي اُيَّ ۾ پيـلـو گُـلَ گـلابُ،
ڪَنهنجو آهي خوابُ، جو ناهـي مُـرجـهـائِيـو؟

●

امان! مَتي أپ ۾ ڪَنهنجو هيءُ وِتو،
چا اِن کيرُ کَتو؟ مونکي لاهي اڏي پيئان!

●

* هي جو آهي هيڪلو، واريءَ پَتر گُل،
جڻ ڪا پيلي پُل، ڏرتي ۽ آڪاش ۾.

●

چا لئہ گهرجي کونہ تو، ان بُوٽي کي سِاتُ؛
آهي اِيئَن انات، واريا سِي جي وات تي!

●

اچي ويندو اوچتو، مَرڻ سان آرام،
هَرَڻ سان آرام، تارن کَيو ريت تي.

●

اَسُرَ أتي جئن ٹُڪِن، طوطا زيتونَن،
مون کي پنهنجي تَن، اِئن گهرجي آ جيوَ ڪا.

●

* پَتر= واريءَ تي پاڻ پيدا ٿيندڙ گلَ.

هي جو ڏرتي تي ڪِريو آ چچريل انجيرُ،
تنهن ڏي ٽِڪو تيرُ، آهي ٻُڪيو پارڙو.

●

ويٺا واهيءَ پَر، ڄَمون ميڙن پارڙا،
ٻُڪين جي چَر چَر، گونجي پَٽِي گهاٽ تي.

●

هيئَن نہ هيڙهو مُارِ، ڪانياٺيءَ سان ڪيت ۾،
تُوتَ تہ آڪيچار، ڪاٽِي ڪاٽِيندو گهَٽا!

●

لاڙي ٻَاتُ ڪِڙي پيو، پَڪِي ڪامي ۾،
اُن ڪي آمي ۾، ڇو نہ ڇَڏيو، تو ڇَنّ لاءِ؟

●

اُٽيا طوطا انبَ تان ڪري قطارون،
سايون اُڏارون، ٻَاڙهہ سَري آڪاس ۾!

●

هي نوريئڙو ڏارَ تان ڪِري پيو ڪُوهه؟
تو ڪيڏو پاپوھُ، اُن کي ڏسِي ڇُجيئڙو!

●

هي جو ڪاتَر پِپَل جي، ڳولي تي ڪا ڳوهَه،
ڇا ڇا ڏنيون لوه، سَٽون اُن جي ساهَه لئي!

●

مري پنهنجو ساهَه ڏي، پَکي ماٺوءَ جان،
پنهنجو پاڻ متان، اُن کان پائين اوپرو!

●

ڪاري اُپٽ قطارَ، آسُرَ اُٿي جهنگ تان،
وَهَين ڪَجين ڏارَ، لوچيا پنهنجي لوَن ۾.

●

ڪِتان اچن ٿا، موتُ پيو تن کي ڇِڪي،
وَلر وَهيَن جا، جاٽي پنهنجي پَنڌَ کي؟

●

* هِي جيڪو مَن موسِڙي آڏيو آڪيرو،
اُنهيءَ جو گهيرو آساڙي مانداڻ ڪيِ!

●

هُوَ جا نيري چانهه، ڪَنڌيءَ وِيٺي تي ڏسي،
انَ کي ڪائي ”آنهه“، آهي اڪيِن اوڏڙو.

●

** اڙِي ڊانديئڙا آڏي، اهڙو آڪيرو،
اهڙو سَويرو تون ڪاڏي اڏِري وَئين!

●

تون جو بنيءَ ۾ تِلِين، آڙي آچا ڪنگَ،
سوڙي سارِين سَنگَ، پاٽيءَ پوڙي پيرڙا!.

●

*** وَر وَر سانوڻ وِچّ ۾ جَهنگ ڪُڪِڙ جِهمڪي،
ٽانڊاٽو تِمڪي، ويندي اُن جي واٽ تي.

●

* مَن موسڙو= هڪ پکي جو لنبا آکيرا ٺاهيندو آهي.

** ڊانديئڙو= هڪ پکي، مَن موسڙو.

*** جهنگ ڪڪڙ= جهنگ جو هڪ پکي جو گهڻو ڪري زمين تي گهمندو آهي.

متان گهر تان گهورڙيو اِئن موٽايو تِي!
ڪٿي آيو تي، آسُرَ لوٽيون ڪارڪون.

•

سانجهيءَ ڳاڙها وَن، هاٿي ڪارا تي ويا،
طوطا ٿيُون ٿِيُون ڪَنِ، پويُون پِپلَ ٽارئين.

•

پکيءَ پکڻ ڪي، هاٿي ننڊ آچي وَئِي،
لوڏيو ڏکڻ ڪي، واءُ هندوري وانگيان.

•

ويچارا ويلا، ڪئن واڙيءَ ۾ ڪَن پيا!
پَڪَلِ ڪَريلا، دناڱِيءَ روٽِي باهِہ تي.

•

* ڪاري ڪڪر هيٺ جو، ڪونيارٿي ڪئي لَهر،
منهنجا ڪيڏا پهر، اهڙيءَ سُونهَنَ سَمائيا!

•

* ڪُونياريو= ٿَرِي نانگ جو هڪ قسم.

چانديءَ جا پازيب ۽ ڳاڙهيءَ ڇيٽَ پڙو،
سينهوءَ مَٿِ گَهڙو، لَهنديِ سِجَ جان نينگري.

●

واريءَ ۾ پرجي ويو توڙي هُن جو مُنهن،
چورِي، مونکي سُنهن، پو بہ ٻَري تي لُڪَ ۾!

●

*ٻَرِي ڏَنگيءَ جان، چورِي ڏِنگِي لَڪَ ۾،
لڳِي لُڪَ مَٿان، ڪونَاريءَ ۾ ڦُوڪَ جيئن.

●

لهرا ڪائن اوهَہ، تِن جي هينان بالٺيون،
ڪاريون راتيون روهَہ، آچيون آچِّي ڪير سان.

●

هيءَ جا تو ساڙهي ٻَڌِي، ان مان تنهنجو پيٽُ،
ڏکَ ڏِٺي جئن پيٽ چاندوڪيءَ ۾ سَمندَ جي.

●

* ڏَنگِي= سچو سون.

هي چا لئہ ماريو ويو هھڙو آتِ اَبوجھہ؟
جڻ گوليءَ سان روجھہ، تر ۾ تانهِرجِي پَيو!

•

ڪُٽنَب ڪوڙو ٽنبُ، ٽيڪَ آجائي اِنّ تي،
جيئين پکيءَ ڪنبُ، ڪِرندي سهارو نہ ٿي.

•

هر ڪوئي آ هِل، هَر ڪنهن کي چيڙو ڪپي،
متان لائين دِل، ماڻهوءَ کي ويجهو ڏِسي!

•

جيڏو ماڻهو ڏورُ، اوڏو پاسي آڪئين،
اُن کي ويجهو مورُ آڻِ نہ پنهنجي پاڻَ ڏي!

•

هاٺي پڇتايو، مون ٽُنهنجي مُنهن کي ڏسي،
چو مون ٺُڪرايو، تو کي جويَن ڏينهڙين!

•

آنءَ اهو ناهيان سَڪِي جو تون سمجهين ٿي،
ڇا لِئِہ ٺٺِپڻ ٿِي، منهنجي ’مون‘ جي وِيُجهڙو؟

●

آلا! هيءَ انسانَ، ڏوراتهان جي ڏيئَڙا،
ويجهو سڀ نادانَ، انداهيءَ ۾ اوجهرا!

●

مٿان ماٺهوءَ سان، ڪو لاڳاپو ڳنڍئين!
ڪُتي سانُ اُن ڪان، آهي ويجهائِي چڱي.

●

ماڻهو مَنجهہ بَگَهڙُ، ڏَند ڇُپائي تو رکي،
جيڏو هن سان وَڙُ، ڪَندين تو تي گُرڪندو.

●

تَنهِن سوا آدمي آڪيون ڪَدِنِ اِيئَن،
ڪانوَ نہ ڪدِنُ جِيئَن، مُردو ڏِسي هيڪلو!

●

متان ميان ويچَ، آجو سمجهين پاڻ کي!
ساڳا تو لئہ پيچَ، آجُ نہ سيان اوچتو.

•

* موٽ پيو تو ڪَندريءَ، جئن لُئن ڪانڊاري،
جيسين ڪو ماري تيسين چَئن نہ انگڙا.

•

ماري مڇي پوپري ۽ هي سُرمائي،
** ڪارو، راڄائِي وڃن پيا واٽ تي.

•

*** هي جا منهنجي ڪيلسِي، متان ڪاهين تون!
متان چاهين تون، مون جئن مَڇيون چَنب جان!

•

باهر ڏاڍيون اوڙڪون چُپ اوڙو پاڙو،
سيءُ، هَوا لاڙو، سِگريءَ پاسي ڳالهڙيون.

•

* ڪَندري= منگهر جو قسم.
** راڄائي= مير بحرن جي ذات.
*** ڪيلسي= پيڙي جو قسم.

* وَسِيَ ويو اوڪجي وِچ نہ سي واڪا،
چِنَن چُٽاڪا، اجا آلِيءَ ڪَٽَ تي.

●

تنهنجي آؤچائِي وسري سگهندي ڪينڪِي!
بيهه تون جائِي، ڪَنس اسان جي ڪُڙمَ ۾.

●

** اُرڙي، اوراٺو، سَپَ ڪي روجُ رڳن ۾.
پارَ لڳي ساٺو، ڪيڏو آمڙ هَنجَ ۾!

◉

اوهيري جِي اوڪَ ۾ پيئيءَ چُنيءَ ساِن،
آئي آنِهہ ڪتان، پاڻُ ڏَڪينِدي پاڻَ ڪان؟

●

ڪيڏو وَٽِي ٿِي، وَنِي آسوءَ مينهَن ۾
جڏهن ڪٽِي ٿي، آليءَ چوليءَ گهاگهريون!

●

---

* اوڪڻ= مينهن جو وسڻ.
· چٽاڪا= برسات کانپوءِ چِنن مان جي ٽڙا ٽڙا ڪرندا آهن، انهن کي چٽاڪا چئبو آهي.
** اوراٺو= ارڙي هتائڻ لاءِ ديويءَ جي ساراهہ ۾ گيت.
ماس= مهينو

آج ڪلهہ بَدِي ماسَ ۾ ڪَڪرن ڪيڏا رَنگ!
* ڳاڙهي پيلي وَنگَ، ڏس هو پائوريءَ مٿان!

●

ڪَتِي جا ڪاڙها، پگهر آلي چولڙي
** پِٺ مَٿان ڇاڙها ”چانهولي“ جي چانوَ ۾.

●

*** آسوءَ ڏاروڙا، آليءَ چُنيءَ ٽِلنگريءَ
ڪَڙڪائي چُوڙا، چوتا بَڏا سُڪ تي!

●

واري ڳاڙهہ سَري، پاٽي ڇُهي مينهن جو
لٿي سِجَ بَري ڀهراڙي ڀاري پَٽي.

●

آڪيون آج آتڪائيون، اُن ۾ پاڙي اِيئَن،
مينهن وَساڙي جِيئَن، هي جا توسان جوئڙي!

●

* پائوري= وڻ جو نالو.

** چانهولي= ڪَتيءَ ۾ سج اڏو ڪڪر اچي ويندا آهن تہ وقتي چانوَ تيندي آهي جنهن کي ’چانهولو‘ چئبو آهي.

*** آسوءَ ۾ اڏ ٻنيءَ تي مينهن وسندو آهي، اڏ تي نہ وسندو آهي تہ اُن کي آسوءَ جا ڏاروڙا چوندا آهن.

رِيڏَل ڪيڏا سمندَ تي آهن هوءُ اُن سان،
پُسيل واريءَ مانِ، گَهرِ تاهِن تا ٻارڙا!

●

* پيرَن ڳاتا جڻَن وِجهن سَنگهَر سڀ چمارَ
مان ۾ تنهِنجي سارَ، اهي آهڙي ڳالهڙي.

●

هي جيڪو آڙنگُ، جنهن ۾ ڪَڪرن ڪُنگرا.
ڇا نہ رسيلو رنگُ آهي تَنهنجي چوٽِئين!

●

ڳِجُهن ڪيئَن ڏٺو، پريان لوڪَڙ لاش کي،
ايڏو ولر جو، ڪَنو تيو تارئيِنِ!

●

** پَلر ۾ وهنجِي، آرايون گُهوري پئي
۽ پو سوچي ٿِي، هاٿي هوءَ ڇاتِي ڪٿي؟

●

* ڳاتا= ڪسي وجڻ جا نشان.
سنگهر= زنجير.

** پلر= ۾ وهنجڻ سان آرايون لهي ويندي‌ون آهن.

ساڳو شاهه لطيفَ هو جُهڙُ ڏنو جهاتي،
مکڻ منجهه ماتي آلا اڄُ نه پَو نهارئين!

•

* ڪِيرَ ڪتورو پِرپِ جو ٽِيڙِي لوهائين،
متان ائن پائين ڦِريون ڪَڪائون جهوپڙيون!

•

وسڪاريءَ ۾ جهَڻ گهٽي، گايون جَهنگَ جُهڙَن
ماروئڙيون نه مُڙن واٿهڙوءَ ڏيندي وَنو.

•

** سوٽا، ڏارو گُوارِ جو، ڳاڙهه، سياريءَ شامَ،
لوڙياريءَ لامَ روهيڙي جِيَ هَٿَ ۾!

ڪيڏا گهاٽا ڏهر ۾ آهن روهيڙا،
متان اوهيڙا، وينا آهيون واٽ تي.

---

* ٽيڙي= ڏوئي.
** سوٽا= گانئين کي گوار جو ڏارو وجهبو آهي.

چوٽي اڇا گلڙا ڪونہ وڇهن تا پَنگُ،
ڦناوِيزي رَنگُ تُنهنجي آهہ قميص جو.

•

ڪراچيءَ جي ڇوڪرِي راجستانِي رَنگُ،
هَٽنِ پيون ڏنگَ، هر ڪنهن کي تَنهنجون چُنيون.

•

ڪارونجهر تي ڪيترا گهانگهيٽيءَ جا وَڻ،
ڏاتواريا ساوَڻ، نينڊن پارن وانگيان.

•

گهاٽي وِڻ جي پاهران سِجَ پئي ساڙِيو،
اندر سُوٽاڙيو ڪيڏو سهٽو تو لڳي!*

•

ڪارسرا گُوٽَڙ، هونءَ تہ گَڏُ گوڙهيار ۾،
ڪندا ڪيڏا لُڙَ ڪَنڊيءَ تان اُڏري ويا.

•

* سوٽاڙيو= ڪانڪٽو.

وِيَرِين تي آيون، ٻهڙا ڪٽي ٻائڙيون،
* مُنهن اِئن مهڪايون، جيئن ٻائوري تاڙيون!

●

لَمِي لُڏيون واءُ ۾ گهاٽگهيٽيءَ لامون،
** سِج آيون سامهون، مالهارِي اڏري ويا.

●

تون در ڪوليندو تہ ڪَر، اِيئن اکيون پوري،
گُگهہ پيو گهوري، مون کي هِن مانُهوءَ منجهان!

●

ڪَنهنکي بيداري، ڪِٿي؟ چَڱو ان کان خواب،
ايڏو آهہ عذاب، هاڻي مون لئہ زندگي!

●

اُتي اڄ لنگور جت راجائون راڻيون،
ڪيڏيون ڪهاڻيون، مون وَٽ رَاجستان جون!

●

* ٻائوري= ٿر جو هڪ وڻ.
** مالهاري= پکيءَ جو نالو.

* هي جي ڏينُو واءَ ۾ ٻڙَ مان ڪرن تا،
هَڙُ مان ڪِرن تا، ڏِسُ ڪيڏي سنسار جي.

•

هيرَڻ ٻُوٽا ڪوهَه تي ڳاڙهَه سَريون تارِيون،
پَريان پَونهارِيوں گهڙا چاڙهي چيلهه تي.

•

پاڻيءَ لوٽو پاڙَ ۾، تُلسيءَ ٻوٽي ڪي،
** جنهن پرسان جَرڪي هن جي ٻانهي عاج جي.

•

چُوڙا ڪُوڙا ڪچ جا ڪَرائيءَ پائي،
وارن لسائي، ٻانهون ڪڙڪائي پئي!

•

ٻُربل جِئين ڪوڙڪيءَ آ ڪائِي قاتي؛
منهنجي تو سان ٿي، پريت ائين آ اوچتو.

•

* ڏينو= ٻڙ جي وڻ جو ڦر.
** نوٽ= ڪنهن وقت عاج جي ٻانهين تي سونا پَتَ چڙهيل هوندا آهن.

تن جي ڳِچين هَسليون، لؤنگن جا ڪنٺا،
ڪَراين ڪارا، سج ڏسي شرمائيو.

●

* هٿن ڪڙهوليون اِهي، ڪنن ۾ ڪُڙڪون
ها پر اجا تون، ننڍي آهين نينگري!

●

** چوريِ تُنهنجيءَ ڪَنجريءَ پَرت نہ آهي چو!
چا هُو جو تُنهنجو، ايڏو جلديءَ ۾ هيو؟

●

توتي نَتَ سُهاڳَ جي پَريان جَهرڪا ڏي،
چوري تون ڪاڏهي اٿي آڌيءَ رات جو؟

●

چِترڪاريءَ جئن لِڳا، تي سارا جَهر جَهنگ،
ڪيڏا رَنگيءَ رَنگَ بَدي واري مينهَن ڪي!

●

* ڪڙهوليون ۽ ڪڙڪون= زيور جيڪي وڏوائون پائينديون آهن.
** وڏوائون بِن پرتَ ڪنجريون پائينديون آهن.

جيئَن چُڱنـدي ڪـارِڙو تِـتَـرُ تِيـئيـن تـون.
لڳ لڳ ڏِنيون مون، تو مِ آهڙيون ڳالهڙيـون.

●

جيسين قُدرت ڪانہ ڏي توکي پـوپـٽَ پَـر،
توکي کهڙِي ڪَر، ڪپرُ رُئي تـو مـاڪَ مِ.

●

* پَرتي نَـنـڱِي نيـنـگري نَـرِيـاسـر تـلاءُ،
پُرسان پيڻ نـہ ياءُ هيـڏي هـوڏي تـي ڏسـي.

●

سانوڻ ڪَڪَر جِيئَن، تون جا ٿَهلپَنَ تي پِئي،
وِڄ نـہ آهي اِيئَن جِيئَن تو مُـنـدِي- چِـيـچ مِ.

●

هٿ مِ چانديءَ جو چَلو لُهاٽِيءَ لَـهـڪـي،
ڪـنـوڻ تـي ڀَـهـڪـي وَر سـارو وَلـهـار تـي.

●

* نرياسر= ڳوٺ ڏونگري وٽ تلاءُ.

* آنگونن آنگونيا پاپڙين ۾ لُڙنگ،
ڏِسي ڍولي ڍونگ وارِي ڪوتي پيَرَ سِاڻ.

●

** ٻُنديون ڪلا باتِ جو ڪارڪڙيون پائي،
آيونِ آلائي ڪنهنجي راتِ وهانوَ تان.

●

روهيڙي تي راتِ جو ڪيڏي ڀني مِاڪَ!
ايڏو جلدي تاڪَ، ڇا جي لاءِ ڇڏين پيوُ؟

●

چون پيا مَتَ، "اجا مَڌُ ڪُتو نہ آ،
ڏوگهہ اجا هي، هَتَ ٻَنيرڪي جو پوتِبا!"

●

پيا ستارا، اِجهو ڏِسَن اُيَ مان،
تو اي متارا، چُڪِي چَڪِي ڪيتري!

●

* آنگونيو= ٻُندي،

** ڪارڪڙي= ٽري زيورن جا نالا.

سُڪي وَئي جُنئَن وِيَريءَ تَر جي ساري ٽِجُ،
نہ ڪا آچُ نہ وِچ، نہ ڪي پانڌِي پارَ جا.

●

متان ميندي ءَ ڪيٽ جي پِيلو پوپٽڙو،
ڪيڏو اُڏِري تو، پُٽ تان ڏسي پارڙا!

●

هي جو نينگرڙو پيو سرنهن ۾ ڦولي،
پوپٽڙا ڳولي پيلن گُلن وانگيان!

●

ماڻهوءَ جي دل تاڪُئين نازڪ شيشي جِيئَن،
اُن سان ڳهارَيِءِ ڪِيئَن، ايڏا جِيون ڏينهڙا!

●

تو ڪي جي بي عيب آ قدرت بڻايو،
مُنهن چو ڦيرايو، بي ڪئي تو اُرڙي ڏسِي؟

●

تون ٻہ تہ سمهي پئُہ، ڪيڏو مون لئہ جاڳندينءَ؟
ڪيڏو تو کي پئُہ، آهي مُنهنجي ننڊ ڪان!

●

هي جا عين عذابُ، آهي منهنجي جندڙي،
ايڏو ڪَڙو خواب، ناهي مِنيءَ ننڊ ۾!

●

آنءَ تہ اُگهيو لَڙڪ کي تو ڪان لِڪائي،
تو کي آلائي، اِن جو ڪِيئَن پتو پيو!

●

هي جي سَرءُ ڏينهڙا، تن ۾ پينيوريون!
ڇا لئہ ٿيون ڇوريون، پنهنجو پاڻُ پتوڙيو؟

●

مينهوڳيءَ جي رات ۾ ڪوئي تانداڻو،
پُلي ويو پاڻو، هيڏي هوڏي تو رلي.

●

هُو جو وِهائُو، ڪويَل جئن ڪوڪي پيو،
ڪنهن کي ڪَسُ لائو، آهي اُن جي ڳالهڙي!

●

ٻُوسَٽَ ويرو تارَ آ، جِت نه هوا- گُهلَ،
ڇا هُيءَ تُنهنجي ڀُل، جو مان هت پيدا ٿيس؟

●

مونجَهه وڌائي مورڳو، اُتي تنهنجو مَنگُهه،
جت نه هوا لنگهُه، جت نه پَڌر وائڪو!

●

جِت نه تِمَن ٻُور، جت نه سِرَنهن چانورو،
تتي ڏينهن ڪلُورَ، اُت گهاريندين ڪيترو؟

●

اي تاريلِي تَڪِجّي تَڪّ پيا لاهن
پوڙها ٿيا آهن، هاڻي مُنهنجا هَڏڙا.

●

آچا گهٽا ڪوسَ تبو، ٻنيءَ جو پرٽا؟
آچا تو ڪَرٽا، ڪنهن جا، ڪنهن جا تؤنڪرا؟

●

پورنما جو چَندُ تو، آج لُڙهي پيو لاهيَ
لپڪي لهريون واهيَ، اُن کي اپنائين پيون.

●

پوڙهيءَ چيڙهاليونُ چَڱون جن ۾ ڪجهه جُوئان،
ءِ اوُئان اوُئان، پوتي هُنِ جي جهول ۾.

●

ميان! مُنهنجي چاڪڙيءَ ڏنا جي ڏونگرَ،
آچا پکيءَ پَر، تن تي پهتا ڪينڪي.

●

هيءَ جا ڏرتيءَ ڏيئڙي، مينهن ڏُهي پيئي،
اُنهيءَ جون بيئي بانهون آچي کير جان!

●

ڪِڏهن ڦُڙو ماڪَ جو، ڪڏهن گلُ گُلابُ،
مان جو خوشبوءِ خوابُ، ڦلواڙي ڪي ڪٿن ڇڏيان!

●

سَگَهائيءَ سپ ڪو پرين، آگهائيءَ ڪو ڪو،
متان اي لوڪو! مونکي سمجهو پورڙو!

●

پَڪي پِرَهه جا پَيا پاهر ڇُون ڇُون ڪَن،
ڪَمري ۾ مُون مَن ڪيڏا قِبولَ ڦُلارِ ۾!

●

ميان، بيماريءَ بسترو، آڪيلائيءَ آرَ،
پوءِ به تُنهنجي سارَ، ڇا ڇا ڏَڏِ ڏئي وئي!

●

* ايڏي اوسي ۾، اوسي پاسي ڪي ڏسي؛
راهي ڪوسي ۾، واٿهڙي تاڙِين پيو!

●

---

* اوسو= ڏاڍي اڃ.

بيماريءَ ۾ آسرو، تون ڪهڙو آهين؟
جڏهن تو چاهين، مون آڏو ڏين بسترو!

●

هيءَ جا بُتي بائڙي ڪيڏو وٽي تي،
ڳهٽا ڳٽي ٿِي جنهن پر ڪُوجهي پينڙي!

●

پُٽَ سدا چاهين بابو ڪڏهن تو مري؟
ويهي وِراهينِ پئسو هن جي لاش تي.

●

ڪوڙو هي وهنوارُ، آ ساري سنسارَ جو،
ڪوئي زال نه يارُ، تنهنجو آهي موت ۾.

●

هيَ سَيئي ڏيکاءُ آ، پِرينءَ پَچُاٽو،
ڪوئي وَيڳوٽو ناهي تو ويندو ڏسي.

●

تنهنجا ڳوڙها وِيا سُڪي، اُگهي اکيون مَل،
تو جئن پلئون پَل، وَستي ڪا وانجِهي ٿئي!

●

بيٺل سان هر ڪو بِهي، ڪِريل ڪوئي ناهِ،
ڪنهن سان ناهہُ نہ ناهِ، سنگِتي ساٿِي اوپرا.

●

هي جو تنهنجو بارَ سان ٻاهر تورو پيٽُ،
هوندو آهي ٻيٽُ، جيئين نديءَ نِير ۾.

●

تورو نہ تورو ڪڏهن ڪنهنجو سمجهانءِ،
اُن ڪان وَڏ ڏجانءِ جيڪي هُن تو کي ڏنو.

●

* لوناولا، شام ۾ سِجَ لَٿي ڳاڙهاڻِ،
پهاڙيءَ ساواڻِ اونڌهہ ۾ اُتري وئي.

●

---

* لوناوِلا= بمبئيءَ کان ستر ميل پري پهاڙي اسٽيشن.

* هي جا ناريُ ڪونڪَنيُ ساڙهيءَ لانگَ بَڌِي،
مَچِيُون ڪونہ ڏسي هُن جي پِنيِن جي پَليُونَ.

●

** تَريلُ پِٿُون پليٽَ تي ڪاجو ۽ فيني،
پرياڻ هو جيني، مُون ڪَي تاڙِي تو ڏسي!

●

هُو جا برف پهاڙَ تي جنهن سان چاٽيل وَڻ،
جڻ ڪي رِڏِن ڏِڻ، آهن رَيداڙن بنا–

●

آنءُ نہ جوين ڏينهڙا ڏِٺا تو وانگر،
ساوڻ جي سَر پُرِ، جهڙِي ميگهہ ملاڙ ۾!

●

ڇو تو هي گگدامُ ڇُريءَ هينان آڻين؟
خامُ، خيالِ خامُ، ڪهڙو تنهنجو آڇپو؟

●

---

* ڪونڪَنِي= ڪونڪن جي رهندڙ، جي گهٽو ڪري ڏاڍو پورهيو ڪنديون آهن.

** پِٿُون= پامفريٽ مڇيون. فيني= ڪاجوءَ جو شراب. ڪاجو= ڪاڇا.
جيني= جين ڌرم جو پوئلڳ.

هي جيَ وڻ وڻڪار جا پَنَ پيا چاڻين،
ڪتان تا آڻين ڦوٿهڙي جا ڏينهڙا.

•

* هي جا آمڻ بير، جنهن جي ڪاني ڪٽ جان،
پوءِ به گهٽي دير، واچوڙي سان ويڙهه ۾!

•

هر ڪوئي بيزار، ايڏي بيماري ڏسي،
ڪوبه نه آهي يار، اڳتي منهنجي پنڌ ۾.

•

تڪڙ ڪهڙي آهه، ويهي رهو باهه تي،
ڏيئي جهڙي آهه، جُهڙ ۾ تم تم راتڙي!

•

هي ڪهڙو جيئڻ، فقط آچ وَچ ساهه جي!
ڪائي مڏ پيئڻ، تو ڪي ڏينهن ڪينڪي.

•

* آمڻ بير= بير جو قسم جا تر ۾ تيندي آهي.

چَتُونءَ جِئَن چَهڪين، تون جا پَٽِي تارِئين،
بَهه بَهه تي ٻهڪين چڻ سانوڻ ۾ نِمرُ جانِ!

●

ڪانڦَلُ، ڪيسر هَٿ ۾، هُرٻو توڙي جاڻِ،
تو ٻوٽ آهن هاڻِ، هٿَ واٽيا آڳُ جئن ڪتي؟

●

* ماري آيونِ واهَه مان گندڻَ ۾ گوجُون،
مُهاٽيون موجون، لُڏنديون اچن لاڏ مان.

●

ٻهراڙيءَ جو ٻولڙيا، تتر آهين تون،
ڪئن تو چاهين تون، بَازيون ڪرين باز سان!

●

** ڪاري رسي، پاتئي متان سڙءُ چند،
مَنڊي پيون منڊُ، گُهلي پيو وائُرو!

●

* گوج= ميڇيءَ جو قسم.

** ڪاري رسي= پاتئي متان رسي.

*اوليءَ رَسي تي، ڪِينو ٿو ڪانڊارجي،
**ڪيڏو ڪامَهہ ڪي، آهي زوز سمونڊ تي!

●

***تون جو ماريَ پِيڻ کي، تيلُ ڪڍي آئين،
دل ۾ ٿو پائين، ڏيندين ڪنهن سوراڻِتني.

●

مون جِئَن ڪَنهن جهُڙ لاٿيا، پُڇ ته تون پاڙي،
سِجُ نہ ٿو ساڙي، تون ٿو سَڙين ساڙَ ۾.

●

ڇو ايڏو يرقان، تنهنجي اکين آئيو؟
آهہ اُتاهون شان، منهنجو هر ڪنهن ڪان مٿي.

●

ڇا تون ساڳي آنهہ هِي تُنهنجو بدِاپو،
۽ تنهنجو آپو، جو نہ جُهڪيو آ تو جيان!

●

* اوليءَ رسي= اوليءَ ۾ رسي ٻڌبي آهي.
ڪينو= سمنڊ جو هڪ پکي.
** ڪامهہ= سمنڊ جي تيز هوا.
*** پيڻ= (Pelicon) سمنڊ جو هڪ وڏو پکي، جنهن مان تيل ڪڍبو آهي.

* ماڻهن ميڙاڪي جيان جڻ آهي ڀَن چَڻَ
ٺُٽِي ٿالهيءَ وَڻَ، ڀِياڻيءَ ۾ ڀاڇا وِڌا.

●

ڍوري ڀرسان ڪيرُهي ڪَپِي، پيو ٿڙُ،
جنهن جي مٿان لُڙُ، وَلِر ڪَن تا واءَ ۾!

●

هي جي سرءُ واءُ ۾ ٽنڊي پيا ها وڻَ،
انهن تي سانوڻَ ڪيڏا ڳونچ ڦلاريا!

●

ڪري ڀَڳي ڪونجَ، فيرُ ٿيو بندوق مان
آيا جنهن جي گونجَ ڪيئيءَ ڪَري ڪُوڪرا.

●

هي جي اُتر واءُ ۾ جهولن پيا جهاڙَ
جڻ پينگهي ۾ لاڙ تنهنجي ڪيئي پارڙا.

●

هاڻ نہ ساڳي هوڏ آهي ٻٻر ڏار ڪي،
پَنَ ڇڻ ڪان پو لوڏ ڪيڏي اُتر واءُ ۾!

•

مُوري پَتي پاڙ مان، پئي ڏوتائين،
نيسر هينائين، اُن سان ميرا هٿڙا.

•

ڪائياڻي تہ ڇڳي، جي تون پڪي هَڪلئين،
ها، پر هيءَ لڳي، جِهرڪي ڏرتيءَ ڏوڙ ۾!

•

آ ڪيڏيءَ وٽڪار جو ڪنڌيءَ تي ٿهلاءُ،
ڪَنڌيون، اُتر واءَ، پاٽيءَ پاڇا لوڏ ۾!

•

هاڻ تہ سُمهي پَئہ پلا، ٻارنهن لڳا تِي،
ڪيڏا پَڳا تِي، آرسَ موڙي انگڙا.

•

مون لئِہ تُنهنجيءَ ڏيءَ ۾ تُنهنجو پاڇو هو،
ڪَچيءَ ٿارِيءَ جو، جئن لڱاپو ٿُڙَ سان!

●

توکان موٽائي وَٺان جيڪر جواني،
پنهنجي مَن ماني، جي مان ڪيان موت سان.

●

هي جو ڪنڌيءَ ڪامَ تي ٽِترُ تو ٻولي،
چِترُ تو ٻولي، جڻ ڪوئي آڪاس مان.

●

ڪڏهن چيريندي؛ ڦاڙهو ماري جهنگ ۾؟
ڇا تو بگهڙ کي، آهي سوچيندي ڏنو؟

●

هي جي نموريون اڇا ننڍيون نِمُ ۾،
اُنهن تي گهوريون سڀ پِيڙائون پوهَہ جون!

●

ڪيڏو وِندرايو پَٽئي پار ڪِلي توڪبي،
مور تِلِي توڪي، ايڏو وِندرايو ڪڏهن؟

●

سِجَ سدائين تون، چُپندين منهنجيءَ چانوَ ڪان؟
سارو جِيوَن مُون، گهاتو بَڙُ تِي گهاريو.

●

ڏُتَڙَ مون تو لاءِ، سارا سُتَڙَ واريا،
*هوڙي هيل هَواءِ ڏاڍِي ڏُکي تِي لگي!

●

ساري رَبّ سَماٽَ وِجهه تون بيڙي پار پِر،
**ساتائو وِجهه رَچّ پِر جڏهن پوي ماٽَ،
***ڪيڏي ڪامَهه ڪاٽَ اتر اولهه ڪان آچي!

●

****راڄائي، ٽَئي مورَ، گِهڙيا سپ گهاڙيٽَ پِر،
ڪيڏا ڪامَهه زورَ، ساري رات سُڪاڻ تي.

●

---

* هوڙي= بيڙي.

** ساتائو= هوڙي جو قسم

*** ڪامهہ= ڏکي هوا جا اتر ڪان لگندي آهي.

**** گهاڙيٽ= وڏو بيڙو.

راڄائي ٽَئي مورَ= سماٽن جون ذاتيون.

* ڏونـڊِي نـہ ڏوڙاءِ اڳـڀـي تِـکـو وِهـڪـرو،
مـتـان تـيـز هـواءِ تـوکـي ٻـوڙي تـارَ ۾!

•

**ٻَڌي سِين ڏاٽي، سڙهہ چاڙهي پَرماڻ تي،
سائين، تون ساٿي، اُپ گجي، کامھہ گهلي.

•

*** ڪوئي پکيئڙو، کَنيو آهي يا کُرو!
کيڏو کوهيئڙو، ڳِرئي کُجھہ نہ اُڇهي.

•

مڇيون تيون لوٽين مِياڻيءَ تي نينگريون،
پرسان ولوڙين، ماهيڙياڻيون مَنڌيون.

•

هي جو کَڙکيٽڙو کري تو چمڪاٽَ،
آهي ان جي واتَ، کيڏي کاري جهنگ مان!

•

* ڏونڊي= ٻيڙيءَ جو قسم.
** ڏاٽي= رسي جنهن سان سڙهہ ٻڌبو آهي.
پرماڻ= لڪڙو جنهن سان سڙهہ ٻڌبو آهي.
*** کنيو ۽ کُرو= سمنڊ جا پکي.
ڳِريو= ٻيڙيءَ جو حصو جو هوڙي جي مَکڙي ۾ وجهندا آهن.

* گُلن جهُڳيتا ڏِير ڪي سُرهيونئ سُرهاٽيون،
ڪيڏيون رَهاٽيون ٿو سان ڪنڌيءَ سمنڊ جي.

●

تنهنجا ڳَل بہ ڳَل، ڪهڙي گُلَ گُلاب ڪِي؟
جيءَ نہ آئي جَهلَ، اڪيون پَريون ماڪَ سان.

●

مون جو تُنهنجا چَپ، چُميا پَئي ننڊ ۾،
ڪهڙيءَ نديءَ ڪَپَ، مِليا پئي پاڻ ۾؟

●

هي تنهنجو ياڪُرُ، مون کي ٽانگِر وَلِ جئن،
چڙ مون ڪلهہ لاڪُر، هُري پيو هانو ۾!

●

ڪيڏا ڪومل باک جِئن، تنهنجا ڳاڙها ڳَل،
توسان پيارا پَل جهڙا جُهلڪا هير جا.

●

* ڏير= هڪ گاهہ، جنهن جي چوٽيءَ ۾ گلن جو جهڳٽو هوندو آهي.

ماں ڳوڙها تون ڳلَ، ڳُجهي پنهنجي ڳالهڙي،
جيءَ نہ اچي جَهلَ آندرُ سَڀُ اوتي ڇڏي!.

●

تون منهنجي محتاج يا مان تُنهنجو محتاج؟
ڏس! مون ڪيڏو عاجُ، جنهن مان تنهنجون چوڙيون.

●

ڏسندي ٿي تو کي ٽِيو، هينئون وَسِ نہ مُون؛
مون کي ڇا لئہ تُون، اِيئَن نهاري تي ڏِسين!

●

نِرمل ناريون، ڇڻ جُهڪيون پاڻيءَ ۾ تاريون،
ڇڻ ڪنهن ڦُلاريون، وَر وَر منهنجي واسَ لئہ!

●

ڪٿان آيون سَڀُ، پَل ۾ ڪولي مون ڳِلو؛
مون پَرچايُون سَڀُ، وڇوڙا واري ڪري.

●

پنهنجو پاڻ آچن، لوڙهو لاهي وقت جو،
گڏجي ناچَ نچن، مون ۾ ڪيڏيون صورتون!

●

هوڙي هِي مَن– موهٽي تون ئي تہ آهين!
تون ئي تو ناهين، مون لئہ اهڙيون مورتيون.

●

نينگَرِ ڪهڙي ڪُلّ ماں؟ ڪيڏِي پياري آهہ!
ڏارِي نارِي آهہ، پوءِ بہ چڻ پنهنجِي لڳِي!

●

سُڳا سِئِي سيڻ، جن جون آڪيون اوڏيون،
توڙي ياءُ نہ پيڻ، پوءِ بہ پنهنجائِي لڳا.

●

اهڙي سونهَن نہ اگ ڏني! اِڙي، آلاڙي،
وار تہ بَلا ڙي، ٻانهون گُلن ٻارِيون!

●

اڳ نہ مون وٽ ايئَن، تو سان پتيءَ مينهڙا،
ساجهر سانجهي سِيئَن، آئينءَ ڪري اوڙڪون!

●

ڪيڏيون ڪري اوڙڪون، وَٽ تَٽ وَسايئہ،
ڪَهل نہ ڪا آيئہ، لوڙهي منهنجي ننڍ ڪئي!

●

تُنهنجيون مُنهنجون ڳالهڙيون ڳهلي ڳوٺ ڪيُون،
جنهن کي چَنڊَ چيُون، آءٌ تہ چَپَ ٻُوتي چَڏيا!

●

آنءٌ نہ سمجهيو هيتزو تيندو تن تي هُل،
آنءٌ تہ تو کان ڪُل، چارِ چميون وَرتيون هيون!

●

هَلُ، تہ هَلُون هيرَ جان، ڳولهيون ڳوٺ ڳَليُون!
جن ۾ ڪالهہ هَليون، تُنهنجون مُنهنجون ڳالهڙيون.

●

تون جا توريءَ دير لئه، مونکان ڪلهه وسرينءَ،
ڇوُ تو بي سان ڪيئَن، گهاريا پنهنجا ڏينهڙا؟

●

ڪِئن اُيري تو ڏينهن ۾ ڪئن گذري تي راتِ،
مان ۾ تُنهنجي تاتِ، پيرِ اڄا ڀي پَنڌَ ۾!

●

ماڻهو، تنهنجي پيار ۾ ڪالهه هيس مان ٿُبُ!
هاڻي ڪيڏو ڪُبُ، مون ۾ آهه نِراس جو!

●

ماڻهو تنهنجو پيار جا، تون جيڪو رت پُونءِ،
تُنهنجي هينانءَ پونءِ، تو لئه تَڪي ڪيترو!

●

اِهي ٻه تي ڏينهڙا ڪٿي هُئينءَ تون؟
ڪيڏو ڳوليا مون، تو لئي چارا چَنڊَ جا!

●

آجـائـي ويـئـي، جـيـڪـا تـو بن راتـڙي،
ڏِڪَ وري ڏيئي، ڪَتيُون آٽيـنـديون ڪـتـان؟

●

تـون جـو آڏيءَ رت جـو مـون وٽ آئي آنِهـ،
پيهَ سَمائِي آنهن ڪنهن ڪارڻ منهنجي ڳِـري!

●

ڇا لئي مُرڪِي آرسِي، ڏِسي تُنهنجو مُنهن؟
مون کي تُنهنجو سُنهن، مان توکي سچ ٿو چوان!

●

تـون ناهين اُٺ چـاڻِ منهنجن بانهن کان ٻَڙي!
پوري! مُنهنجي ياڻِ، ڪيئي ڪاتِيءِ راتڙيون.

●

تـون جـا منهنجـيءَ گـود ۾ هَـلِـي آئين پـاڻَ،
تُنهنجي اڳين چاڻَ، جَرڪي منهنجي جـاڻَ ۾.

●

ڇا تون منهنجي ياڻَ، اڳ به ڀُرينءَ ڀاڪرين،
مون ۾ تُنهنجي جانِ، آهي جڻ تہ وجود ۾.

•

تُنهنجو ماسَ ڇهاءُ، منهنجو تَنُ ويڙهي ويو،
صدين جو سوداءُ، جاڳي پيو جيءَ ۾—

•

تون جو پيار منجهان منهنجي ڀاڪُر ۾ ڀُئين،
تنهنجو مَتو مان، ڇاڻِتَ ڪَڏِي چُميو.

•

ڀَهريون تو سان پيار ۾، تُنهنجي چَڱائي،
پو ٻي مِٺائي مونکي جا تو مان مِلي!

•

هِي جي تو سان پيار جا، گهاريم ٻہ ٽي پَل،
تو کي کهڙي ڪَل، مون ڪئڻ جوتيا چندٻ سان!

•

نوڙي جيئيءَ نرس اڄ اسٽيٿسڪوپ سان،
اَن جي ڇَپَن ”ترس“، ڇيو مون کي ڇُٽِي ۾.

●

ڊاڪٽرياڻي جئن جُهڪي، گردن ڪري خم،
اهڙا مُلايم، وار نہ مون ڪنهن جا ڏٺا!

●

جُهرندي تُنهنجي جندڙي وچي ٿي سُهٽي،
اڳي جئن ڪُهٽي، تاهي تنهنجي ڪاٽِڙي.

●

رَڳُون رَبابي، اڄ تنهنجون آهن ڪٿي؟
۽ هو شرابي، هاءِ هو تنهنجون اکيون؟

●

مِٽيءَ جون آهن، ماٺهوءَ ساريون مورتيون،
ڪيڏو تيون چاهِنَ، ڇاتيءَ گل گلاب جا!

●

نارنگيءَ جهڙي، جي تنهنجي ڇاتي ڏسان!
سارنگيءَ جهڙي، جي تو ٻڌان ٻولڙي!

●

تون ڇا ڪلهه ويهي رهين،؟ منهنجي پيراندي،
منهنجي سيراندي، مَلڪَ موڙنجهاري پِيا–

●

ڪيڏي پَرڪَ پرُوڙ هُئي، تُنهنجو مونسان پيار،
مان ايڏو بيمار، تون ڪنهن سُتيءَ وانگيان.

●

ڇا هيءَ آهه وَهِي منهنجي تو سان پيارَ جي،
آئينءَ پاڻ ڪَهي، هيرُون ڪٽِي هنجَ ۾.

●

جئن هرٽي ڪا پياس ۾ اِئين تون آهين،
جڻ تو ۾ دانهين، موَن تي ڪيئي ساٿوٽيون!

●

تـو بـن نـنـڊ اچـي پـئـي، رات نـہ رئـاري،
ڏينهن نہ تو ڏارِي، ڇڻ تون ملي ٿي نہ هُئين!

●

جـڏهـن پـريـت مـري وَئـي، ٿيـو چَـنـڊَ گرهڻُ،
مون لئہ تنهنجـو چَڻ روپُ ڇُـپـي ويـو رات ۾.

●

ڪـهـڙي معنـيٰ تـو رکـي هاٿـي تنهنجو روپُ
مڙهي ڏِنـي، ڏوپُ ڪُهہ جـاٺـان ڪـاڏي ويـو!

●

تنـهـنجـي صورت سـانوري جـڏهـن ياد اَچـي،
ٻي سُڌ ڪانہ بَچِي تون ٿي تون رهجِـي وڃـيـن.

●

* هـاٿـي هَـٿ مَلـيـن پـئـي زيـب النسـا ڇـو؟
ڪنهن جي ياڪُرَ جو اڳ ۾ سوچيءِ ڇو نہ ٿي!

●

* بشڪند دستيَ ڪہ خم درگردنِ ياري نہ شُد،
ڪو رَبہ چَشي ڪہ لذّت گِير ديداري نہ شـد. (زيب النسا مخفي)
(اهو هٿ ڀڃي جو يار جي ڳچيءَ ۾ نہ پيو،
اها اک انڌي ڀلي آهي جنهن ديدار جي لذت نہ ورتي آهي) (ترجمو)

نوٽ: زيب النسا مخفي اورنگزيب جي ڌيءُ هُئي جا ساري عمر ڪنواري رهي هئي. هوءَ فارسي جي مشهور شاعره هئي، جنهن ديوانِ مخفي تصنيف ڪيو آهي.

* چُمي هن ڪي ننڊ ۾ چوان "آءُ هُڳاءُ"
تيان آسُرَ واءُ ڇاتيءَ ۾ گل جي ڇُپان.

•

** مون ڪي تو تاريو جئين تو ڪي ڪو تاري،
اهڙي ڪنهن پياري تُنهنجو شال پَلئه پَئي!

•

سُر جي سوڪَيمتا جِيان آچين تِي پيئي،
آڪين تي ڏيئِي پويان مون ڪي هَتڙا.

•

* (شوم نسيمِ شبيَ در برت ڪشم چون گل،
بِبوسَمت لب و آنگهه بگو يَمت ڪ منم. (مريد ثاني)
(جيڪر رات جي هير ٿيان ۽ تو ڪي ڇاتيءَ ۾ گل جئن ڇڪيان؛ تنهنجا
چَپ چمان ۽ ان وقت چوان ته مان آهيان -) (ترجمو)
نوٽ: سيد علي مريد ثابتي ١٢٨١ خورشيدي سال ۾ پيدا ٿيو هو ۽
خراسان ۾ مجلس شورائي مِلي جي نمائندگي ڪئي هيائين.

** ( دعوتِ من بر تو آن شد ڪايزدت عاشق ڪند
بريڪي سنگين دلي، نا مهربان چون خويشتن
تا بداني دردِ عشق و داغ مَهر و غم خوري
تا بهجر اندر به پيچي وبداني قدرِ مَن
(رابعہ قزداري)

مان ته تو لاءِ ائين چاهيان ٿي ته خدا تو ڪي ان تي عاشق ڪري جو تو
وانگر پٿر دل ۽ نا مهربان هجي، جيئن تو ڪي عشق جي درد ۽ پيار،
همدردي ۽ جدائي جي خبر پوي ۽ جدائيءَ ۾ لڇين ۽ منهنجو قدر ڪرڻي
سگهين (ترجمو).

مون جنهن لئہ سارو، پنهنجو پاڻُ لُٽائيو،
آچي اوڪارو، تنهنجون پُڏي ڳالهڙيون!

●

سارِي سارِي رات، ڪيڏو تو لئہ تانگهيو!
جيڪر تنهنجي تاتِ، تن مان آنءُ تَڙي ڪيان!

●

ايڏو ياد نہ آءِ، جو تون وچين ڪينڪي!
مون ۾ تنهنجو ساءَ، سارو جَڳُ ريٽي چَڏي.

●

تون جا ڊيلَ ڊُڪين پئي هيڏي ۽ هوڏي،
هر هر هُبڪارون ڏئي هانءُ ڏسِيَ توڏي،
مونِ ۾ ڪنهن چوڏي ڪيئي ڳَوَنچ ڦُلاريا.

●

ڪيڏو تنهنجي لاءِ، دروازي ڏي تَڪيو،
ڪولي جيئن هواءِ، ڪَمرِي ۾ آئي هَلي!

●

تُنهنجا جوڀَنَ ڏينهڙا ڪيڏيءَ رِيس ڏين!
پَر وَس روزُ جِيَن، هي پوڙهاپي جون گهڙيون!

●

جُميون چَپَن آتيون، رهنديون چَپَن ۾،
مون کي سَپَن ۾، اِئين نه آيا ڏينهڙا!

●

آلا! ڪِنهن چاتو هُيو، پوڙهاپو ايندو؟
مون ڪارڻ تَيندو، سُونَهن آسونهون ڏينهڙو!

●

مون چَيو نِندَ لَنواڻيان نِندَ لنوايو مون،
ساريون راتيون تون، اکين جي اوڏو هُئين!

●

* وَانئُر، تيزُ هوا، ڪڏهن ايندين پيٽئِين؟
ايندِي نيٽ گَهتا، گهاتا پوندا مينهڙا؟

●

* وانئر= وَٽي ڪان اڳ تر جي تيز هوا.

پاڪُر ۾ آئين، مون تي ڪري مينهَڙا،
ساوڻ جِئَن ڇائِين، سارِي عُمر ساهَ تي!

●

مون جا آندي مالتِي تنهن کان تازي تون،
پَريون اِئن پانهون ڏِسِي قول قِڪا ٿيا.

●

ڪئن تا جوين ڏينهڙا ماٺوءَ مَٽ اچن،
ڳگلڻ* ڳوَنچ ڪَڍن، جِئن ساوڻ جي رُتِ ۾.

●

مون جو موتئي ڳَجرا تو چوتي پاتا،
ڪيڏا مَدُماتا، تي ويا ڏينهن بسنت جا!

●

هُو جئن وَتايَئِ، مون ڏي پانهون پيار جون،
ءِ پو مِلايَئِ مون سان ڪَچا انگڙا!

●

* ڳگلڻ= وڻن جو قسم.

هو جي گُل گلاب جا چنڻ ڏيندينءَ مون،
تاريءَ وانگر تون، آئي آهين مون اڳيان.

●

پانهون ڪولي زندگي چَوي ”موتي آءُ“،
”منهنجو جيءَ جنڙاءُ، آهي آڌورو اچا“.

●

ڌرتيءَ تي رابيل سان آهي رات پني،
پر تي گُل چني، موتي وَڃُ بهشت مان!

●

اچا لاتا زندگيءَ ناهن اوجاڳا،
چو تو نياڳا، وچڻ جو وايون ڪرين؟

●

ڏوَ تي روئان آنءُ، جي تون ڪٽ مون کي ملين!
هانوَ ملائي هانءُ، تو کي ڏيان ڏانهڙي.

●

تون تہ هري وئي آنهي، هاڻي منهنجي موت تي،
ڪئين تہ ڦري وئي آنهي، مون کي اِيئَن آگهو ڏِسي!

●

سارو ڪوڙَ سٽاءِ هو، مون سان تنهنجي پرِيت،
ٻيو تہ ٿيو پَر نيتِ، ٻيو ۾ ناهہ اگهو ڏِسي!

●

هي جا پوئين اوتَ، تَري تائين ٿِي وِڃي،
جي مهلت ڏِين موتَ، آنءُ انهيءَ کي پِي وٺان!

●

چَپَ حياتيءَ جا، تيسين چوسيندو رهان،
تنهنجيءَ جهاتيءَ جا، جيسين پَون اولڙا.

●

مُڪڙيون جيئن ٽِڙن، اُتي آڏيءَ رات ڄِڃو،
جويَن وَن ڪِڙن، ائين تو کان آءُ ڏِني.

●

اَگـَـڻ آئينءَ ٿون، جِـيئـيـن چنـڊُ تـلاءَ ۾،
پَرتان بيهي مون، تو کـي پـڪـڙڻ چـاهـيـو.

●

تنهنجي مُرڪ نہ مُرڪ، ڪيئي ماڪيءَ جون وَٽيون،
جن مان پـري سُـرڪ، مـون مَن آيو ڪيٽ ۾.

●

تـو جـو مـون لـئـہ گُلَ آنـدا جيـاپو ڪـري،
موت جيان مون پَلَ، هاٿي ٿيندي ڪـيـنـڪـي.

●

سـڳُ نـہ سـيـاپـو، پـوءِ بہ سـڀ ڪان اوڏڙي!
منهنجـو جيـاپـو، جـڻ آ تـنـهـنـجـي وَسَ ۾!

●

پـاڇـو وِجهـي کـوهہ ۾ جِـيئـن چنـدرمـان،
تِيئن مـون تـو سان، انـدر کــي اُجـلائِـيـو.

●

تُنهنجو آندر اوپرو، لڳي ٿو مون کي،
وَرهين جڻ واري، ڇڏيون ٿو مان ڳالهڙيون.

●

ڪيڏي ون ۽ واسِ ۾ ويڙهيل ساري پُلَ،
تِن ۾ چا چا ڳُلَ، هي جي وَليون پيار جون!

●

رِمِ جِهم رهاٽيون، ڪيڏيون تو وَٽ رات جون،
ايڏيون ڪَهاٽيون، آنديون آهن تو ڪٿان؟

●

تُنهنجن چپَن کي، آنءَ چُمين سان جَهنجِهيو،
جيوَن– سپَن کي، ويڙهيو تُنهنجي واسَ ۾.

●

آءَ تہ مان پيئان، تو مان تُنهنجي پيار کي!
جيسين مان جيئان، تو مان ڏاپان ڪينڪي.

●

ڪيڏو نہ آهين، ويجهو مُنهنجي ساهہ کي!
توڙي پَرانهين، اوري ڪانَ اوري لڳين.

•

مان، بيماريءَ بستري ۾ هي تُنهنجي سارَ،
مون ڏي تنهنجي پيارَ، هَٿُ وَڌايو ويجَ جئن.

•

تون جا اُستيٿسڪوپ سان ڏيڪاري ڏين ٿي،
مون تي جُهڪين ٿي، منهنجيءَ آدجُڳاد جان!

•

تون جا ٻانهُون ٻاجَهہ جون ڏِگهيون ڪَرين ٿِي،
چڻ ڪُجهہ ڀرين ٿي، منهنجي اونهي کوهہ مان.

•

ٺهڙيءَ ٿڌيءَ رات ۾ ڇو تون وڃين ٿي؟
ٿَڪ نہ ڀڄين ٿي، مُنهنجيءَ ڇاتيءَ ۾ ڇُپي؟

•

ڇاڻي ٿون هڪڙي نہ آن، ڪيئي تو وآنگر،
واري پنهنجو گهرُ، آيون مُنهنجي پوئتان!

●

سانجهيءَ تاڻي بوسڪي پَٽَ تي پَئي آهہ،
ساري ڪَئي آهہ، ڪُهہ جاڻان ڪَنهن سيجَ تي!

●

تُنهنجا جوين ڏينهڙا توڙي ريسَ ڏين،
پَرا وَس پو بہ جين، هي پوڙهاپي جون گهڙيون!

●

آلا ڪنهن ڇاتو هيو پوڙهاپڻو ايندو!
مون لئہ نہ تيندو ڪوئي روپُ رهاڻ لئہ.

●

ڇُميون ائين آتيون رَهنديون چَپَن ۾،
مون ڪي سَپَن ۾ ايئَن نہ آيا ڏينهڙا.

●

ڪَچِّي ڇمونءَ ڳئونچ جئن، آئي آهين تون،
مون ۾ منهنجو مون، ڪويل جئن ڪوڪون ڪري.

●

ڪي پيرا مون ڪي رڳو، ڏسڻو هو تو کي،
پيچ ٻه تي پوکي، هاڻي جيڪي ونءِ ٿيا.

●

پڇڻ آئينءَ ڪونہ، اکين مان مون کي اُگهي،
توڙي تنهنجي اونَ مون لئہ لُڇڻ راتڙيون.

●

هي جا تنهنجي سارَ ڏڍُ انوکو ڏکَ ۾،
سارا پارَ آپارَ مون مانَ ميٽائي وَئِي.

●

هاڻي روئين ٿي، آءُ جڏهن جڳ ۾ نہ هان،
اِتي، ڏوئين ٿِي، لُڙڪن سان پنهنجون لٽون!

●

مُٺي پـو پـڇتـاءُ، کـهڙي ڪَمَ ايندءُ چَري!
تِنهنجو سَهجُ سُياءُ، آهه ڪـٿي مـون جـيـئَري؟

●

نيٺ تـہ تـون وسـري وَئـينءَ ڏُک ڏئـي ڏاڍُ،
مـون مـنُ تـو ڪـاڍو ڪـيـسـين رَهندو تو ٻَنا!

●

آهـو پـلـجـي چـو نـہ ٿو، نيٺ تـہ وِڇٽو آهہ؟
پـر هِـي مـڃـٽـو آهِ تو جهڙيون اڳـتـي ڪِـتـي؟

●

نَـئـيـن نَـئـيـن بـيـتَ سـان مـون ڏي وَرين تـي،
سـوچ بہ ڪـريـنِ تـي مـتـان نِـنـڊِ ڦِـتـائـيـن!

●

جـڻ هـو پَنهنجي گهُور ۾، مون کي پُورِن تيون،
اِيئين گهُورِن تـيـون، مـون کـي سُرمائيءَ اکيون!

●

هي جا وَرَ وَرَيتڙي، سَنجها جيو ڏِيئو،
نڪ نڪ تي ليئو، پائي ٿي آسائتو.

●

ڪلهه ڪان گهوٽ ڪنوارِ ڪي ريجهايو آهي،
ڪَٿَ پئي ٿاهي، ڏوراپا واري ڪَري.

●

جڻ تون سانوَڻ مِينهَن ۾، ڪو وڻ انبِ جيان!
ڪيئن ٻُڌايان مان! تو سان گهاريون جي گهڙيون.

●

پٿر ۾ ڪا شَءِ پئي جڻ ڪا ٽاٽي تاتِ،
آجنتا، اڏ رات، تون ٿان جيئَن ٻه مورتيون.

●

جئن نديءَ ۾ ناوَ، وَجي ماٺي نير ۾،
تنهنجي سَهج سُياوَ، ناري مون مَن موهيو.

●

هڪ ته گنگا لهر بيو، اُن تي پوي چنڊ،
تو سان مون وٽ مَنڊُ، پاسي رکي پاپ کي.

●

جيئين رات جي مهڪي، ائين تون،
آئين، ويجهو مون، هيئون هيڪارون تيو.

●

منهنجو تو سان ايترو آهي سهج سُباءُ،
چنڊ چوي جڻ آءُ، آڏيءَ رات تلاوَ ڪي.

●

اونهاري جي پُٽَ ۾ هيڙ پره جي جيئن،
تنهنجي آئي تيئن، مون مَن مونجهه لهي وئي!

●

تو سان لون لڳاءِ، ايڏو تيو اوچتو!
ڏسي چيو "آءُ، صديون تو لئه تيون سڪن!"

●

# ڀل نامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ١٥ | ١٣ | ڪني | ڪه |
| ١٩ | ١١ | آهي پر هن | آهي ۽ هن |
| ٢٥ | ٩ | سرو جا | سرو جي |
| ٣٠ | ٢٠ | واڄايا. جي | وڄايا، جي |
| ٣٢ | ٨ | تڏهن پوءِ به | تڏهن به |
| ٣٣ | ٢١ | ٻڌايو ان | ٻڌايو جنهن |
| ٣٨ | ١٥ | آهيون. پنهنجي | آهيون، پنهنجي |
| ٣٨ | ٢٠ | آهن. بي | آهن، بي |
| ٤٠ | ١٦ | آهي. جو | آهي، جو |
| ٥٢ | ٧ | S.E آهي. | S.E آهي،- |
| ٥٣ | ١ | دل جو | دل جي |
| ٥٤ | ٢١ | ڏين، اهڙا | ڏين. اهڙا |
| ٥٥ | ٢ | روشن خيال | روشن خيالي |
| ٥٦ | ٢٦ | آهي. سوڀو | آهي، سوڀو |
| ٥٨ | ١٢ | پارن، جي | پارن سميت |
| ٥٩ | ٣ | ايترو ته اعتبار | ايترو اعتبار |
| ٦٢ | ١٢ | انهيءَ، ڳالهه | انهيءَ ڳالهه |
| ٦٣ | ١١ | هو. ائين ڇو | هو. ڇو |
| ٦٣ | ٢٦ | چاهيان ٿو | چاهيان نه ٿو |
| ٦٥ | ٢٢ | ڪلام ۾ | ڪلام جو |
| ٦٦ | ١٧ | وزارت | موزارت |
| ٧١ | ٢٢ | Anges، | Agnes ٻڌايو |
| ٧١ | ٢٤ | آهي | آنهيءَ |
| ٧٢ | ٢٧ | ڏانش ورور | دانش ورو" |
| ٧٣ | ١٨ | ڏين. | ڏين، |

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٧٣ | ١٩ | ڏنيو | ڏنيون |
| ٨٢ | ٧ | رکيو هندو | رکيو هوندو. |
| ٨٦ | ٢٤ | هوء سان | هوءِ سان |
| ٨٧ | ١ | transistory | Transitory |
| ٩٦ | ٦ | ڪائونسل | ڪانسل |
| ٩٩ | ٧ | نيرا اسان جي | نيرا اتان جي |
| ٩٩ | ٢٢ | ڪجاڻ" | ڪجاڻ." |
| ١٠٠ | ٤ | ڪين ڪين | ڪين، ڪين، |
| ١٠١ | ١٩ | وينندي رهي | وينندي رهيي |
| ١٠٥ | ٥ | جارج آرويل | جارج آرويل. |
| ١٠٥ | ٢٥ | انلڳيءَ قوم | انلڳيءَ جي قوم |
| ١٠٦ | ٢٦ | آخ سدائين | آخچا سدائين |
| ١٠٩ | ٢٢ | حيايتون | حياتيون |
| ١١٦ | ٧ | سرٽ. | سرٽ، |
| ١١٧ | ٤ | آتي | آتي، |
| ١٢٠ | ١١ | تيز | تيرا |
| ١٢٤ | ٢ | ائين | ائين |
| ١٢٤ | ٣ | اڏيندي | اڏيندي |
| ١٢٥ | ٧ | تو | تون |
| ١٢٦ | ٤ | هي | آهي |
| ١٢٩ | ٢ | ڳوڙهويون | ڳوڙهيون |
| ١٣٦ | ٦ | جوئي | جوئي |
| ١٣٩ | ١ | چاء | جوء |
| ١٣٩ | ٨ | آسون سون | آسون چڻ سون |
| ١٤٠ | ٩ | وڙي | واڙي |
| ١٤٠ | ١٠ | پيهون، اوندهه سان | پيهون، اوندهه ۾ |
| ١٤١ | ١٠ | رکاء | ڪيء |

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ١٤٢ | ٨ | دنيا | دُنيا |
| ١٤٦ | ٨ | ڪينڪي | ڪينڪي؟ |
| ١٤٧ | ٢ | ڪٻار | ڪپار |
| ١٥٠ | ٦ | رسان، جيڪر | رسان؛ جيڪر |
| ١٥٤ | ٥ | پيدائن! | پيدائيون! |
| ١٥٥ | ٣ | تيز هوا لري! | تيز لري! |
| ١٥٥ | ٧ | چاهي | چاهيِ |
| ١٥٥ | ١٢ | زلي= | آڙلي= |
| ١٥٨ | ١ | انهيءَ | اِنهيءَ |
| ١٦٧ | ٧ | هيءَ جا | هيءَ جا |
| ١٦٩ | ٨ | وچ | وِچ |
| ١٧٢ | ٤ | پچائشت | اچائشت |
| ١٧٣ | ٥ | تو چپر تو | تون چپر تون |
| ١٧٤ | ٨ | گاڻو؟ | گاهٽو |
| ١٧٥ | ٦ | ڪيتري، | ڪيتري! |
| ١٧٧ | ٨ | تراز | بزار |
| ١٨٣ | ١ | آنهيءَ | آنهيءَ |
| ١٩١ | ٣ | تووارا | ترورا |
| ١٩٣ | ٥ | سبان پولي | سان— پولي |
| ١٩٣ | ٩ | تو | توف |
| ١٩٦ | ٤ | آءَ | آنءَ |
| ٢٠١ | [illegible] | عمات | عبات |
| ٢٠١ | ٧ | تنهنجي | تنهنجي |
| ٢٠٤ | ٢ | جن تي پوري ڪنڊ جا | پوري نندي ڪنڊ جا |
| ٢٠٤ | ١٠ | ڪهري | ڪهري |
| ٢١١ | ٢ | ڪندءَ | ڪندءَ |
| ٢١٧ | ١٠ | تنهنجي | تنهنجي |

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٢٣٧ | ١٠ | سين، | سيئن، |
| ٢٥٥ | ٨ | آئي سنهنجي اوڏوڙو، | آئي سنهنجي اوڏڙو، |
| ٢٥٨ | ٣ | زگو جوين راتڙيون آهن سمهڻ لاءِ | هي جي جوين راتڙيون سمهي ڪونه وڃاءِ |
| ٢٥٨ | ٤ | اڪثر | اڪث |
| ٢٧٤ | ٥ | ڪبويتا | ڪتويتا |
| ٢٨٠ | ٤ | گنهر | ڳيهر |
| ٢٨٢ | ٦ | هتو | هئو |
| ٢٨٥ | ١٠ | آنءَ | آنءُ |
| ٢٨٨ | ٦ | اگهنڊ | گهنڊ |
| ٢٩٦ | ٨ | دانگيءَ | ڏانگيءَ |
| ٢٩٧ | ١٠ | ڏڪ | ڏوڪ |
| ٢٩٩ | ٤ | انداهيءَ | اونداهيءَ |
| ٣٠١ | ٦ | پاڙ | پاڙ |
| ٣٠٣ | ٤ | پاهي | آهي، |
| ٣٠٩ | ١ | تون، | تون، |
| ٣١٦ | ٩ | پچاٽو | پڇاٽو |
| ٣١٦ | ١٠ | وڳوٽو | ويڳاٽو |
| ٣١٧ | ٢ | پل | پيتل |
| ٣١٨ | | ڇاٽيل | ڇانيل |
| ٣٢٢ | ٧ | ڪري | ڪيري |
| ٣٢٥ | ٨ | رڃ | آڃ |
| ٣٢٥ | ١٦ | راجائي ٿئي سور= | راڄائي، ٿئي سور= |
| ٣٣٢ | ٣ | رت | رات |
| ٣٣٦ | | ڏوب | ڏوب |
| ٣٣٦ | ١٢ | چشي | چشمي |
| ٣٤٢ | ٢ | ڪئين | ڪيئن |
| ٣٤٢ | ٢ | دسي | ڏسي! |

## شيخ اياز جا ايندڙ ڪتاب

## ڪتين ڪر موڙيا جڏهن

(ڀاڱو پيون)

هن ڀاڱي ۾ شيخ اياز جون اٽڪل ١٦٧ وايون، ٧٥ نظم، آزاد نظم، دوها، گيت شامل آهن. انهن سان گڏ اٽڪل ٢٠٠ صفحا نثر ۾ انهن مشرق ۽ مغرب جي شخصيتن ۽ حالتن تي به لکيا ويا آهن جن جو ذڪر پهرئين ڀاڱي جي پيش لفظ ۽ بيتن ۽ ٻي ڀاڱي جي شاعريءَ ۾ آهي. اهي نوٽ نه رڳو سنڌي ادب پر پوري برصغير جي ادب جي هڪ بيمثال ڪوشش آهي، ۽ شاعر جي بي انتها وسيع مطالعي جو ثبوت آهي.

ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل ٥٠٠ صفحن ڪان مٿي- خوبصورت ڊائيٽل

## ننڊ وليون

## سورج مکيءَ سانجهه

جنهن ۾ سوين بيت، وايون، نظم ۽ خاص ڪري غزل آهن جن جو ترنم پنهنجي انفراديت رکي ٿو.

## انڊيا جو سفرنامو

---

نيو فيلڊس جو مارچ ١٩٩٢ع جي آخر ڌاري شايع ٿيندڙ ڪتاب

## ورهاڱي جو ورجاءُ

هن ڪتاب ۾ ماهتاب محبوب جا مضمون، ڪالم ۽ مقالا تمام دلچسپ ۽ منفرد انداز ۾ لکيل آهن.

شيخ اياز ڪتين ڪر موڙيا جڏهن (شاعري) ڀاڱو I نيو فيلڊس (157)

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪانئُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Club Exclusive نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي دِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي دِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليڳڳَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)